ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 03 آڪٽوبر 2026ع 20 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (49)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

9 مئي جهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ تي پوري طاقت سان ڪارروائي ڪئي ويندي: ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايڇ ڪيو راولپنڊي ۾ 277هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ملڪ جي اندروني ۽ ٻاهرين سلامتي واري صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ موجوده سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو وٺندي ملڪ کي هر قسم جي خطرن کان بچائڻ لاءِ اعليٰ سطح جي آپريشنل تياري برقرار رکڻ جو عزم ورجايو ويو

دهشتگردي جي سهولتڪاري ڪندڙ طالبان قيادت پنهنجي قدمن جي نتيجن جي پاڻ ذميوار هوندي (پاڪ فوج) افغانستان مان جنم وٺندڙ دهشتگردي خلاف هدفي ڪارروائين جي عزم جو اظهار

ڪنهن بہ بهاني سان ڏفيڙ پکيڙڻ يا 9 مئي جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش کي قانون تحت بنا ڪنهن فرق ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي فيصلائتي انداز ۾ ناڪام بڻايو ويندو

فورم، پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ ٽئي ٿيل مڪي گڏيل دفاعي معاهدي جو آجيان ڪندي ان کي گڏيل دفاعي سهڪار ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپن جي واڌاري لاءِ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو

تقريب جي پڄاڻي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير فارميشنز جي پيشورانہ صلاحيتن ۽ آپريشنل تيارين کي ساراهيو، انٽيليجنس جي بنياد تي ٿيندڙ ڪارروائين کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي هدايت

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) راولپنڊي ۾ 277هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ ملڪ جي اندروني ۽ ٻاهرين سلامتي واري صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل پڌرنامي موجب، ڪانفرنس ۾ موجوده سيڪيورٽي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

ڪاروباري سرگرمين ۾ آساني ۽ سيڙپڪاري لاءِ ريگيوليٽري سڌارا لازمي آهن: وزيراعظم

حڪومت ڪاروباري برادري کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ غيرضروري ضابطن جي خاتمي جي لاءِ موثر قدم کڻي رهي آهي

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ريگيوليٽري سڌارن جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس، نئين ريگيوليٽري ادارن ۾ سڌارن جو جائزو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ ڪاروباري سرگرمين ۾ آساني ۽ سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ ريگيوليٽري سڌارا لازمي آهن. حڪومت ڪاروباري برادري کي سهولتون بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: واپارين کي ڪاروبار جون بهتر سهولتون ڏيڻ جي حوالي سان اجلاس وزيراعظم جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

28ملڪن پاران عالمي برادري کان هڪ طرفا قدم ختم ڪرڻ جو مطالبو

اهڙا قدم ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ۽ گهڻ رخي نظام جا بنياد ڪمزور ڪن ٿا

هڪطرفو، جبري قدم عالمي سطح تي بي چيني ۽ بدامني جو وڏو سبب آهي

گڏيل قومون (اي پي پي)گڏيل قومن ۾ چين، روس، مصر ۽ ايران سميت 28 ملڪن عالمي برادري کان هڪ طرفہ جبري قدم بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

سعودي عرب ۾ ٻن گاڏين وچ ۾ ٽڪر 5 ماسترياڻين سميت 6 ڄڻا فوت

مڪو شريف (اي پي پي)مڪہ مڪرمہ ريجن ۾ طائف رياض ايڪسپريس وي تي ٻن گاڏين وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 6 بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

حڪومت ۽ مخالف ڌر ۾ ڳالهين جو پهريون دور مڪمل، ٻيو دور پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندو

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن جي اجلاس جو پهريون دور ٿيو

پيپلزپارٽي ۽ مخالف ڌر ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ٿي، حڪومت پيپلزپارٽي ۽ مخالف ڌر پنهنجو موقف کڻي آڏو پيش ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي ترجمان چيو آهي تہ حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين جو پهريون دور مڪمل ٿي ويو آهي. ٻيو دوراڄ چنڇر ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اعليٰ سطحي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پارت کي محمد آصف جي معاملي بابت گهٽيون وضاحتون ڏيڻيون پونديون: عطاءُ الله تارڙ

محمد آصف زندهہ ۽ خيريت سان آهي تہ ڀارتي فوج ضرور ڪنهن بيگناهہ ڪشميري کي ماريو آهي

اهو ڀارت جي لاءِ انتهائي سطح جي شرمندگي جو سبب آهي، ڀارتي فوج جعلي مقابلي ۾ بيگناهہ شخص جو قتل ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ ڊي جي آءِ ايس پي آر جي پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ محمد آصف زندهہ ۽ خيريت سان آهي تہ ڀارتي فوج ضرور ڪنهن بيگناهہ ڪشميري کي ماريو آهي جنهن جو لاش برآمد ڪرڻ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: آسٽريليا جو هاءِ ڪمشنر ٽموٿي ڪين سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي ۽ انشورنس ڪمپنين وچ ۾ مفاهمتي ياداگيري تي صحيحون

معاهدي تحت حادثن جي صورت ۾ 7 لک روپين تائين ۽ معذوري يا جسماني نقصان جي صورت ۾ 5 لک روپين تائين معاوضو فراهم ڪيو ويندو

سنڌ حڪومت پرووشنل موٽر وهيڪلز (ترميمي) ايڪٽ 2026ع تحت روڊن تي هلندڙ گاڏين لاءِ موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس لازمي قرار ڏني آهي: سيڪريٽري

ايڪٽ لاڳو ٿيڻ کان هن وقت تائين جن ماڻهن انشورنس جمع ڪرائي آهي، اهي معاهدي جي سمورن نقطن مان فائدو حاصل ڪري سگهندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي ۽ انشورنس ڪمپنين وچ ۾ مفاهمتي ياداگيري تي صحيحون ڪرڻ واري تقريب ڊي جي ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن سنڌ جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

ٽاپ 20 ۾ ڪراچي جو هڪ بہ اميدوار شامل نہ ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي: سردار رحيم

ماضي ۾ ڪراچي کي يرغمال بڻائي تعليم بدران ڪلاشنڪوف ڪلچر متعارف ڪرايو ويو

اقتدار ۾ رهندڙ حڪمرانن پنهنجن ٻارن کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ تعليم ڏياري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي تہ ايم ڊي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

صوبائي محتسب سنڌ پاران ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي ميزباني

ڊائريڪٽر (ڪوآرڊينيشن) امداد حسين صديقي وفد ۾ شامل ميمبرن جو تعارف ڪرايو

صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت وفد جي آجيان ڪئي ۽ اداري بابت ڄاڻ ڏني

شڪايتن جي طريقيڪار کي آسان بڻائڻ، عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس پاران ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان (TIP) جي اهتمام بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ڌيستائين اسان جا ٻار پنهنجي ٻولي ۽ ثقافتي ورثي کي نہ سمجهندا، تيستائين ٻولي ترقي نہ ڪندي: ذوالفقار شاهہ

حيدرآباد ۾ سنڌي ٻولي جي سماجي ۽ ثقافتي اهميت بابت سيمينار، نصاب بهتر بڻائڻ ۽ يونيورسٽي سطح تي تحقيق کي هٿي ڏيڻ تي زور

ٻارن ۾ سنڌي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ معياري تعليم ۽ ٻارن جي ادب کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي: مقرر

سنڌو لکت بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت، ٻولي اٿارٽي پاران جلد سنڌو لکت تي سيمينار ڪرائڻ جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهہ چيو آهي تہ لئنگئيج اٿارٽيءَ هن اهم موضوع تي سيمينار منعقد ڪرڻ بهتر عمل آهي اهڙو اظهارهن حيدرآبادجي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، سماجي حيثيت،
علم، تاريخ ۽ ثقافت حوالي سان سيمينار
حيدرآباد: صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهہ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ سماجي حيثيت بابت سيمينار ۾ شريڪ آهي

ريجنل ڊراما فيسٽيول 2026ع ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامو "اميد" پيش

ليکڪ يعقوب ڪلهوڙو جڏهن تہ هدايتڪار رضوان صابر ۽ اسسٽنٽ ذوالفقار عيسي هئا

ماڻهن جي زندگي، سندن محنت، مشڪلاتن، ڏکن خوشين ۽ احساسن کي اجاگر ڪيو ويو

ڊرامي جي اسٽيج سيٽ ۾ ماڻهن جي زندگي ۽ ساموندي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) آرٽس بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

عمر شريف پاڪستان جو اهم قيمتي سرمايو هو جنهن جو ڪو متبادل ممڪن ناهي: سيد ذوالفقار علي شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهہ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

سعودي عرب پاران يمن کي بجيٽ جي مد ۾ 60 ملين ڊالرز فراهم

اها فنڊنگ يمن جي حڪومت جي درخواست تي ڪئي وئي

گرانٽ جو مقصد ڪيش فلو مالياتي پاليسي ۽ يمني عوام کي سهارو ڏيڻ آهي

صنعا (اي پي پي)سعودي عرب يمن جي حڪومت کي بجيٽ سپورٽ جي مد ۾ 224 ملين سعودي ريال (60 ملين ڊالرز) بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

عالمي منڊين ۾ ڪچو تيل سستو، سون ۽ زرعي جنسن جي قيمتن ۾ اضافو

سون، چانڊي ۽ ڪٽڪ سميت ٻين زرعي جنسن جي اگهہ ۾ اضافو رڪارڊ

اسپاٽ گولڊ جو اگهہ 5 ڊالرن جي واڌ سان 4182.62 ڊالر في اونس ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ جمعي ڏينهن ڪچي تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن تہ سون چانڊي ۽ ڪٽڪ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

قومي بچت اسڪيمن جي منافعي جي شرح ۾ تبديلي

شارٽ ٽرم سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح 11.31 سيڪڙو مقرر

ڊفينس سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح 11.80 ٿي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) ڊائريڪٽوريٽ آف نيشنل سيونگز قومي بچت جي مختلف اسڪيمن تي منافعي جي شرح ۾ تبديلي ڪي ڇڏي آهي نئين شرح پهرين آڪٽوبر 2026ع کان لاڳو ٿي وئي آهي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

سعودي عورت ديما اليحيئ گڏيل قومن جي اعليٰ سطح جي پينل جي ميمبر مقرر

ديما اليحيئ خشڪي جو شڪار اسرندڙ ملڪن جي فريڊم آف ٽرانزٽ پينل ۾ مقرر

رياض (اي پي پي)گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيوگوتريش سعودي عورت ديما اليحيئ کي خشڪي جو شڪار اسرندڙ ملڪن جي فريڊم آف ٽرانزٽ بابت اعليٰ سطح جي پينل (HLP-FoT) جو بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

آمريڪا پاران 119 بلين ڊالرن جا سرڪاري ڪاغذ ۽ بانڊ نيلام ڪرڻ جو اعلان

58بلين ڊالرن جا 3 سالن جا ڊيبٽ سيڪيورٽيز نوٽيس نيلام ٿيندا

واشنگٽن(اي پي پي) آمريڪي ناڻي کاتي ايندڙ هفتي مجموعي طور تي 119 بلين ڊالرن جي ماليت جي ٽن سالن ۽ 10 سالن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

سنڌ پوليس جي ايمرجنسي سروسز کي هڪ مرڪزي نظام تحت منظم ڪرڻ جو فيصلو

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڊي آءِ جيز سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول، هيڊڪوارٽرز ۽ ٻين ادارن شرڪت ڪئي

مرڪزي نظام تحت مددگار-15 کي سڄي سنڌ لاءِ هڪ جديد ۽ مربوط ايمرجنسي رسپانس سسٽم سان ڳنڍيو سگهجي ٿو: بريفنگ

سينٽرلائزڊ ايمرجنسي سروسز ذريعي شهرين کي تيز رفتار ۽ مربوط ايمرجنسي خدمتون فراهم ڪري سگهبيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سنڌ پوليس جي مختلف ايمرجنسي سروسز کي صوبي جي سطح تي هڪ مرڪزي نظام تحت منظم ڪرڻ بابت اجلاس سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ منعقد ٿيل اجلاس ۾ ڊي آءِ جيز سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

SINDH POLICE
ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ پوليس جي مختلف سهولتن کي مرڪزي ڪنٽرول تحت آڻڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌ حڪومت 13 هزار ڪان وڌيڪ اسڪيمون شروع ڪيون، 9 هزار کان وڌيڪ مڪمل آهن: شرجيل ميمڻ

ٻوڏ متاثر علائقن ۾ 724 ڪلوميٽر روڊن مان 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي

جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ کي وڌائڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، اورنج لائن ۽ گرين لائن ذريعي لکين ماڻهن کي سفري سهولتون ڏنيون ويون

وڌيڪ ئيون اي وي بسون ۽ ڊبل ڊيڪر بسون جلد ڪراچي پهچي وينديون، حڪومت ترقياتي رٿائن کي وقت تي پورو ڪرڻ تي ڀرپور ڌيان ڏئي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت جي پهرين اوليت بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل طرفن کان هلندڙ هوائي فائرنگ سبب ٻہ ٻار زخمي

بلديہ سيڪٽر 4-سي ۾ هڪ ٻارڙي پنهنجي گهر اندر گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پئي

گهڪهر ڦاٽڪ ويجهو پراسرار فائرنگ سبب هڪ ٻار زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر ۾ اڻڄاتل طرفن کان هلندڙ هوائي فائرنگ جو سلسلو جاري آهي، مختلف علائقن ۾ پيش بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

ملير ۾ موٽرسائيڪل سوارن جي فائرنگ سبب سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو

مقتول جي سڃاڻپ 25 سالن جي علي رضا ولد نثار طور ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير 15 واري علائقي ۾ تعمير هيٺ شاپنگ مال تي موٽرسائيڪل سوارن جي انڌا ڌنڌ فائرنگ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

ڪراچي: پ پ ايم اين اي قادر خان مندوخيل گورنر نهال هاشمي سان سندس سهري جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪورنگي ۾ پوليس اهلڪارن تي حملي 9 جوابدار گرفتار

حملي ۾ پوليس اهلڪار عامر علي ۽ عتيق ڪلوڙ زخمي ٿي پيا هئا

جوابدارن خلاف عوامي ڪالوني ٿاڻي تي مختلف قلمن تحت 5 ڪيس داخل ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪورنگي پوليس جي عوامي ڪالوني ٿاڻي جي حد ۾ پوليس چوڪي تي پوليس اهلڪارن تي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس

جاچ هيٺ ڪيسن ۾ اڳڀرائي ۽ ايندڙ حڪمت عملي تي ڀرپور غور ڪيو ويو

جديد جاچ وارن ذريعن سان فائدو وٺندي جوابدارن جي گرفتاري يقيني بڻائي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڊي آءِ جي سي آءِ اي مقدس حيدر ڊي آءِ جي نعيم شيخ، ضلعي ايس بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

حيدرآباد: صوبائي صلاحڪار سرفراز راجڙ مقامي ڪاليج جي تقريب ۾ شريڪ آهي

لاهور: هڪ نوجوان موٽر سائيڪل تي پڻ گسائڻ واري مشين کڻي ويندي

قصور ويجهو ڀارتي بارڊر فورسز جي فائرنگ، 2 پاڪستاني شهري شهيد، هڪ زخمي

ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز جي فائرنگ سبب 2 غير هٿياربند پاڪستاني شهري شهيد ٿي ويا

لڌڙ ڳوٺ جا 3 پاڪستاني شهري بارڊر پلر کان ڪجهہ قدم اڳتي وڌيا تہ بي ايس ايف بنا ڪنهن وارننگ جي کين نشانو بڻايو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز جي فائرنگ سبب 2 غير هٿياربند پاڪستاني شهري شهيد ٿي ويا. ڀارتي بارڊر سيڪيورٽي فورسز پاڪ ڀارت عالمي سرحد تي قصور پرسان 3 بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

وڏي وزير پاران نون اپ گريڊ ڪيل سمورن اسڪولن کي 2 اپريل 2027ع کان فعال بڻائڻ جي هدايت

اسڪولن کان ٻاهر رهيل ٻارن کي ڪلاسن ۾ واپس آڻڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ هڪ جارحاڻي داخلا مهم شروع ڪئي وڃي: مراد علي شاهہ

پائلٽ داخلا مهم جي نتيجي ۾ صرف نوڏينهن اندر ڇهين کان ڏهين ڪلاس ۾ 702 شاگردن جي رجسٽريشن ٿي آهي: سردار علي شاهہ

انهن مان 409 ڇوڪريون هيون، جڏهن تہ اسڪولن کان ٻاهر رهيل ۽ پڙهائي ڇڏي ويل 102 ٻارن کي واپس اسڪول آندو ويو

ڪميونٽي موبلائيزيشن ٽيمن 116 فيڊر اسڪولن جو دورو ڪيو، 17 محلن ۽ 23 ڳوٺن تائين پهتيون ۽ گهر گهر آگاهي مهم هلائي

تعليم سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ سمورا اسٽيڪ هولڊرز گڏجي ڪم ڪن تہ جيئن داخلا کي وڌ کان وڌ بڻائي سگهجي: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جمعي ڏينهن اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي آهي تہ سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پروجيڪٽ تحت نون اپ گريڊ ڪيل سمورن اسڪولن کي 2 اپريل 2027ع کان فعال بڻائڻ کي يقيني بڻايو بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت ۾ نون اپگريڊ ٿيل اسڪولن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي صوبائي وزير سردار شاهہ پڻ موجود آهي

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

اليڪشن ڪميشن متحده علماءِ مشائخ ڪائونسل جي انٽرا پارٽي اليڪشن جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

مديني ۾ مسجد نبوي ﷺ جي بجلي مرڪز تي حملي جي شديد مذمت، سعودي عرب سان گڏ آهيون: پاڪستان

پاڪستان حوثي باغين طرفان مديني ۾ پاور ڊسٽريبيوشن اسٽيشن تي ڪيل حملي جي سخت مذمت ڪري ٿو

"مسجد نبوي ﷺ کي بجلي فراهم ڪندڙ شهري بنيادي ڍانچي تي حملو هڪ سنگين اشتعال انگيزي آهي:پرڏيهي وزارت

حرمين شريفين جي تحفظ ۽ زائرين جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سعودي عرب جي ڪوششن ۾ مضبوطي سان گڏ بيٺا آهيون.

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي تہ پاڪستان 29 سيپٽمبر 2026ع تي حوثي باغين طرفان مديني ۾ پاور ڊسٽريبيوشن اسٽيشن تي ڪيل حملي جي سخت مذمت ڪري ٿو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ آوارا ڪتن جو مسئلو ڊگهي عرصي کان موجود آهي: چيف سيڪريٽري

انڊس اسپتال جي سهڪار سان ريبيز جي علاج جون سهولتون بهتر ڪيون ويون آهن

سڄي صوبي ۾ ريبيز کان بچاءَ ۽ علاج جا 278 يونٽ اپ گريڊ ڪيا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهہ چيو آهي تہ سنڌ ۾ آوارا ڪتن جو مسئلو ڊگهي عرصي کان موجود آهي جڏهن تہ ڪيترن ئي اسپتالن ۾ ريبيز جي ڪيسن جي علاج جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

ڪراچي: انڊس اسپتال ۾ چيف سيڪريٽري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ناڻي وزير سان عالمي بئنڪ جي وفد جي ملاقات، معاشي سڌارن جي پائيداري ۾ اڳڀرائي جو جائزو

ادارجاتي سڌارن سميت مختلف شعبن ۾ عملدرآمد جي ترجيحن ۽ معاشي معاملن تي بابت خيالن جي ڏي وٺ

ڏيان اهڙن عملي قدمن تي هجڻ گهرجي جيڪي معاشي سرگرمي، سيڙپڪاري، روزگار ۽ مجموعي ڪاروباري ماحول ۾ بهتري آڻي سگهن: ناڻي وزير

ملاقات دوران ٻنهي ڌرين طرفان معاشي سڌاراجاتي پائيداري تحت مسلسل تعاون جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب سان پاڪستان ۾ عالمي بئنڪ جي وفد ملاقات ڪئي جنهن دوران جاري معاشي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: برطانوي هاءِ ڪمشنر جين مريٽ گڏجاڻي ڪري رهي آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي پڄاڻي تي ٻاڙائي جو رجحان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

وزيراعظم پاران اتر وزيرستان جي علائقي عيدڪ ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن ۾ 7 خوارج کي جهنم واصل ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

ايس ايس جي سي ايل جي گئس جي وڌندڙ غير حساب نقصان جي مسئلي جو جائزو

ڪميٽي کي ايس ايس جي سي ايل جي ٽيم ورڪ کي درپيش اهم آپريشنل چئلينجن، مالي اثرن ۽ وڌندڙ ٽرانسميشن نقصانن بابت بريفنگ

عوامي وسيلن جي تحفظ ۽ عوامي سهولت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هلندڙ ۽ مقرر وقت تي ٻڌل حڪمت عملي جوڙي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ (ايس ايس جي سي ايل) جي گئس جي وڌندڙ غير حساب نقصان (يو ايف جي) جي مسئلي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

ڪراچي يونيورسٽي جي مستقل وائيس چانسلر جي مقرري لاءِ اميدوارن جا انٽرويو مڪمل

ڊاڪٽر وسيم قاضي، ڊاڪٽر معظم علي خان ۽ ڊاڪٽر شفيق الرحمان جو انٽرويو وڏي وزير ڪيو

ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جو عهدو 28 جولاءِ کان خالي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ جي وڏي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

گل پلازا سانحي جي ڪيس ۾ عدالت پاران فيصلو محفوظ

جوابدار تنوير پاستا، رمضان، امين، عمار نعمت الله ۽ حذيفہ عدالت ۾ پيش ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي جي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار هارون اختر قيمتي پٿرن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

حيدرآباد: حيسڪو جو عملو تارون ڪنيا لڳائي رهيو آهي

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ تشدد جي خاتمي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ تشدد جي خاتمي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد سڄي دنيا ۾ تشدد جي روڪ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

صوماليہ جي سمنڊ ڪناري ويجهو پاڪستاني عملي جا 4 ميمبر حفاظت سان بازياب

ٽي پاڪستاني عملي جا ميمبر مرحوم، رفيع الله مرحوم، ڪاشف عمر ۽ مرحوم، محمود انصاري گڏيل ڪوششون ڪيون

ضابطاجاتي ڪارروائين کي تيز رفتاري سان مڪمل ڪيو پيو وڃي تہ جيئن ان عمل کي جلد کان جلد مڪمل ڪري سگهجي

باقي پاڪستاني عملي جا ٽي ميمبر عمران علي، ياسين محمد ۽ سيد يوسف حسين ڪپتان سان گڏ بدستور جهاز ۾ موجود

اسلام آباد (اي پي پي) صوماليہ جي سمنڊ ڪناري ويجهو هاءِ ڪيل ٿيندڙ ايم وي آنر 25 جي پاڪستاني عملي جي 4 ميمبرن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

ڪراچي مان هٿ آيل نور جوکيو وارثن حوالي، ڪلثوم سيف هائوس منتقل

مائيٽن پاڻ ۾ ملڻ نٿي ڏنو جنهن لاءِ اهڙو قدم کنيو ويو: بازياب ڪرايل نينگريون

ڪلثوم آفريدي جا وارث ظاهر نہ ٿيڻ تي کيس سيف هائوس منتقل ڪيو ويو آهي: پوليس

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي واسي گم ٿيل ٻہ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

سعودي عرب ۾ ٻن گاڏين وچ ۾ ٽڪر 5 ماسترياڻين سميت 6 ڄڻا فوت

مڪو شريف (اي پي پي)مڪہ مڪرمہ ريجن ۾ طائف رياض ايڪسپريس وي تي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

ڪوٽڙي سائيٽ خورشيد چوڪ وٽ ڪچن دڪانن ۾ اوچتو باهہ، 60 دڪان سڙي ويا

سبزي فروش، چپلن جا دڪان، فروٽ ، دهي جا دڪان، ڪپڙي جا دڪان، ريڙها تڙي رکيل ڪئبنون باهہ جي ور چڙهي ويون

موقعي تي موجود ماڻهن ۽ مارڪيٽ ميمبرن ۽ آسپاس جي ماڻهن سان ملي باهہ تي ضابطو آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر سڙندڙ باهہ جي آڏو نہ هلي سگهي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ خورشيد چوڪ مين نيشنل هائي وي وٽ ڪچن دڪانن ۾ اوچتو باهہ ڀڙڪي اٿي جنهن سبب باهہ سڄي ڪچي مارڪيٽ کي وڪوڙي ويئي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

ڪوٽڙي: عارضي مارڪيٽ ۾ باهہ لڳڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

آمريڪي قونصليٽ ڪراچي جي اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن ٽيم جو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جو دورو

سيف جسڪاڻي ۽ عامر سومرو جي صحافين سان ملاقات، علائقائي ميڊيا جي صورتحال ۽ مقامي معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ

صحافين علائقي ۾ صحافت کي درپيش مسئلن کان آگاهہ ڪيو، قونصليٽ ٽيم پاران مقامي صحافين جي تجربي کي ساراهيو ويو

قونصليٽ ٽيم کي سنڌ جو روايتي تحفو اجرڪ ۽ لنگيون پارايون ويون، صحافين سان رابطا جاري رکڻ جو اعلان

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ آمريڪي قونصليٽ جنرل ڪراچي جي اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن ٽيم پاران ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جو دورو ڪيو ويو دوران آمريڪي قونصليٽ جي ٽيم جي اڳواڻن بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

بقايا 1 روزاني عبرت

صورتحال جو جائزو وٺندي ملڪ کي هر قسم جي خطرن کان بچائڻ لاءِ اعليٰ سطح جي آپريشنل تياري برقرار رکڻ جو عزم ورجايو ويو. فورم دهشتگردي خلاف پاڪستان جي دفاع جي حق جي توثيق ڪندي افغانستان مان جنم وٺندڙ دهشتگردي خلاف هدفي ڪارروائين جي عزم جو اظهار ڪيو بيان ۾ چيو ويو ته دهشتگردي جي سهولتڪاري ڪندڙ طالبان قيادت پنهنجي قدمن جي نتيجن جي پاڻ ذميوار هوندي. فورم قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان انٽيليجنس بيسڊ دهشتگردي مخالف ڪارروائين کي ساراهيندي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته فوجي قدمن سان گڏ غير فوجي قدمن کي به اثرائتو بڻايو وڃي. ان سلسلي ۾ هيٺين سطح تي عوامي ڀلائي تي ٻڌل طرز حڪمراني، عوام سان اثرائتا رابطا، دهشتگردي ۽ ڏوهن جي گٺ جوڙ جو خاتمو ۽ پوليس جي صلاحيت وڌائڻ کي اهم قرار ڏنو ويو آهي قدم نيشنل ايڪشن پلان ۽ ويزن عزم استحڪام موجب قرار ڏنا ويا. ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس اندروني استحڪام جي اهميت تي زور ڏيندي واضح ڪيو ته ڪنهن به بهاني سان ڏليڙ پکيڙڻ يا 9 مئي جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش کي قانون تحت بنا ڪنهن فرق ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي فيصلائتي انداز ۾ ناڪام بڻايو ويندو. فورم پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ طئي ٿيل مکي گڏيل دفاعي معاهدي جو آجيان ڪندي ان کي گڏيل دفاعي سهڪار ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپن جي واڌاري لاءِ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ڪانفرنس سعودي عرب تي حوثين جي حملن جي سخت مذمت ڪئي سعودي عرب سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ حرمين شريفين جي تحفظ ۽ تقدس لاءِ پاڪستان جو عزم ورجايو اجلاس ۾ ۾ والاريل ڪشمير جمون ۽ ڪشمير جي صورتحال تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي فورم ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب منصفاڻي حل جي حمايت جو عزم ورجايو آءِ ايس پي آر موجب، تقريب جي پڇاڙي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير فارميشنز جي پيشورانه صلاحيتن ۽ آپريشنل تيارين کي ساراهيو هن ڪمانڊرن کي هدايت ڪئي ته انٽيليجنس جي بنياد تي ٿيندڙ ڪارروائين کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي ۽ جديد ٽيڪنالاجي، تربيت ۽ ملٽي ڊومين انٽيگريشن ذريعي دفاعي صلاحيتون وڌايون وڃن فيلڊ مارشل عاصم منير ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته قوم جي ڀرپور حمايت سان هٿيارٻند فوجون پاڪستان جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ قومي سلامتي جي تحفظ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن

بقايا 2 روزاني عبرت

فراهم ڪرڻ ۽ غيرضروري ضابطن جي خاتمي جي لاءِ موثر قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري پڌرائي موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ريگيوليٽري سڌارن جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس جمعي ڏينهن ٿيو اجلاس ۾ ڪاروبار ۾ آسانيءَ، سيڙپڪاري جي فروغ ۽ ريگيوليٽري نظام کي وڌيڪ موثر، شفاف ۽ ڪاروبار دوست بڻائڻ جي حوالي سان قدمن جو جائزو ورتو ويو. وزيراعظم چيو ته ڪاروباري سرگرمين ۾ آساني ۽ سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ ريگيوليٽري سڌارا لازمي آهن. حڪومت ڪاروباري برادري کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ غيرضروري ضابطن جي خاتمي جي لاءِ موثر قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم چيو ته ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان (ڊريپ) ۾ سڌارن جي ذريعي ان کي جديد رخن تي قائم ڪيو ويو آهي انهي طرز تي ٻين ريگيوليٽري ادارن ۾ پڻ سڌارا آندا وڃن وزيراعظم هدايت ڪئي ته ريگيوليٽري رجسٽري جوڙي وڃي ته جيئن ملڪ ۾ موجود سمورين ريگيوليٽري گهرجن ۽ قاعدن ۽ ضابطن کي هڪ جامع نظام تحت جوڙي سگهجي. وزيراعظم چيو ته ڪاروبار ۾ آسانيءَ جي لاءِ آسان ڪاروبار ايڪٽ کي سڄي ملڪ ۾ لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن سمورن صوبن ۾ ريگيوليٽري نظام ۾ هم آهنگي پيدا ٿئي ۽ ڪاروباري ماڻهن کي هڪ جهڙيون سهولتون ميسر اچن. وزيراعظم هدايت ڪئي ته ريگيوليٽري سڌارن جي اثرن ۽ اهميت جو جائزو وٺڻ جي لاءِ انهن سڌارن جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن پڻ ڪرائي وڃي ته جيئن سڌارن جي عملي نتيجن جو غيرجانبدارانه جائزو وٺي سگهجي. وزيراعظم چيو ته ڪاروبار ۾ آسانيءَ سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿي. سيڙپڪارن کي سازگار ۽ آسان ڪاروباري ماحول فراهم ڪرڻ ڪانسواءِ ملڪي ۽ غيرملڪي سيڙپڪاري جا گهربل هدف حاصل نه ٿا ڪري سگهجن. وزيراعظم هدايت ڪئي ته خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) پاران ڪيل ريگيوليٽري سڌارن کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪيو وڃي ته جيئن ڪاروباري برادري انهن سڌارن کان آگاهه هجي ۽ ان مان ڀرپور فائدو کڻي سگهي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته ايس آءِ ايف سي جو وفد سمورن صوبن جو دورو ڪري ۽ صوبائي حڪومتن کي ريگيوليٽري سڌارن جي عمل ۾ اعتماد ۾ وٺي ته جيئن سڄي ملڪ ۾ ڪاروباري سهولتڪاري ۽ ريگيوليٽري نظام ۾ هم آهنگي پيدا ڪري سگهجي. وزيراعظم صنعت واري صلاحڪار هارون اختر خان کي هدايت ڪئي ته صوبن جي دورن جي لاءِ وفد جي قيادت ڪري ۽ ريگيوليٽري سڌارن جي حوالي سان صوبائي حڪومتن سان موثر رابطن کي يقيني بڻائي. وزيراعظم سمورين وزارتن ۽ ڊويزن کي هدايت ڪئي ته اهي ڪابينا پاران منظور ٿيل سڌارن تي وقت سر عملدرآمد کي يقيني بڻائين هن ايس آءِ ايف سي ۽ چيف سيڪريٽري پنجاب کي هدايت ڪئي ته اهي مارچ 2027ع تائين اي – بز پنجاب ۽ بي ايف سي اسلام آباد جي انضمام جو عمل مڪمل ڪن وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سڌارن جي نتيجي ۾ ڪاروباري ادارن کي ٺوس فائدا حاصل ٿيڻ گهرجن. هن ايس آءِ ايف سي کي هدايت ڪئي ته اها نجي شعبي سان فعال تعاون ڪري ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته فراهم ڪيل سهولتن بابت موثر طريقي کان آگاهي ڏني وڃي ۽ ان مان فائدو کنيو وڃي.

بقايا 3 روزاني عبرت

قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي ترجمان موجب قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن جي اجلاس جو ٻهريون دور ٿيو حڪومتي وفد پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن وچ ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي حڪومت پيپلزپارٽي ۽ مخالف ڌر پنهنجو موقف هڪٻئي آڏو پيش ڪيو مختلف معاملن تي صبر سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ڳالهين جو ٽيون دور اڄ ڇنڇر ڏينهن منجهند 2 وڳي اسپيڪر چيمبر ۾ منعقد ٿيندو حڪومت ۽ پي پي پي مخالف ڌر سان قومي مسئلن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو ترجمان چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق حڪومت، پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن امير مقام، راڻا ثناءُ الله، محسن نقوي، طارق فضل چوڌري، مملڪتي وزير طلال چوڌري، سينيٽر شيري رحمان، قومي اسيمبلي جي ميمبرن نويد قمر اعجاز جکراڻي جڏهن ته مخالف ڌر جا اڳواڻ بئريسٽر گوهر خان، راجا ناصر عباس، ملڪ عامر ڊوگر ۽ اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر ڪانسواءِ سلمان اڪرم راجا به اجلاس ۾ شريڪ ٿيا

بقايا 4 روزاني عبرت

ڀارتي فوج ضرور ڪنهن بيگناهه ڪشميري کي ماريو آهي جنهن جو لاش برآمد ڪرڻ جي هو دعويٰ ڪري رهي آهي. وفاقي وزير جمعي ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ چيو ته ڊي جي آءِ ايس پي آر پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ محمد آصف کي پيش ڪيو ان ڪانپوءِ ڀارتي ڌر کي ان معاملي تي تمام گهڻيون وضاحتون ڏيڻيون پونديون اهو ڀارت جي لاءِ انتهائي سطح جي شرمندگي جو سبب آهي. هن چيو ته ڀارتي فوج جعلي مقابلي ۾ ڪنهن بيگناهه شخص کي قتل ڪيو آن سوال جو جواب ڏيڻ اڃان باقي آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

ڀارت عالمي سرحد تي قصور پرسان 3 پاڪستاني شهرين تي فائرنگ ڪئي. لڌڙ ڳوٺ جا 3 پاڪستاني شهري باردرپلر کان ڪجهه قدم اڳتي وڌيا ته بي ايس ايف بنا ڪنهن وارننگ جي کين نشانو بڻايو. سيڪيورٽي ذريعن موجب، بنا جواز فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 شهري مارجي ويا ۽ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو جڏهن ته ٽئي شهري غير هٿيارٻند هئا. شهيدن ۾ عظمت رسول ۽ محسن جٽ شامل آهن جن جو تعلق ڄٽان والي حويلي لڌڙ سان آهي. ذريعن موجب، ڀارتي ميڊيا به فالس فليگ آپريشن واري روش برقرار رکندي معصوم شهرين کي دراندازي قرار ڏئي ڇڏيو جڏهن ته ڪنهي ماڻهن سان ڪنهن به باردر فينس پار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته شهرين تي ڀارتي فورسز جي فائرنگ باردر معاهدي ۽ ايس او پيز جي کليل ڀڃڪڙي آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

بسنت هال ۾ سنڌي ٻولي بااختيارادار ي ۽اي ايف ٽي جي گڏيل سهڪار سان سنڌي ٻولي جي ترقي سماجي ۽ثقافتي اهميت جي موضوع تي ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو صوبائي وزير سيد ذوالفقارعلي شاهه چيوته ٻوليءَ جي بقا اسان جي نئين نسل سان لاڳاپيل آهي جيستائين اسان جا ٻار پنهنجي ٻولي ۽ ثقافتي ورثي کي نه سمجهندا، تيستين ٻولي ترقي نه ڪندي جديد دور جي گهرجن مطابق سنڌي ٻوليءَ جي نصاب کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ کان علاوه ٻارن جا نظم موسيقيءَ جي امتزاج سان متعارف ڪجن ۽ يونيورسٽي سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي تحقيقات کي همٿايو وڃي هن چيو ته سنڌي ٻولي موهن جي دڙي جي آثارن مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌي ٻولي ۽ تهذيب جي تاريخ هزارين سالن تي آڌاريل آهي لئنگئيج اٿارٽيءَ پڻ انڊس اسڪرپٽ جي پاڄ تي ڪوششون ڪيون آهن. اٿارٽيءَ جا سنڌ جي ضلعن سميت اسلام آباد سنڌي سکيا مرڪز بهتر ڪم ڪن پيا. ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي چيو ته "اڄڪلهه جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڪي چئلينج درپيش آهن ؛ لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جا، چاڪاڻ ته ٻارڻ کي هاڻي جديد گهرجن سبب سنڌي ٻوليءَ جي معياري تعليم نه پئي ملي آهي ماضيءَ ۾ اسڪولي تعليم جا معيار بهتر هئا، سليٽ ۽ ڦرهي جو رواج هو گرامر تي ڌيان ڏنو ويندو هو ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ٻارن جي ادب جو انهن جي تربيت ۾ اهم ڪردار آهي والدين ٻارن کي غير نصابي ڪتاب، ٻارن وارا رسالا پڙهڻ ڏانهن راغب نٿا ڪن. اي ايف ٽي جي سيڪريٽري حميد آخوند صاحب چيو ته "هن قسم جا سيمينار هر ضلعي ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ ثقافتي رڪارڊ کي محفوظ بڻائڻ گهرجي ڊاڪٽر شير مهرائيءَ چيو ته سنڌو لکت دنيا جي قديم تهذيب جي ثابتي آهي. ماضي کي ياد ڪري مستقبل جوڙي سگهجي ٿو .انڊس اسڪرپٽ اڃا 15 سيڪڙو سمجهيو ويو آهي دنيا مان مليل قديمي 700 نشانين مان 541 نشانيون موهن جي دڙي مان آهن. ٻولي اٿارٽي جلدي سنڌو لکت تي سيمينار ڪندي

بقايا 7 روزاني عبرت

سيف جسڪاڻي پريس ۽ ميڊيا اسپيشلسٽ، عامر سومرو ڊجيٽل ميڊيا اسپيشلسٽ صحافين ۽ پريس ڪلب جي قيادت سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران علائقائي ميڊيا جي صورتحال مقامي معاملن ۽ علائقائي ميڊيا کي درپيش اهم چئلينجن تي کليل ۽ بي تڪلف ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر ۽ سينئر صحافين پنهنجا تجربا ۽ علائقي ۾ صحافت کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي آگاهي ڏني ان موقعي تي آمريڪي قونصليٽ جي ٽيم چيو ته هو مقامي صحافين جي تجربي ۽ بصيرت کي قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ مستقبل ۾ به اهڙا رابطا جاري رهندا آمريڪي قونصليٽ پاڪستان سان پائيدارگي ۽ محبت جو اظهار ڪري ٿي ملڪ ۾ ڪيترائي ٽريڊنگ پروجيڪٽ شروع ٿيڻ وڃي رهيا آهن جنهن سان پاڪستان جي عوام کي فائدو پهچندو جڏهن ته اسان سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وڃي صحافين کان سماجي برائين جي معلومات وٺڻ سان گڏ کين صحافتي فيلڊ ۾ درپيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ ساڻن ملاقاتون ڪري رهيا آهيون جڏهن ته آمريڪي قونصليٽ جي ٽيم کي سنڌ جو روايتي تحفو اجرڪ ۽ لنگيون پڻ پارايون ويون ان موقعي تي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جو صدر سيد نصير محمد شاهه . جنرل سيڪريٽري خميسو دائوداڻي . سينئر نائب صدر توفيق احمد قائمخاني . نائب صدر عرفان ميمڻ . جوائنٽ سيڪريٽري حسرت لغاري . آفيس سيڪريٽري امتياز حسين خاصخيلي . خزانچي عبداللطيف قائمخاني . غلام رسول درس . اعجاز مگنهار . غلام رسول نهڙيو . سليمان سيهڙو . وحيد فراز قريشي . مستجاب الرحمان مدني . توصيف احمد قائمخاني . منور نهڙيو . شهريار ميمڻ . غلام شبير مشوري . فهد توفيق قائمخاني . جان محمد سميجو . فيروز گل مگنهار ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 8 روزاني عبرت

تي اعليٰ سطحي ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي جمعي جي ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، ڪميٽي کي ايس ايس جي سي ايل جي نيٽ ورڪ کي درپيش اهم آپريشنل چئلينجن، مالي اثرن ۽ وڌندڙ ٽرانسميشن نقصانن بابت بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ غير قانوني ڪنيڪشن کي روڪڻ، پائپ لائن جي بنيادي ڍانچي جي بهتري، آمدني جي وصولي ۾ اضافي ۽ جائز صارفين جي لاءِ گئس جي فراهمي مستحڪم بڻائڻ لاءِ اسٽريٽجڪ قدمن جو جائزو ورتو ويو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير بلوچستان ۾ توانائي جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ سان گڏوگڏ ايس ايس جي سي ايل جي آپريشنل ۽ مالياتي استحڪام کي بحال ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته يو ايف جي نقصانن ۾ گهٽتائي، سخت ضابطا لاڳو ڪرڻ عوامي وسيلن جي تحفظ ۽ عوامي سهولت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هدف ۽ مقرر وقت تي ٻڌل حڪمت عملي جوڙي وڃي اجلاس ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير خالد حسين مگسي، پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ پبلڪ افيئرز يونٽ واري وفاقي وزير راڻا مبشر اقبال، وزيراعظم جي خاص مددگار طارق باجوه، گهرو سيڪريٽري، سيڪريٽري پيٽروليم، چيف سيڪريٽري بلوچستان ۽ توانائي ۽ پرڏيهي معاملن واري وزارت جي اعليٰ عملدار شرڪت ڪئي

بقايا 9 روزاني عبرت

ترقي، روزگار، مالياتي انتظام، روينيو موبلائيزيشن، ڪيپيٽل مارڪيٽ جي ترقي، واپار ۽ سيڙپڪاري ۽ ادارجاتي سڌارن سميت مختلف شعبن ۾ عملدرآمد جي ترجيحن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد جي اڳواڻي پاڪستان ۾ عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابزر ڪري رهي هئي ملاقات ۾ پاڪستان جي وسيع تر معاشي سڌارن جي ايجنڊا لاءِ عالمي بينڪ جي مدد جو جائزو ورتو ويو جنهن ۾ سڌارجاتي ترجيحن کي هدفي ۽ قابل عمل قدمن ۾ تبديل ڪرڻ تي لاڳاپيل وزارتن، صوبائي حڪومتن ۽ عملدرآمد ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ رابطاڪاري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو ناڻي واري وزير سڌارن جي ڊزائن کان اثرائتي عملدرآمد طرف منتقلي جي اهميت تي زور ڀريندي چيو ته ڌيان اهڙن عملي قدمن تي هجڻ گهرجي جيڪي معاشي سرگرمي، سيڙپڪاري، روزگار ۽ مجموعي ڪاروباري ماحول ۾ بهتري آڻي سگهن. ملاقات ۾ ورلڊ بينڪ جي تجويز ڪيل گروٿ اينڊ جابز آپريشن تي پڻ بحث ڪيو ويو جنهن ۾ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر بڻائڻ فنانس تائين رسائي، شعباجاتي پيداواريت ۽ ليبر مارڪيٽ جي نتيجن ۾ بهتري لاءِ قدم شامل آهن عالمي بينڪ انويسٽمينٽ فريم ورڪ، ڪاروبار ۽ ريگيوليٽري رڪاوٽن ۾ گهٽتائي ايس ايم ايز لاءِ فنانس تائين رسائي ۽ پاڪستان جي ايڪزم بئنڪ لاءِ ايڪسپورٽ فنانس پراڊڪٽس جي تياري بابت لاڳاپيل تجويز ڪيل قدمن کان آگاهه ڪيو جن جو مقصد اضافي واپاري وهڪري کي هٿي ڏيڻ آهي وزيراعظم جي ماليات تائين رسائي جي قدمن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ سڌارن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي جن ۾ هڪ متحد انسالوينسي فريم ورڪ، ايس ايم اي فنانسنگ کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ فيڪٽرنگ قانون سازي ۽ ضابطا، ڪمرشل فنانسنگ جي توسيع ۽ نجي شعبي جي وڌيڪ شرڪت لاءِ قدم شامل آهن شعباجاتي سڌارن جي حوالي سان عالمي بينڪ دواسازي ۽ طبي شين ۽ زراعت جي شعبن ۾ تجويز ڪيل قدمن کان آگاهه ڪيو جن ۾ ٻج جي رجسٽريشن ۾ بهتري، چونڊيل جنسن کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ ۽ عالمي خريداري ۽ مارڪيٽن ۾ شرڪت کي آسان بڻائڻ لاءِ عالمي ايڪريڊيٽيشنز کي مضبوط بڻائڻ شامل آهي. ملاقات اسڪلز ڊوليپمينٽ ۽ ليبر مارڪيٽ جي ضرورتن سان هم آهنگي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدمن جو پڻ جائزو ورتو ويو جنهن ۾ قومي ووڪيشنل ڪواليفڪيشنز فريم ورڪ ۾ بهتري، هنرمندي جي عالمي سطح تي وڌيڪ پڌرائي ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمز ذريعي مدد يافته پرڏيهه ۾ روزگار جي باضابطه رستن جي ترقي شامل آهي ناڻي واري وزير ۽ عالمي بينڪ جي وفد نيشنل ٽيرف پاليسي تي عملدرآمد ۽ ٽيرف سڌارن لاءِ جاري تجزياتي مدد جو جائزو ورتو جنهن ۾ آٽوموٽيو شعبي ۽ مستقبل جي ٽيرف سڌارن بابت ڪم به شامل آهي اُن ڏس ۾ چانديءَ پيداواريت، سيڙپڪاري، روانگي واپار ۽ پاڪستان جي عالمي ويليو چينز ۾ وڌيڪ اثرائتي انضمام جي اهميت تي زور ڏنو ويو مالياتي ۽ روينيو سڌارن جي حوالي سان اجلاس ۾ ٽيڪس پاليسي جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عالمي بينڪ جي ٽيڪنيڪل مدد جو جائزو ورتو ويو جنهن ۾ وچولي مدي جي روينيو حڪمت عملي ۽ روينيو پاليسي ماڊلنگ لاءِ مدد شامل آهي ڳالهين ۾ جنرل سيلز ٽيڪس کي هم آهنگ ڪرڻ بابت معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن ۾ خدمتن جي حوالي سان قاعدن ۽ درجا بندين ۾ وڌيڪ هم آهنگي وفاقي-صوبائي رابطاڪاري ۾ بهتري ڊيٽا شيئرنگ جا مضبوط انتظام شامل آهن زرعي آمدني ٽيڪس سڌارن تي اڳڀرائي جو پڻ جائزو ورتو ويو جنهن ۾ ترميم ٿيل صوبائي قانون ۽ ضابطن تي عملدرآمد ۽ رجسٽريشن فائلنگ ۽ ادائيگي لاءِ ڊجيٽل نظام پڻ آهن ٽيڪس تي عمل کي مضبوط بڻائڻ ۽ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ڊيٽا شيئرنگ کي بهتر بڻائڻ جي اهميت تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي اجلاس ۾ صوبائي ملڪيت ٽيڪس سڌارن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن ۾ ملڪيت جي ويليويشن جي طريقيڪار کي بهتر ۽ هم آهنگ بڻائڻ ڊجيٽل نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ مسلسل وڌيڪ مارڪيٽ جي بنياد تي ويليويشن فريم ورڪ ڏانهن وڌڻ جا قدم شامل آهن ملڪي ڪيپيٽل مارڪيٽن جي حوالي سان اجلاس ۾ ڪيپيٽل مارڪيٽس ڊوليپمينٽ ڪائونسل ذريعي ڪيپيٽل مارڪيٽن سڌارن لاءِ روڊ ميپ تيار ڪرڻ ۾ عالمي بئنڪ گروپ جي مدد تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن جو مقصد ملڪي ڪيپيٽل مارڪيٽن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۽ فنانس جي ذريعن کي وسيع ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري ۽ سرمائي جي جوڙجڪ لاءِ سازگار نظام کي مضبوط بڻائڻ شامل آهي اجلاس ۾ سرڪاري شعبي جي ڪارڪردگي ۽ حڪومت جي رائيٽ سائيزنگ ايجنڊا لاءِ عالمي بينڪ جي مدد جو به جائزو ورتو ويو جنهن ۾ ادارجاتي موثريت کي مضبوط بڻائڻ ۽ عوامي وسيلن جي اثرائتي استعمال لاءِ فني مدد شامل آهي ناڻي واري وزير قرض جي انتظام جي صلاحيت ۽ ملڪي بانڊ مارڪيٽن کي مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي زور ڀريو ان سلسلي ۾، مارڪيٽ جي خطرن جي انتظام لاءِ مالي اوزارن ملڪي بانڊ مارڪيٽ جي ترقي ۽ سيڙپڪار لاڳاپن جي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ لاءِ جاري فني تعاون تي ڳالهه ٻولهه ٿي اجلاس ۾ پاڪستان جي خودمختار ڪريڊٽ پروفائل ۽ ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ وڌيڪ بهتري جي رستي بابت عالمي بينڪ جي تجزياتي مدد تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت خودمختار ڪريڊٽ ريٽنگ جي مقداري ۽ معياري جي ٻنهي سببن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون جاري رکندي، جنهن ۾ مالياتي ۽ قرضن جو پائيدار انتظام مضبوط پرڏيهي مالياتي بفرز، پائيدار اقتصادي ترقي ادارجاتي موثريت ۽ ڍانچاجاتي سڌارن جو تسلسل شامل آهي. هن چيو ته پاڪستان جي خودمختار ڪريڊٽ پوزيشن ۾ بهتري لاءِ لاڳاپيل حصيدارن سان رابطا به مضبوط بڻايا ويندا عالمي بئنڪ جي وفد گورننس ۽ اداره جاتي موثريت جي حوالي سان جاري تجزياتي ڪم کان به ناڻي واري وزير کي آگاهه ڪيو ان موقعي تي حڪومت جي موثريت ريگوليٽري معيار شفافيت، احتساب ۽ مجموعي ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي سڌارن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي ڌرين طرفان معاشي سڌارجاتي پائيواري تحت مسلسل تعاون جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو جنهن ۾ عملدرآمد، ادارجاتي مضبوطي نجي شعبي جي اڳواڻي ۾ ترقي، عوامي وسيلن جي بهتر انتظام سيڙپڪاري ۾ واڌ ۽ معاشي موقعن کي هٿي ڏيڻ تي گڏيل ڌيان رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو

بقايا 10 روزاني عبرت

آفيس ۾ منعقد ٿي تقريب ۾ سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ علي احمد بلوچ، ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز ٽيڪسيشن شبانه پروين ڊائريڪٽر وحيد احمد شيخ سينٽرل ڊيپازٽري ڪمپني انشورنس ايسوسيئيشن آف پاڪستان جي نمائندن سميت مختلف انشورنس ڪمپنين جي سربراهن شرڪت ڪئي. ٻنهي ادارن وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت حادثن جي صورت ۾ 7 لک رپين تائين فوري ۽ آسان معاوضو فراهم ڪيو ويندو تقريب کي خطاب ڪندي سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ علي احمد بلوچ چيو ته سنڌ حڪومت پروونشل موٽر وهيڪلز (ترميمي) ايڪٽ 2026ع تحت روڊن تي هلندڙ گاڏين لاءِ موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس لازمي قرار ڏني آهي، جنهن جو مقصد حادثن جي صورت ۾ متاثر ماڻهن ۽ انهن جي خاندانن کي فوري مالي سهائتا فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس تحت حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جي وارثن کي 7 لک رپين تائين جڏهن ته مختلف نوعيت جي معذوري يا جسماني نقصان جي صورت ۾ 5 لک رپين تائين معاوضو فراهم ڪيو ويندو جيڪو عوام دوست قدم آهي هن چيو ته پروونشل موٽر وهيڪلز (ترميمي) ايڪٽ 2026ع لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ انشورنس ڪانسواءِ گاڏي جي رجسٽريشن، منتقلي يا ساليائي ٽيڪس جي ادائيگي ممڪن نه رهي آهي هن قدم سان حادثن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان جو ازالو وڌيڪ منظم ۽ شفاف طريقي سان ممڪن ٿيندو علي احمد بلوچ چيو ته عوامي آگاهي لاءِ ٽيڪس ۽ اسٽامپ ڊيوٽي سميت مقرر ڪيل انشورنس پريميئم جي تفصيل سنڌ ايڪسائيز کاتي جي ويب سائيٽ تي پڻ فراهم ڪئي وئي آهي هن وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته ايڪٽ لاڳو ٿيڻ کان هن وقت تائين جن ماڻهن انشورنس جمع ڪرائي آهي اهي اڄ ٿيل معاهدي جي سمورن نقطن مان فائدو حاصل ڪري سگهندا. ان موقعي تي سي ڊي سي ۽ آءِ اي پي جي نمائندن چيو ته معاهدي جا نقطا انشورنس ڪمپنين ۽ عوام ٻنهي لاءِ هڪجهڙا فائديمند آهن هنن پروونشل موٽر وهيڪلز (ترميمي) ايڪٽ 2026ع کي هڪ اهم قدم قرار ڏيندي چيو ته هو وڏي وزير سنڌ، خاص طور تي صوبائي وزير ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ مڪيش ڪمار چاولا جا ٿورائتا آهن جن جي ڪوشش سان هي معاهدو عمل ۾ آيو ۽ ايڪٽ جي صورت ۾ نافذالعمل ٿيو

بقايا 11 روزاني عبرت

پرڏيهي وزارت جي بيان موجب، "مسجد نبوي ﷺ کي بجلي فراهم ڪندڙ شهري بنيادي ڍانچي تي حملو هڪ سنگين اشتعال انگيزي آهي ۽ سڄي دنيا جي لکين مسلمانن لاءِ گهڻي ڳڻتي ۽ ڏک جو سبب آهي". بيان ۾ واضح ڪيو ويو ته "حرمين شريفين جي تقدس ۽ عبادت ڪندڙن ۽ پانڌيئڙن جي سلامتي جو هر حال ۾ احترام ڪيو وڃي". بيان ۾ چيو ويو آهي ته "اسان اهڙن غيرذميوارانه قدمن جي ترت ۽ غيرمشروط خاتمي جو مطالبو ڪريون ٿا، جيڪي علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ پڻ سنگين خطرو آهن". بيان ۾ چيو ويو آهي ته "پاڪستان برادر ملڪ سعودي عرب سان پنهنجي ايڪي جو ڀيهر اظهار ڪري ٿو ۽ سعودي جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي لاءِ پنهنجي مڪمل حمايت جو اظهار ڪري ٿو اسان حرمين شريفين جي تحفظ، پنهنجي عوام جي حفاظت ۽ زائرين جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سعودي عرب جي ڪوشش ۾ ان سان مضبوطي سان گڏ بيٺا آهيون". پرڏيهي وزارت واضح ڪيو ته پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهيو آهي ۽ ڪندو رهندو

بقايا 12 روزاني عبرت

هيڊڪوارٽرز ۽ آءِ ٽي ڊي جي سيف سٽيز اٿارٽي کي اينڊ ڪي ايس ايس پي ايس ايس يو ايس پي مددگار-15 ڪراچي اي آءِ جي ايڊمن ۽ پي ڊي آءِ ٽي شرڪت ڪئي پي ڊي آءِ ٽي پاران سنڌ پوليس جي مختلف ايمرجنسي سروسز انهن جي موجوده ڍانچي، طريقيڪار رسپانس ۽ ڪارڪردگي بابت اجلاس کي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي صوبي ۾ مختلف نوعيت جي ايمرجنسي سروسز لاءِ ڪيترائي ايمرجنسي نمبر ۽ مختلف سرڪاري ادارا ڪم ڪري رهيا آهن. پي ڊي آءِ ٽي ۽ جديد ۽ عوام دوست پوليسنگ لاءِ سمورين سرڪاري ايمرجنسي سروسز کي هڪ مرڪزي نمبر ۽ مربوط نظام تحت گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي بريفنگ مرڪزي نظام تحت مددگار-15 کي سڄي سنڌ لاءِ هڪ جديد ۽ مربوط ايمرجنسي رسپانس سسٽم سان ڳنڍي سگهجي ٿو بريفنگ مجوزه نظام ذريعي شهرين جون ايمرجنسي ڪالز فوري طور لاڳاپيل ضلعي پوليس، ايمرجنسي سروسز ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن تائين منتقل ڪري سگهبيون بريفنگ مجوزه نظام تحت ايمرجنسي ڪال کان وٺي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ تائين پوري عمل جو ڊجيٽل رڪارڊ موجود هوندو.سينٽرلائزڊ ايمرجنسي سروسز جي قيام لاءِ ايڊيشنل آءِ جي آپريشنز جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي وڃي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي هدايت ڪميٽي صوبي ۾ موجود سمورين ايمرجنسي سروسز ۽ انهن جي موجوده نظام جو تفصيلي جائزو وٺي مجوزه نظام جي قيام، قابل عمل هجڻ انضمام، متوقع خرچن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي مشتمل جامع رپورٽ پيش ڪندي سينٽرلائزڊ ايمرجنسي سروسز ذريعي شهرين کي تيز رفتار ۽ مربوط ۽ ايمرجنسي خدمتون فراهم ڪري سگهبيون آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته ايمرجنسي سروسز جي ڊيٽا کي مرڪزي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول نظام سان ڳنڍڻ سان ايمرجنسي صورتحال جي بهتر نگراني ۽ فوري فيصلا سازي ۾ مدد ملندي. آءِ جي سنڌ چيو ته مجوزه نظام لاءِ مناسب افرادي قوت، جديد ٽيڪنيڪل وسيلا ۽ ضروري انفراسٽرڪچر جو پڻ تعين ڪيو وڃي آءِ جي سنڌ چيو ته مرڪزي نظام ذريعي ايمرجنسي صورتحال ۾ مختلف سرڪاري ادارن وچ ۾ فوري رابطو ۽ مؤثر ڪوآرڊي نيشن ممڪن بڻائي سگهبي. آءِ جي سنڌ چيو ته مرڪزي نظام ذريعي ٻهراڙي ۽ شهري علائقن تائين هاءِ ويز تي ايمرجنسي ڪالز تي فوري رسپانس جي نگراني وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهبي

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪيٽ جي نتيجن ۾ سنڌ جي ٻين ضلعن جي شاگردن جي ڪارڪردگي کي ساراهيون ٿا، پر ڪراچي شهر مان هزارين اميدوارن جي شرڪت باوجود ٽاپ 20 ۾ ڪراچي جو هڪ به اميدوار شامل نه هجڻ انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي جنهن جي ذميواري سنڌ حڪومت ۽ ان جي ڊگهي عرصي کان اتحادي جماعتن تي لاڳو ٿئي ٿي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي شهر جي شاگردن جي هڪ وفد سان ملاقات دوران ڪيو سردار عبدالرحيم چيو ته ڪراچي ڊويزن مان 9 هزار 505 اميدوارن ايم ڊي ڪيٽ جو امتحان ڏنو پر ٽاپ 20 ڪامياب اميدوارن ۾ ڪراچي جو هڪ به شاگرد شامل نه ٿي سگهيو جيڪا تعليمي نظام جي صورتحال تي سنجيده سوال اٿاري ٿي. هن چيو ته ماضي ۾ ڪراچي کي يرغمال بڻائي تعليم بدران ڪلاشنڪوف ڪلچر متعارف ڪرايو ويو تعليمي ادارن ۾ ميرٽ بدران منشيات جي شڪايتن ۾ واڌ ٿي ۽ مسلسل 18 سالن کان اقتدار ۾ رهندڙ حڪمرانن پنهنجن ٻارن کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ تعليم ڏيارڻ، جڏهن ته سنڌ جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۾ فرنيچر ۽ مناسب تدريسي عملي جون سهولتون به موجود نه هيون. جيڪڏهن بنياد مضبوط نه هوندو ته عمارت ڪيئن مضبوط ٿي سگهي ٿي. سردار عبدالرحيم چيو ته ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ منشيات جي استعمال جون شڪايتون پڻ انتهائي ڳڻتي جوڳيون آهن، حڪومت نوجوان نسل کي منشيات کان محفوظ رکڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کڻي هن چيو ته ڪراچي جي نوجوانن جي محرومين جا ذميوار موجوده حڪمران ۽ ماضي ۾ ڪراچي جا دعويدار بڻجندڙ عنصر آهن جيڪي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. شاگردن جي مستقبل سان کيڏڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي ۽ ميرٽ، تعليم ۽ نوجوانن جي مستقبل جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي. سردار عبدالرحيم مطالبو ڪيو ته شاگرد يونينون بحال ڪيون وڃن ۽ حڪمرانن جون عياشيون ختم ڪري تعليم جو بجيٽ چار ڀيرا وڌايو وڃي، جيئن نوجوانن کي معياري تعليم ۽ اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا فراهم ٿي سگهن

بقايا 14 روزاني عبرت

هيٺ نالج ايڪسچينج وزٽ جي سلسلي ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا (TII) جي وفد جي ميزباني ڪئي وئي وفد ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي پروگرام آفيسر اژا اڪبراني ۽ پروجيڪٽ آفيسر گيتا عتيقه جڏهن ته ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر نسرين ميمڻ ۽ پروگرام ايسوسيئيٽ فريحا فاطمه شامل هيون دوري جو مقصد شفافيت، شهري شموليت، حق معلومات، انصاف تائين رسائي، قانوني سهائتا ۽ شهرين جي شڪايتن جي مؤثر آسان ازالي واري طريقيڪار بابت تجربن، معلومات ۽ بهترين طريقن جو هڪ ٻئي سان مٽاسٽا ڪرڻ هو ڊائريڪٽر (ڪوآرڊينيشن) صوبائي محتسب سنڌ امداد حسين صديقي وفد ۾ شامل ميمبرن جو تعارف ڪرايو ان موقعي تي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت وفد جي آجيان ڪندي اداري جي مينڊيٽ، فرضن ۽ اداري جي ڪردار تي تفصيلي روشني وڌي هن ٻڌايو ته صوبائي محتسب سنڌ شهرين کي سرڪاري ادارن ۽ اختيارين جي بدانتظامي خلاف شڪايتن جي ازالي لاءِ آسان غيرجانبدار ۽ مؤثر انصاف فراهم ڪري ٿو هن اداري جي قانوني ۽ انتظامي ڍانچي، شڪايتن جي داخل ڪرڻ ۽ ڪارروائي جي طريقيڪار جاچ، سفارشن ۽ شڪايتن جي حل جي مختلف مرحلن بابت وفد کي آگاهي ڏني ۽ شڪايتن جو بروقت، شفاف، غيرجانبدار ۽ عوام دوست انداز ۾ ازالو ڪرڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو صوبائي محتسب سنڌ انتظامي انصاف جي فروغ، عوامي خدمتن جي فراهمي ۾ بهتري ۽ احتساب جي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اداري جي ڪوششن تي پڻ روشني وڌي هن ٻڌايو ته شڪايتن جي طريقيڪار کي آسان بڻائڻ، عوامي آگاهي وڌائڻ ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال ذريعي شهرين تائين رسائي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ان موقعي تي محتسب سنڌ جي صلاحڪار محمد اڪمل نسيم ڪمپلينٽ مئنيجمينٽ سسٽم (CMS) بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن ڊجيٽل طريقي سان شڪايتن جي داخل ۽ انتظام، اندروني ورڪ فلو شڪايتن جي ٽريڪنگ ۽ مانيٽرنگ، لاڳاپيل آفيسن وچ ۾ رابطي ۽ ٽيڪنالاجي ذريعي شفافيت، ڪارڪردگي ۽ احتساب کي بهتر بڻائڻ لاءِ کنيل قدمن بابت پڻ وفد کي آگاهي ڏني ملاقات دوران شڪايتن جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ ڪمزور ۽ محروم طبقن لاءِ انتظامي انصاف تائين رسائي يقيني بڻائڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 15 روزاني عبرت

ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي اهتمام هيٺ ريجنل ڊراما فيسٽيول 2026ع ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامو "اميد" پيش ڪيو ويو جنهن کي ٿيٽر جي شوقينن پاران ڀرپور موٽ ۽ پذيرائي حاصل ٿي سنڌي اسٽيج ڊرامي "اميد" جو ليکڪ يعقوب ڪلهوڙو جڏهن ته هدايتڪار رضوان صابر ۽ اسسٽنٽ ذوالفقار عيسي هو ڊرامي ۾ مهاڻن جي زندگي، سندن محنت، مشڪلاتن ڏکن، خوشين ۽ احساسن کي اجاگر ڪيو ويو ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو ته مهاڻا سخت حالتن ۾ ڪهڙي ريت زندگي گذارين ٿا ۽ سمنڊ ۾ مڇي جي شڪار دوران کين مختلف مشڪلاتن، خطرن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ڊرامي ذريعي مهاڻن جي برادريءَ جي زندگيءَ جي انهن پاسن کي اجاگر ڪيو ويو جيڪي عام طور تي ناظرين جي نظرن کان اوجهل رهندا آهن هدايتڪار رضوان صابر ڊرامي جي اسٽيج سيٽ ۾ مهاڻن جي زندگي ۽ سامونڊي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪئي، جڏهن ته روشني، منظرڪشي ۽ سيٽ جي بهترين ترتيب ڊرامي جي پيشڪش کي وڌيڪ جاندار ۽ اثرائتو بڻائي ڇڏيو ان موقعي تي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر سيد محمد احمد شاهه چيو ته علائقائي ٻوليون اسان جي ثقافت، تهذيب ۽ سڃاڻپ جي عڪاس آهن آرٽس ڪائونسل پاران علائقائي ٻولين جي ڊرامن کي پليٽ فارم فراهم ڪرڻ جو مقصد مختلف علائقن جي ثقافت، روايتن ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ فنڪارن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. ڊرامي جي سمورن فنڪارن پنهنجي شاندار اداڪاري سان ناظرين کي متاثر ڪيو جنهن سبب ڪيترن ئي ماڻهن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون نسرين ناز زولفي شاهه ڪومل ناز عرس ناريجو يعقوب ڪلهوڙو اي جي خان منظور بروهي، قادر جاکرو رضيه شيخ رشيد راڄا، شڪيل احمد، سائين بخش ۽ وزير درس پنهنجي پنهنجي ڪردارن کي ڀرپور انداز ۾ نڀايو ورڪنگ ڊي هجڻ باوجود وڏي انگ ۾ ٿيٽر جا شوقين ڊرامو ڏسڻ لاءِ آرٽس ڪائونسل پهتا ۽ هنن ڊرامي کي ڀرپور توجهه ۽ دلچسپي سان ڏٺو ناظرين فنڪارن جي پرفارمنس، خوبصورت اسٽيج سيٽ ۽ ڊرامي جي موضوع جي ساراهيندي پوري ٽيم کي ڀرپور داد ڏني هدايتڪار رضوان صابر ڊرامي جي حقيقت جي ويجهو رکندي مهاڻن جي زندگيءَ جي ڏکن مسئلن ۽ جذبن کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو "اميد" ناظرين کي محظوظ ڪرڻ سان گڏ مهاڻن جي برادريءَ جي زندگي، سندن مشڪلاتن ۽ خوابن ڏانهن پڻ توجهه ڇڪائي. ڊرامي جي اختتام تي ناظرين فنڪارن ليکڪ هدايتڪار ۽ پوري ٽيم جي شاندار پيشڪش کي ڀرپور ساراهيو ۽ داد ڏني

بقايا 16 روزاني عبرت

ڪاميڊي جي بي تاج بادشاهه عمر شريف جي ورسيءَ تي کيس ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته عمر شريف پاڪستان جو اهو قيمتي سرمايو هو جنهن جو ڪو متبادل ممڪن ناهي. هن چيو ته مرحوم عمر شريف پنهنجي برجسته ۽ بي ساخته جملن ذريعي سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو برصغير ۾ ڪاميڊي ۽ اسٽيج ٿيٽر جي تاريخ عمر شريف ڪانسواءِ اڌوري آهي سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته عمر شريف ڏکايل انسانيت جي چهرن تي مرڪون آڻڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هو رڳو اداڪار نه پر طنز ۽ مزاح جي هڪ مڪمل اڪيڊمي هو اسٽيج ڊرامن کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ جو سهرو به عمر شريف جي سر وڃي ٿو صوبائي وزير ثقافت چيو ته سنڌ حڪومت فنڪارن ۽ ثقافتي ورثي جي خدمتن کي هميشه قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي عمر شريف جون فني خدمتون صدين تائين ياد رکيون وينديون هو اڄ به پنهنجي مداحن ۽ پاڪستاني قوم جي دلين ۾ زنده آهي سيد ذوالفقار علي شاهه مرحوم عمر شريف جي درجن جي بلندي ۽ مغفرت لاءِ دعا پڻ ڪئي

بقايا 17 روزاني عبرت

ايس پين ايس ايس پي ايس آءِ يو اي ڊي ايل سي ۽ ايس پيز انويسٽيگيشن شرڪت ڪئي اجلاس دوران گذريل اجلاسن ۾ جاري ڪيل هدايتن تي عملدرآمد، شاهين فورس جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيت، اثرائتي گشت ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي اهم ۽ جاچ هيٺ ڪيسن ۾ اڳڀرائي ۽ ايندڙ حڪمت عملي تي پڻ غور ڪيو ويو جڏهن ته ايس ايس پي ويسٽ پاران ڏوهن خلاف اثرائتي ڪارروائين ۽ مجموعي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهم ڪيسن جي جاچ کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي ۽ جديد جاچ وارن ذريعن سان اثرائتو فائدو وٺندي ڪيسن ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري يقيني بڻائي وڃي. هن شاهين فورس جي ميداني ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ اثرائتي گشت ذريعي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جون پڻ هدايتون ڏنيون

بقايا 18 روزاني عبرت

حملي ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ واري واقعي جو ڊي آءِ جي ايسٽ زون نوٽيس وٺندي پوليس کي ڪارروائي جون هدايتون ڏنيون جنهن بعد پوليس 9 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گذريل رات صائمه پوليس پوسٽ تي مقرر اهلڪار سنيپ چيڪنگ ۾ مصروف هئا ته موٽرسائيڪل تي سوار ٻن شڪي ماڻهن کي چيڪنگ لاءِ روڪڻ جو اشارو ڪيو پر شڪي ماڻهو چيڪنگ کان بچڻ لاءِ فرار ٿي ويا. پوليس موجب ڪجهه دير بعد ڄاڻايل جوابدار شعيب ولد علي مراد ۽ گل زمان ولد علي مراد پنهنجن ٻين ساٿين، جن جو انگ تقريبن 60 کان 70 ٻڌايو وڃي ٿو سان گڏ پوليس پوسٽ تي اوچتو حملو ڪري ڏنو جوابدارن پوليس اهلڪارن تي حملو ڪرڻ سان گڏ فائرنگ پڻ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار عامر علي ۽ عتيق ڪلوڙ زخمي ٿي پيا جوابدارن پوليس پوسٽ ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري سرڪاري ملڪيت کي پڻ نقصان پهچايو واقعي ڪانپوءِ پوليس فوري ڪارروائي ڪندي ڇاپو هڻي پوليس اهلڪارن تي حملي ۾ ملوث 9 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن ۾ گل زمان ولد علي مراد، شعيب ولد علي مراد، زاهد ولد علي مراد، خالد ولد علي مراد، شاهد ولد علي مراد، وحيد علي ولد غلام حسين، علي مراد ولد بيبڙو، باهر شاهه ولد حاڪم شاهه ۽ نظام ولد گل حسن شامل آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 30 بور جا 4 پسٽل پڻ هٿ ڪيا ويا آهن جوابدارن خلاف عوامي ڪالوني ٿاڻي تي مختلف قلمن تحت 5 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ ڪيس نمبر 731/2026 ۾ 147، 148، 149، 353، 324، 186، 427، 337-H(2) ۽ 7 اي ٽي اي، جڏهن ته ڪيس نمبر 732/2026 کان 735/2026 تائين سنڌ آرمز ايڪٽ جي قلم 23 (A)(i)تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

سبب سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو. ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب مقتول جي سڃاڻپ 25 سالن جي علي رضا ولد نثار طور ڪئي وئي آهي مقتول خانگي سيڪيورٽي ڪمپنيءَ ۾ گارڊ هو پوليس ٻڌايو ته ان واقعي ۾ لياري گينگ وار جي ڪمانڊر عبدالصمد ڪاڇياواڙي جو گروپ ملوث آهي ساڳئي گروپ ڪجهه مهينا اڳ به ڀتو نه ملڻ تي شاپنگ مال تي فائرنگ ڪئي هئي هن ٻڌايو ته ڪجهه مهينا اڳ شاپنگ مال جي مالڪن کي ڀتي جي گهر واري پرچي ملي هئي، ۽ ڀتو نه ڏيڻ تي اها انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي مليرسٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او ٻڌايو ته موجودا فائرنگ جي هن تازي واقعي ۾ عبدالصمد ڪاڇياواڙي جي ساٿين جي ملوث هجڻ جو شڪ آهي، لڳي ٿو ته ڀتو گهرندڙ اهي ڀتا خورن اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (SIU) جي هٿان پنهنجي ساٿين جي مارجڻ جو بدلو وٺي رهيا آهن مقتول سيڪيورٽي گارڊ جي سڱوٽ ٻڌايو ته هو گذريل اڍائي مهينن کان سيڪيورٽي ڪمپني پاران ميمڻ شاپنگ مال ۾ مقرر ٿيل هو هو غير شادي شده ۽ ٽن ڀائرن مان ٻئي نمبر تي هو سندس پيءُ ۽ ٻيا ڀائر مزدور طور ڪم ڪن ٿا. پوليس وڌيڪ چوڻ آهي ته واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

آيل واقعن دوران ٻه ٻار زخمي ٿي پيا تفصيل موجب بلديه واري علائقي جي سيڪٽر 4-سي ۾ هڪ ننڍڙي ٻارڙي پنهنجي گهر اندر گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پئي، کيس فوري طبي امداد لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڇيپا جي رضاڪارن مطابق ٻارڙي جي سڃاڻپ 6 مهينن جي بشري جي واحد طور ڪئي هئي واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن هوءَ گهر اندر موجود هئي ۽ اڻڄاتل طرفان هلائي ويل گولي کيس ٽنگ ۾ لڳي هڪ ٻئي واقعي ۾ کوکهر ڦاٽڪ ويجهو پراسرار فائرنگ سبب هڪ ٻار زخمي ٿي پيو جنهن کي بعد ۾ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس متاثر ٻار جي سڃاڻپ 8 سالن جي عبدالرحمان پٽ بلال طور ڪئي، کيس به اڻڄاتل طرفان ايندڙ گولي لڳي هئي ان دوران مليرسٽي جي غازي ڳوٺ ۾ اڏان جنرل اسٽور ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ 45 سالن جو عارف زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طبي امداد لاءِ جناح اسپتال نيو ويو مليرسٽي پوليس ٻڌايو ته هي واقعو ڦرلٽ جي ڪوشش دوران مزاحمت سبب پيش آيو ۽ وڌيڪ تفصيل گڏ ڪيا پيا وڃن

بقايا 21 روزاني عبرت

ترقياتي رٿائن کي وقت سر پورو ڪرڻ آهي، پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت 13 هزار کان وڌيڪ اسڪيمون شروع ڪيون جن مان 9 هزار کان وڌيڪ مڪمل ٿي چڪيون آهن ٻوڏ متاثر علائقن ۾ 724 ڪلوميٽر روڊن مان 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌائڻ پڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي اورنج لائن ۽ گرين لائن بي آر ٽي ذريعي لکين ماڻهن کي سفري سهولتون ڏنيون ويون آهن. هن چيو ته يلو لائن بي آر ٽي ۽ ريڊ لائن بي آر ٽي جي مختلف تعميراتي حصن تي ڪم تيزيءَ سان جاري آهي وڌيڪ نيون اي وي بسون ۽ ڊبل ڊيڪر بسون جلد ڪراچي پهچي وينديون. سندس چوڻ هو ته حڪومت ترقياتي رٿائن کي وقت تي پورو ڪرڻ تي ڀرپور ڌيان ڏئي رهي آهي، جيئن عوام کي جلد فائدا ملي سگهن

بقايا 22 روزاني عبرت

وڃي ۽ اسڪولن کان ٻاهر رهيل ٻارن کي ڪلاسن ۾ واپس آڻڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ هڪ جارحاڻي داخلا مهم شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اعليٰ سطحي جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته رڳو بنيادي ڍانچي جي ترقي ڪافي ناهي ۽ هر اپ گريڊ ڪيل اسڪول ۾ پهرين ڏينهن کان ئي استادن، شاگردن ۽ سکيا جي سهولتن سان مڪمل طور تي فعال هجڻ گهرجي هن چيو ته اسان جو مقصد رڳو اسڪول اڏڻ ناهي پر اهو يقيني بڻائڻ آهي ته ٻار داخل ٿين، باقاعدگي سان حاضر ٿين ۽ پنهنجي گهرن جي ويجهو معياري تعليم حاصل ڪن اجلاس ۾ تعليم واري وزير سيد سردار شاهه وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ڊي جي پي پي پي يونٽ اسد ضامن پي ڊي ايس ايس آءِ پي رضوان سومرو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي وڏي وزير کي SSEIP ۽ SELECT اسڪولن جي اڳڀرائي داخلا مهم استادن جي مقررين جي منصوبن ۽ ايجوڪيشن مينيجمينٽ آرگنائيزيشنز جي تجويز ڪيل شموليت بابت بريفنگ ڏني وئي وزير تعليم سردار شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته ضلعي ٺٽي جي پنجن نئين اپ گريڊ ڪيل سيڪنڊري اسڪولن ۾ 21 کان 30 سيپٽمبر تائين هلائي ويندڙ پائلٽ داخلا مهم جي نتيجي ۾ صرف نو ڏينهن اندر ڇهين کان ڏهين ڪلاس ۾ 702 شاگردن جي رجسٽريشن ٿي انهن مان 409 ڇوڪريون هيون

بقايا 23 روزاني عبرت

بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب جمعي ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ 3 پئسا واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ ان جي نئين قيمت 277 روپيا 7 پئسا ٿي وئي، انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو قدر 73 روپيا 79 پئسا جڏهن ته بحريني دينار جو قدر 734 روپيا 88 پئسا رهيو

بقايا 24 روزاني عبرت

متحده علماءِ مشائخ ڪائونسل جي انٽرا پارٽي اليڪشن جي منظوري ڏئي ڇڏي ۽ ان حوالي سان باضابطا نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي جمعي تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب متحده علماءِ مشائخ ڪائونسل پاڪستان 18 مئي 2026ع تي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون ۽ پارٽي عهديدارن جا نالا ۽ عهدن جا تفصيل اليڪشن ڪميشن کي موڪليا. اليڪشن ڪميشن انهن جا جانچ پڙتال کان پوءِ منظوري ڏيندي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو واضح رهي ته متحده علماءِ مشائخ ڪائونسل پاڪستان جو مرڪزي چيئرمين ملڪ صفدر علي اعوان آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

صلاحيت کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت هئي هن چيو ته انڊس اسپتال سان سهڪار سان اسپتالن ۾ ريبيز جي علاج جون سهولتون بهتر ڪيون ويون آهن سڄي صوبي ۾ ريبيز کان بچاءَ ۽ علاج جا 278 يونٽ اپ گريڊ ڪيا ويا آهن جڏهن ته ريبيز جي مريضن جي علاج لاءِ 112 ريفرل سينٽر پڻ فعال آهن آصف حيدر شاهه چيو ته انڊس اسپتال جي سهڪار سان ريبيز جي ڪيسن لاءِ ٽيلي ميڊيسن سروس پڻ شروع ڪئي وئي آهي آگاهي مهم جي نتيجي ۾ ماڻهو ڪتي جي چڪ کي سنجيدگي سان وٺي اسپتالن سان رابطو ڪري رهيا آهن چيف سيڪريٽري چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ريبيز کان بچاءَ لاءِ دوائن جي فراهمي خاطر بجيٽ جي دستيابي يقيني بڻائي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

ايڪسچينج ۾ جمعي ڏينهن ڪاروباري هفتي جي پڇاڙي تي ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 461.26 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ هڪ لک 68 هزار 155.49 پوائنٽس تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور 569 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏي وٺ ٿي جن مان 128 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ واڌ، 321 جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن ته 120 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو

بقايا 27 روزاني عبرت

شهباز شريف اتر وزيرستان جي علائقي عيدڪ ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن ۾ 7 خوارج کي جهنم پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته دهشتگردن خلاف منظم ڪارروايون سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه مهارت ۽ اسان جي قومي عزم جون عڪاس آهن سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي به تباهه ڪيو

بقايا 28 روزاني عبرت

يونيورسٽين مان هڪ ڪراچي يونيورسٽي جي مستقل وائيس چانسلر جي مقرري لاءِ ٺهي شارٽ لسٽ اميدوارن جا انٽرويو مڪمل ٿي ويا. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ٽنهي اميدوارن جا انٽرويو ڪيا، جن ۾ اقرا يونيورسٽي جي اڳوڻي ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن يونيورسٽي جي موجوده وائيس چانسلر ڊاڪٽر وسيم قاضي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي اڳوڻي رجسٽرار ڊاڪٽر معظم علي خان ۽ بلوچستان يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر ۽ قائداعظم يونيورسٽي جي موجوده رجسٽرار ڊاڪٽر شفيق الرحمان شامل آهن.تلاش ڪميٽي پاران اميدوارن جي ڪارڪردگي لاءِ مقرر ڪيل نمبرن ۾ ڊاڪٽر وسيم قاضي 86 نمبر ڊاڪٽر معظم علي خان 74 نمبر ۽ ڊاڪٽر شفيق الرحمان 71 نمبر حاصل ڪيا هئا

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪيس ۾ قتل جي قلم شامل ڪرڻ واري درخواست تي عدالت وڪيلن جا دليل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ گل پلازا سانحي بابت دڪاندارن جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران جوابدار تنوير پاستا، رمضان آمين عمان نعمت الله ۽ حذيفه عدالت ۾ پيش ٿيا. دڪاندارن جي وڪيل عبد القيوم قادري ايڊووڪيٽ دليل ڏيندي چيو ته گل پلازا جو واقعو بلديه فيڪٽري سانحي جهڙو ڪيس آهي، تنهن ڪري ڪيس ۾ قتل جي قلم شامل ڪئي وڃي ۽ دڪاندارن کي پڻ ڪيس ۾ ڌر بڻايو وڃي. وڪيل جاويد مير ايڊووڪيٽ درخواست جي مخالفت ڪندي چيو ته درخواست قابل ٻڌڻي ناهي ۽ بلديه فيڪٽري سانحي ۽ گل پلازا واقعي ۾ وڏو فرق آهي. دفاع جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته بلديه فيڪٽري سانحي ۾ فاسفورس ڪيميڪل استعمال ڪيو ويو هو جڏهن ته گل پلازا جو واقعو هڪ حادثو آهي. سرڪاري وڪيل حسن پڻ موقف اختيار ڪيو ته بلديه فيڪٽري سانحو ڀتي جي مطالبي ڪانپوءِ پيش آيو هو جنهن سبب بلديه ڪيس ۾ دهشتگردي جون قلمن شامل ڪيون ويون هيون. هن چيو ته دڪاندارن جي درخواست قابل ٻڌڻي ناهي، تنهن ڪري ان کي رد ڪيو وڃي.عدالت ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ قتل جي قلم شامل ڪرڻ واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 30 روزاني عبرت

ٿام سان گڏوگڏ امن، رواداري کي هٿي وڌائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي تشدد جي روڪ ٿام جي عالمي ڏينهن کي ملهائڻ جو فيصلو 15 جون 2007 ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ڪيو جنهن جو مقصد سڄي دنيا ۾ عدم تشدد جي پيغام کي اجاگر ڪرڻ هو تشدد جي روڪ ٿام جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن پاران پروگرام منعقد ڪيا ويا جڏهن ته اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا تي خاص پروگرام نشر ۽ مواد شايع ڪيو ويو

بقايا 31 روزاني عبرت

کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو جمعي ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته پرڏيهي وزارت ۽ جبوتي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ صوماليه جي سمنڊ ڪناري ويجهو هاءِ جيڪ ڪيل ٽينڪر ايم وي آنر 25 جي متاثر 10 پاڪستاني عملي جي ميمبرن مان چار ياسر خان عقيل خان امين بن شمس ۽ عثمان غني کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو آهي ۽ انهن جي 3 آڪٽوبر تي ڪراچي پهچڻ جي اميد آهي هن چيو ته ٻي پاڪستاني عملي جا ميمبر مرحوم رفيع الله خان مرحوم سيد ڪاشف عمر ۽ مرحوم محمود احمد انصاري جيڪي افسوسناڪ طور تي پنهنجون حياتيون وڃائي ويٺا جون ميتون پاڪستان واپس آنديون پيون وڃن ان سلسلي ۾ سمورين ضروري قانوني ۽ ٻين ضابطاجاتي ڪارروائين کي تيز رفتاري سان مڪمل ڪيو پيو وڃي ته جيئن ان عمل کي جلد کان جلد مڪمل ڪري سگهجي. سوڳوار خاندانن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪريان ٿو

بقايا 32 روزاني عبرت

شاگردياڻين ارباب نور جوکيو ۽ ڪلثوم آفريدي ڪراچي مان هٿ اچڻ بعد پوليس تحويل ۾ ڪوٽڙي آندو ويو شاگردياڻين جي بيان موجب کين ڪنهن به اغوا نه ڪيو هو ۽ هو پهرين پشاور ۽ پوءِ ڪراچي پنهنجي سهيلي وٽ آيون هيون هنن چيو ته کين مائٽن پاڻ ۾ ملڻ نٿي ڏنو جنهن لاءِ اهڙو قدم کنيو سين

بقايا 33 روزاني عبرت

ٻن گاڏين وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا جنهن ۾ 5 ماسترياڻيون شامل آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق طائف رياض ايڪسپريس وي تي ٻن گاڏين وچ ۾ ٽڪر جي جاچ ڪئي پئي وڃي جنهن ۾ 6 ماڻهو فوت ٿيا آهن

بقايا 34 روزاني عبرت

ڏسندي ڏسندي باهه جي وڏن شعلن جنم ورتو ۽ سڄي مارڪيٽ کي ڪنڊر بڻائي ڇڏيو . لڳ ڀڳ مارڪيٽ اندر 60 کان مٿي دڪان سڙي خاڪ ٿي ويا مارڪيٽ ۾ موجود سبزي فروش، ڇيلن جا دڪان، فروٽ ، دهي جا دڪان ڪپڙي جا دڪان ريڙها توڙي رکيل ڪيبن باهه جي ور چڙهي ويون. اطلاع تي ريسڪيو امدادي ٽيمون ، روينيو عملدار ۽ پوليس پهچي ويئي جنهن موقعي تي موجود ماڻهن ۽ مارڪيٽ ميمبرن ۽ آسپاس جي ماڻهن سان ملي باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر سندن ڪوشش باهه جي آڏو نه هلي سگهي ۽ سڄي مارڪيٽ ڪنڊر بڻجي ويئي واپارين کي ڪروڙن جي نقصان جو منهن ڏسڻو پيو .

بقايا 35 روزاني عبرت

کان وڌيڪ جي نئين قسط فراهم ڪري چڪي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق يمن ۾ سعودي عرب جي سفير محمد الجابر جمعي ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پوسٽ ۾ چيو آهي ته اها فنڊنگ يمن جي حڪومت جي درخواست تي ڪئي وئي،هن چيو ته سعودي عرب جي يمن بابت ترقياتي ۽ نئين سر تعمير جي پروگرام ذريعي فراهم ڪيل ان گرانٽ جو مقصد حڪومتي ڪيش فلو مالياتي پاليسي ۽ يمني عوام جي خريد ڪرڻ واري قوت کي سهارو ڏيڻ آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

سميت ٻين زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. بلوم برگ جي رپورٽ موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ جي مستقبل جا سودا 3.09 ڊالرن جي گهٽتائي سان 89.78 ڊالر في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ ڪروڊ جا مستقبل جا سودا 2.34 ڊالرز جي گهٽتائي سان 99.97 ڊالر في بيرل ۾ طئه ٿيا. اسپاٽ گولڊ جو اگهه 5 ڊالرن جي واڌ سان 4182.62 ڊالر في اونس جڏهن ته چاندي جو اگهه 0.48 ڊالر جي اضافي سان 61.62 ڊالر في اونس ۾ طئه ٿيو زرعي جنسن ۾ ڪڻڪ جي اگهه ۾ 4.50 ڊالر جي واڌ سان 687.25 ڊالر في بشل مڪئي جو اگهه 2 ڊالرن جي اضافي سان 500 ڊالر في بشل ڪپهه جي اگهه ۾ 0.14 ڊالر جي گهٽتائي رهي جڏهن ته زنده چوپائي مال جي قيمت ۾ 0.48 ڊالر جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 37 روزاني عبرت

ڊائريڪٽوريٽ آف نيشنل سيونگز مطابق شارٽ ٽرم سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح 9 بيسس پوائنٽس جي اضافي سان 11.22 سيڪڙو مان وڌائي 11.31 سيڪڙو ڊفينس سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح ۾ 19 پوائنٽس جو اضافو ڪيو ويو جنهن بعد شرح 11.61 کان وڌي 11.80 سيڪڙو ٿي وئي آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته اهڙا قدم ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ۽ گهڻ رخي نظام جا بنياد ڪمزور ڪن ٿا. پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل قومن ۾ چين جي مستقل نمائندي فوڪانگ جمعي ڏينهن ٽين ڪميٽي ۾ 28 ملڪن پاران گڏيل بيان پيش ڪندي چيو ته تاريخ ثابت ڪيو آهي ته هڪطرفو جبري قدم عالمي سطح تي بيچيني ۽ بد امني جو وڏو سبب آهي اسرندڙ ملڪن ۽ اتان جو عوام انهن قدمن جو سڀ کان وڌيڪ بار برداشت ڪري رهيو آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

ڄڻا فوت ٿي ويا جنهن ۾ 5 ماسترياڻيون شامل آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق طائف رياض ايڪسپريس وي تي ٻن گاڏين وچ ۾ ٽڪر جي جاچ ڪئي پئي وڃي جنهن ۾ 6 ماڻهو فوت ٿيا آهن شروعاتي اطلاع ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ماسترياڻين کي کڻي ويندڙ گاڏي اوچتو لين مٽائڻ سبب ضابطي مان نڪري ٻي گاڏي سان ٽڪرائجي وئي، ٻي گاڏي جو ڊرائيور حادثي ۾ محفوظ رهيو حادثي ۾ پنج ماسترياڻيون ۽ گاڏي جو ڊرائيور ڦٽي تي فوت ٿي ويا

بقايا 40 روزاني عبرت

ميمبر مقرر ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ديما اليحيليٰ ان پينل ۾ سعودي عرب ۽ خطي جي نمائندگي ڪندي جيڪا ڊجيٽل اڪانامي انوويشن ۽ انٽرنيشنل ڊجيٽل ڪوآپريشن ۾ سندس مهارت ۽ خدمتن جي عڪاسي ڪري ٿي گڏيل قومن پاران قائم ڪيل اهو پينل حڪومتن عالمي تنظيمن نجي شعبن ۽ تعليمي ماهرن کي گڏ ڪري ٿو

بقايا 41 روزاني عبرت

جي سرڪاري ڪاغذن(ڊيبٽ سيڪيورٽيز نوٽيس) ۽ 30 سالن جي بانڊن جي نيلامي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪا جي ناڻي کاتي جمعي ڏينهن جاري بيان ۾ چيو ته اڱاري ڏينهن 58 بلين ڊالرن جا 3 سالن جا ڊيبٽ سيڪيورٽيز نوٽيس، اربع تي 39 بلين ڊالرن جا 10 سال نوٽيس ۽ خميس تي 22 ملين ڊالرن جا 30 سالن جي بانڊز جي نيلامي ڪئي ويندي ان نيلامي جا نتيجا ان ئي ڏينهن جاري ڪيا ويندا

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4553-339605997-2026	RENTAL 230RT CHILLER PACKAGE FOR DHOK HUSSAIN PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK	19.10.2026 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-MEDICAL-60-4558-339618039-2026	IN-HOUSE PHARMACY SERVICES	19.10.2026 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-334974210-2026	SERVICES FOR INSTALLATION AND COMMISSIONING VIBRO-ACOUSTIC PILDS ALONG WITH MATERIAL FOR KPK FIELDS	19.10.2026 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-HR-4546-339511163-2026	SERVICES OF MANPOWER SERVICE PROVIDER	19.10.2026 1430 Hrs
5.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-334927378-2026	SERVICES FOR INSTALLATION OF PIPELINE INTRUSION DETECTION SYSTEM WITH MATERIAL FOR BETTANI FIELD, F.R. LAKKI MARWAT, KPK	20.10.2026 1430 Hrs
6.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CSR-334779630-2026	SERVICES FOR UTILITY WATER SUPPLY FROM TOC WATER PLANT TO 10 VILLAGES AROUND TOC, TALUKA AND DISTRICT HYDERABAD, SINDH	21.10.2026 1430 Hrs
7.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CSR-339632637-2026	HIRING OF DOUBLE CABIN REGIONAL OFFICE QUETTA	22.10.2026 1430 Hrs
8.	OGDC-SCM-FC-CB-DO-339618600-2026	LINER HANGERS 11.75 INCH	05.11.2026 1430 Hrs
9.	OGDC-SCM-FB-CB-PEnFD-339293401-2026	CS COATED PIPELINE 6 INCH SCH 120	05.11.2026 1430 Hrs
10.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-339098438-26	CASING ACCESSORIES	05.11.2026 1430 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No. 202/13

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ميڊيڪل جي وڌايل سيٽن ۾ سنڌ کي نظرانداز ڪرڻ
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
زندگيءَ جا ڪجھ قرض دولت سان ادا
صفحو 4

مُون سُون 2026ع: سنڌ ۾ برسات جي ڪوٽ، ٽر جا فصل متاثر
محمد اسلم سميجو
صفحو 4

مختيار اڏڻ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن — 03

مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر پاران صوفي يونيورسٽي ۽ آغوش الخدمت هالا جو دورو

تعليمي ادارا نوجوان نسل جي فڪري، سماجي ۽ اخلاقي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا: محمد دانش ذاڪر

ڀٽ شاهه سنڌ جي ثقافتي ۽ صوفي ورثي ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو، هتي قائم تعليمي ادارا وڏي اهميت جا حامل آهن

ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر يونيورسٽي جي زيرِ تعمير ڪيمپس جو پڻ دورو ڪيو ۽ جاري ترقياتي ۽ تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو

مٽياري جي ڊي سي محمد دانش ذاڪر آغوش الخدمت سينٽر جو دورو ڪندي

مٽياري(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته تعليمي ادارا نوجوان نسل جي فڪري، سماجي ۽ اخلاقي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن چيو ته ضلعي انتظاميا تعليمي قدمن جي سهڪار ۽ تعليمي تحقيق ۽ نوجوانن جي ترقي لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن سان رابطن ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڀٽ شاهه ۾ يونيورسٽي آف صوفزم اينڊ ماڊرن سائنسز ۽ آغوش الخدمت هالا جي دوري دوران ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر سڀ کان پهريان يونيورسٽي آف صوفزم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه جو دورو ڪيو جتي هن يونيورسٽي جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ تعليمي ۽ انتظامي معاملن جو جائزو ورتو. کيس يونيورسٽي جي تعليمي سرگرمين، مختلف تعليمي پروگرامن شاگردن لاءِ موجود سهولتن ۽ جاري مختلف قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي. ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر يونيورسٽي جي زيرِ تعمير ڪيمپس جو پڻ دورو ڪيو ۽ جاري ترقياتي ۽ تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو. هن يونيورسٽي انتظاميا سان منصوبي تي جاري ڪم جي اڳڀرائي، بنيادي ڍانچي جي ضرورتن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن ترقياتي ڪمن جي بروقت مڪمل ٿيڻ ۽ شاگردن ۽ فيڪلٽي لاءِ مناسب سهولتن جي فراهمي جي اهميت تي زور ڏنو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ڀٽ شاهه سنڌ جي ثقافتي ۽ صوفي ورثي ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو جڏهن ته هتي قائم تعليمي ادارا نوجوان نسل ۾ علم، تحقيق، رواداري، هم آهنگي ۽ مثبت سماجي قدرن جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر آغوش الخدمت هالا جو دورو ڪيو جتي هن اداري جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو ۽ يتيم ٻارن لاءِ فراهم ڪيل انتظامن ۽ سهولتن جو جائزو ورتو. هن ٻارن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن تعليم، روزاني معمول ۽ ٻين معاملن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن ٻارن جي تعليمي سرگرمين ۾ پڻ دلچسپي ورتي ۽ کين فراهم ڪيل تعليمي، رهائشي، کاڌ خوراڪ، صحت ۽ ٻين سهولتن بابت معلومات حاصل ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر يتيم ٻارن جي سار سنڀال، تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته کين محفوظ، صحتمند ۽ مددگار ماحول فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل سماجي ذميواري آهي. هن زور ڏنو ته هر ٻار کي معياري تعليم حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا موقعا فراهم ٿيڻ گهرجن. دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر سهولتن ۾ وڌيڪ بهتري ۽ ٻارن جي مجموعي ڀلائي، ترقي ۽ نشونما سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن آغوش الخدمت پاران يتيم ٻارن جي سار سنڀال ۽ تعليم لاءِ فراهم ڪيل خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو ته ضلعي انتظاميا ضلعي مٽياري ۾ تعليم جي واڌاري، نوجوانن جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ تعليمي، فلاحي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان سهڪار جاري رکندي.

ڳڏيجي لڳ گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي جديد دور ۾ به مسئلن جي ور چڙهيل

اسڪول جي چوديواري گذريل 2022ع جي برسات ۾ ڪري پوڻ سبب رات جي وقت آوارہ جانورن جو آستانو بڻيل

فرنيچر جي کوٽ سبب تدريسي عمل ۾ مشڪلاتون، ٻارڙن لاءِ هڪ استاد مقرر، پٽيوالو نه هجڻ جي ڪري صفائي جو فقدان

تعليم کاتي جي انتظاميا جاڳي واٽي اسڪول مان استاد کي بدلي ڪري تعليم تباهه ڪري ڇڏي آهي، مسئلا حل ڪيا وڃن: ڳوٺاڻا

ڳڏيجي گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي جو ڏيک

ڳڏيجي(ن ع) گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول سائينداد سولنگي اڄ جي جديد دور ۾ به مسئلن جي ور چڙهيل اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ اسڪول جي چوديواري گذريل 2022ع جي برسات ۾ ڪري پوڻ سبب رات جي وقت آوارہ جانورن جو آستانو بڻيل اسڪول ۾ پٽيوالو نه هجڻ جي ڪري صفائي جو وڏو مسئلو آهي ۽ ٻارڙن کي تعليم ڏيڻ جي لاءِ صرف هڪ ليڊي ٽيچر آهي هتان جي ڳوٺاڻن الهڏايو سولنگي، عابدحسين، بلاول، اياز حسين، ذوالفقار سولنگي جن اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي قديمي اسڪول آهي جنهن ۾ مختلف ڳوٺن سائينداد سولنگي، پلي ڏنو سهتو، ژنوار محمد چنل راڄپر، عبدالحق سولنگي سميت ٻين ڳوٺن جا غريب هارين جا ٻارڙا تعليم حاصل ڪندا هئا پر تعليم کاتي جي انتظاميا جاڳي واٽي اسڪول مان استاد کي بدلي ڪري تعليم تباهه ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب ڪيترائي ٻارڙا اسڪول نه ٿا وڃن ۽ چونڊيل نمائندا ووٽ وٺڻ وقت وڏا وڏا واعدا ڪرڻ جي باوجود اهي وفا نه ٿي سگهيا آهن هنن چيو ته اسڪول جي چوديواري تعمير ڪرائي جلد مسئلا حل ڪيا وڃن

ڪاچيلو اسٽيشن ۾ مبينا طور نقصانڪار ڏهي واپرائڻ سبب چار ڄڻن جي حالت خراب

ڏهرڪي(ن ع) ڏهرڪي پرسان ڪاچيلو اسٽيشن ۾ مبينا طور نقصانڪار ڏهي واپرائڻ سبب معصوم ٻار سميت چار ڄڻن جي حالت خراب ٿي وئي، متاثر ماڻهن کي وارثن پاران فوري طور تعلقہ اسپتال ڏهرڪي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن کين طبي امداد فراهم ڪئي تفصيل موجب ڪاچيلو اسٽيشن ۾ مبينا طور ڏهي واپرائڻ ڪانيو عبدالخالق ڪاچيلو عبدالواجد، قدوس ۽ معصوم ٻار عبدالقيوم جي اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي. واقعي ڪانيو وارثن چئني متاثرن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلقہ اسپتال ڏهرڪي پهچايو جتي ڊاڪٽرن کين فوري طبي امداد ڏني واقعي ڪانيو علائقي واسين ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي علائقي واسين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مبينا نقصانڪار ڏهي واري معاملي جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڏهي ۾ ڪنهن نقصانڪار يا ناقص غذائي شئي جي ملاوٽ يا خرابي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ٽن ورهين جي معصوم نياڻي کي ڳوند ميگهواڙ نالي شخص مبينا طور زيادتي جو نشانو بڻايو: ڪرشن ميگهواڙ

ڏهرڪي(ن ع) ڏهرڪي پرسان ڳوٺ صوفن شاهه جي رهواسي ڪرشن ميگهواڙ الزام لڳايو آهي ته لڳ ڀڳ ٻه هفتا اڳ ڳوٺ صوفن شاهه ۾ سندس ٽن ورهين جي معصوم نياڻي کي ڳوند ميگهواڙ نالي شخص مبينا طور زيادتي جو نشانو بڻايو جڏهن ته هڪ بااثر شخص جي مبينا طور وچ ۾ پوڻ سبب معاملو دٻايو ويو ڪرشن ميگهواڙ جو چوڻ آهي ته هو غريب هجڻ سبب خاموش رهڻ تي مجبور آهن پر هاڻي هو پنهنجي معصوم نياڻي لاءِ انصاف چاهين ٿا. ان حوالي سان متاثر نينگري جي والد ڪرشن ميگهواڙ ۽ ميگهواڙ برادري ايس ايڇ او ڏهرڪي سنجي ڪمار ڊي ايس پي ڏهرڪي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي وڃي جوابدار کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي وڪري ۾ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن دوران سالياني بنياد تي 6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي) ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي وڪري ۾ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن دوران سالياني بنياد تي 6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي انگن اکرن موجب مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ ملڪ ۾ مجموعي طور 4.11 ملين ٽن جي پيٽروليم مصنوعات وڪرو ٿي جيڪا گذريل مالي سال جي ان مدي جي 3.89 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 6 سيڪڙو وڌيڪ آهي سيپٽمبر ۾ پيٽروليم مصنوعات جو وڪرو 1.35 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ به سيڪڙو گهٽ آهي انگن اکرن موجب پهرين ٽن مهينن ۾ پيٽروليم جو وڪرو 2.05 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان عرصي جي 1.97 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 4 سيڪڙو وڌيڪ آهي سيپٽمبر ۾ پيٽرول جو وڪرو 0.65 ملين ٽن رهيو اهو آگسٽ جي 0.67 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 2 سيڪڙو وڌيڪ آهي ۽ گذريل سال سيپٽمبر جي 0.68 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 5 سيڪڙو گهٽ آهي پهرين ٽن مهينن ۾ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جو وڪرو 1.57 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان عرصي جي 1.62 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ ٽي سيڪڙو گهٽ آهي سيپٽمبر ۾ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جو وڪرو 0.53 ملين ٽن رهيو جيڪو آگسٽ جي 0.42 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 25 سيڪڙو وڌيڪ آهي جڏهن ته گذريل سال سيپٽمبر جي 0.59 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 11 سيڪڙو گهٽ آهي انگن اکرن موجب پهرين ٽن مهينن ۾ فرنيس آئل جو وڪرو 0.47 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 0.05 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 470 سيڪڙو وڌيڪ آهي پهرين ٽن مهينن ۾ پاڪستان اسٽيٽ آئل جي پيٽروليم مصنوعات جو وڪرو 1.91 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 1.63 ملين ٽن جي ڀيٽ ۾ 17 سيڪڙو وڌيڪ آهي

گهوٽڪي يونين ڪائونسل ٻاگو ڏهو ۾ کُلي ڪچهري

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي آڏو شهرين پاران شڪايتون

شڪايتن تي لاڳاپيل سرڪاري ادارا جلد عملي قدم کڻي مسئلا حل ڪندا: فضل محمد شيخ

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي يونين ڪائونسل ٻاگو ڏهو ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ جي صدارت هيٺ کُلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ٻاگو ڏهو ۽ ڀرپاسي جي علائقن سان وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪري پنهنجا مسئلا ۽ سرڪاري ادارن بابت شڪايتون پيش ڪيون کُلي ڪچهري جو اهتمام يونين ڪائونسل ٻاگو ڏهو جي چيئرمين ۽ سيڪريٽري پاران ڪيو ويو ان موقعي تي علائقي واسين مختلف سرڪاري کاتن سان لاڳاپيل مسئلا ۽ شڪايتون ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ آڏو پيش ڪيون جن کي هن غور سان ٻڌو ۽ لاڳاپيل کاتن جي اختيارين کي مسئلن جي حل لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ چيو ته محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ شهرين کي سرڪاري ادارن مان جائز سهولتون فراهم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جڏهن ته عوام جي مسئلن جو قانون ۽ ضابطن موجب حل يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪيو ويندو. کُلي ڪچهري ۾ شريڪ شهرين اميد ظاهر ڪئي ته سندن پيش ڪيل شڪايتن تي لاڳاپيل سرڪاري ادارا جلد عملي قدم کڻي مسئلا حل ڪندا.

گهوٽڪي يوسي ٻاگو ڏهو ۾ محتسب اعليٰ جو ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ کُلي ڪچهري ۾ شڪايتون ٻڌندي

مورو پرسان ڳوٺ حاجي غازي ڏاهري جي رهواسين جو مظاهرو

ڳوٺاڻن مورو پوليس ۽ ڊي ايس پي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

گهرن تي بنا جواز چڙهائي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ حاجي غازي ڏاهري جي رهواسين پاران مورو پوليس ۽ ڊي ايس پي مورو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري مبينا پوليس ڪارروائي دوران گهرن جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ، عورتن ۽ ٻارڙن سان مبينا بدسلوڪي ۽ نوجوانن کي ڪنهن وجهه جي واقعن جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو احتجاج دوران محمد ابراهيم ڏاهري، غلام قادر ڏاهري، نياز علي ڏاهري ۽ ٻين مورو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين آڏو الزام لڳائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ رات جي وقت پوليس جي وڏي نفري مبينا طور پيپلز پارٽي يو سي ڪهڪات جي جنرل سيڪريٽري محمد رحيم ڏاهري جي گهر تي ڇاپو هڻي جتي پوليس اهلڪارن پاران گهر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان مبينا بدسلوڪي ۽ تشدد ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو وڌيڪ الزام هو ته پوليس اهلڪارن گهر ۾ پيل موبائل فون، روڪ رقم سون ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ کڻي ويا جنهن سان گڏ محمد رحيم ڏاهري، سندس ڀائيٽن محمد يونس ڏاهري، حاجن ڏاهري، فوجي ڏڪرالله ڏاهري ۽ مسرور ڏاهري کي مبينا طور تشدد جو نشانو بڻائي زبردستي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ڳوٺاڻن چيو ته هو پيپلز پارٽي جا ووٽر ۽ ڪارڪن آهن ان باوجود سندن گهرن تي اهڙي مبينا ڪارروائي سواليا نشان بڻيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي مبينا طور کنيا ويل ماڻهن کي ظاهر ڪيو وڃي، عورتن ۽ ٻارڙن سان مبينا زيادتي ۽ گهر مان سامان کڻي وڃڻ بابت جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن پوليس اهلڪار قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي احتجاج ڪندڙن گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ پوليس جي اعليٰ اختيارين ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مورو پوليس جي ڪارڪردگي ۽ ڊي ايس پي مورو جي نگراني ۾ ٿيل مبينا ڪارروائي بابت شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون عوام سامهون آنديون وڃن

مورو ڳوٺ حاجي غازي ڏاهري جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

مقصودورند ۾ جاري جشن آزادي ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جي پڄاڻي

فائنل گهرام خان جمالي اليون ۽ ملا حرمت اليون جي ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويو

گهرام خان جمالي اليون فائنل کٽيس، پ پ اڳواڻ ملڪ امام دين شوقين انعام ورهايا

مقصودورند(ن ع) علائقائي ڪرڪيٽ تنظيم جي چيئرمين حاجي راحب علي رند پاران جاري جشن آزادي ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ هڪ مهينو جاري رهڻ بعد پڄاڻي تي پهتو ٽورنامينٽ جو فائنل گهرام جمالي اليون کٽي ورتو خبر موجب مقصودو رند ۾ علائقائي ڪرڪيٽ تنظيم جي چيئرمين حاجي راحب علي رند پاران جاري جشن آزادي ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ هڪ مهينو جاري رهڻ بعد پڄاڻي تي پهتو ٽورنامينٽ جو فائنل گهرام خان جمالي اليون ۽ ملا حرمت اليون جي ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويو جنهن ۾ پهريان بيٽنگ ڪندي ملا حرمت اليون جي ٽيم مقرره 15 اوورن ۾ عظيم شاهه جي 38 رنسن جي مدد سان 184 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو جواب ۾ گهرام خان جمالي اليون دائود جمالي جي 73 رنسن جي مدد سان ٽارگيٽ حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪري ورتي جنهن تي آيل معزز مهمانن اڳوڻو سينيٽر پ.پ اڳواڻ ملڪ امام دين شوقين پ.پ اڳواڻ عبدالرحمان ٿهيم رند برادري جي معزز شخصيت ۽ پ.پ اڳواڻ حقير حضور بخش رند، پ.پ اڳواڻ اعجاز علي زرداري، ضلع ڪائونسلر سائينداد خان رند، حاجي غلام سرور رند، اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسائيز حق نواز رند، پ.پ اڳواڻ محمد ابراهيم رند، چيئرمين حاجي خان رند، جاويد گل ڏاهري، زوار غلام عباس رند، ضلع ڪائونسلر علي حسن رند، صدورو خان جمالي، علي غلام مري، وائيس چيئرمين مبين بروهي، محمد يوسف ڪنهي، مير زيرڪش علي نواز پنهور، سالار شير رند، حسين بخش رند، فنڪشنل ليگ اڳواڻ دلبر خان رند، عطا ڪوس، حاجي عاشق ڪوسو ۽ ٻين فاتح ٽيم گهرام جمالي اليون کي هڪ لک رپيا انعام ۽ ٽرافي جڏهن ته هارائيندڙ ٽيم ملا حرمت اليون کي 30 هزار انعام ۽ ٽرافي ڏني جڏهن ته مين آف دي ميچ دائود جمالي ۽ گلزار جمالي کي مين آف دي ٽورنامينٽ قرار ڏنو ويو بهترين بيٽسمين، بالر فيلڊر ۽ امپائرن ڪيچ ڪندڙ تماشائين کي پڻ انعام ڏنا ويا

دادلغاري علي اصغر پتافي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو ڪيو پيو وڃي

دادلغاري ۾ علي اصغر پتافي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

مقتول جي وارثن، پرائيويٽ اسڪول جي استادن ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

پوليس جي لاپرواهي سبب قاتل ڌر اسانکي جاني نقصان پهچائي سگهن ٿا: مظاهرين

دادلغاري(ن ع) دادلغاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ جادو پتافي ۾ هڪ سال اڳ مهٿيائي برادري جي هٿياربندن هٿان بيدردي سان قتل ٿيل استاد علي اصغر پتافي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مقتول جي وارثن پرائيويٽ اسڪول جي استادن، شاگردن سياسي سماجي اڳواڻن طرفان داد لغاري ٿاڻي جي مک گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن عمران علي پٽ لقمان پتافي عبدالجبار زين العابدين پتافي ۽ ٻين مقتول استاد علي اصغر پتافي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادلغاري جي مک گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيا اڳواڻن پوليس خلاف ڇتي نعري بازي ڪئي ۽ قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته دادلغاري پوليس هڪ سال گذرڻ باوجود به استاد علي اصغر پتافي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو آهي قاتل اسان کي بيهر موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن پوليس جي لاپرواهي سبب قاتل ڌر اسانکي جاني نقصان پهچائي سگهن ٿا اڳواڻن چيو ته دادلغاري ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او ذوالفقار مهر نااهل ايس ايڇ او آهي جڏهن کان هي دادلغاري ٿاڻي تي مقرر ٿيو آهي ان ڏينهن کان قتل ڦرون چوريون عام ٿي ويون آهن انهن چيو ته داد ايس ايڇ او قاتلن جي اوطاق تي وڃي ماني کائي پئسا وٺي خالي هٿين موٽي اچي ٿو اسانکي ان ايس ايڇ او مان قاتل گرفتار ڪرڻ جا ڪا اميد ناهي نظري چو جو هو قاتلن جي پٺڀرائي ڪري وڏي خونا ريزي ڪرائڻ جي چڪر ۾ آهي مقتول جي وارثن چيو ته اسانجي نوجوان پٽ علي اصغر پتافي کي قاتلن بي گناهه قتل ڪيو آهي اسانجو ناري جي معاملي سان واسطو ڪونه هيو شاگردن استادن ۽ سياسي سماجي ماڻهن ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽس وٺي قاتلن کي گرفتار ڪري دادلغاري جي ڪرپٽ ايس ايڇ او ذوالفقار مهر کي هٽائي ايماندار ايس ايڇ او مقرر ڪري قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي مقتول جي وارثن چتاءُ ڏنو ته اسانجي پٽ جا قاتل گرفتار نه ڪيو ويا ۽ ايس ايڇ او دادلغاري کي نه هٽايو ويو ته اسان ايس پي آفيس اڳيان پنهنجي ٻارن ٻچن سميت احتجاج ڪنداسين

مورو ۾ ڪورائي پوليس جي ڪامياب ڪارروائي

چوري ٿيل ٽي موبائل فون هٿ، شاهنواز سولنگي گرفتار

شاهنواز سولنگي جي قبضي مان چوري ٿيل 3 ٽي موبائل فون هٿ ڪيا ويا

مورو (ن ع) ڪورائي پوليس ڪارروائي ڪندي چوري ٿيل ٽي موبائل فون هٿ ڪري هڪ چور شاهنواز سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او ڪورائي ٿاڻو شاهد علي جاموٽ موجب پوليس ڪارروائي دوران هڪ چور شاهنواز سولنگي کي گرفتار ڪري جنهن جي قبضي مان چوري ٿيل 3 ٽي موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن پوليس موجب گرفتار جوابدار خلاف ڪورائي ٿاڻي تي سرڪار جي مدعيت ۾ گناهه نمبر 42/2026 ۽ قلم 411 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

سڪرنڊ ۾ جسقم ناري تحريڪ پاران "تحفظ سنڌ وطن ريلي" جي عنوان هيٺ ريلي

ڊپٽي آرگنائيزر زبيده ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ شهيد بشير خان قريشي چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي

سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪنداسون ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ورهائڻ نه ڏينداسون: زبيده ملاح

سڪرنڊ (ن ع) جسقم ناري تحريڪ پاران "تحفظ سنڌ وطن ريلي" جي عنوان هيٺ مرڪزي چيف آرگنائيزر ناياب سرڪش، ڊپٽي آرگنائيزر زبيده ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ شهيد بشير خان قريشي چوڪ کان قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ جسقم آرگنائيزر مسعود شاهه مسمات ارشاد خاتون ايس يو پي ناري اڳواڻ مس شمائلا ڪيريو فقير حڪيم لاکو تعلقہ صدر غلام مصطفيٰ زئونر راڻو خان جلباڻي، سوڙو ميربحر، غوث علي ڪيريو علن سنڌي شامل هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪنداسون ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ورهائڻ نه ڏينداسون سنڌ اسان لاءِ ماءُ آهي ۽ ڪو به حلالي اولاد ماءُ کي تقسيم ڪرڻ نه ڏيندو هنن وڌيڪ چيو ته حڪمران پنهنجي هوڙ تان لهي وڃن جي نه ته کين خبر هئڻ گهرجي ته سنڌي قوم ننگن ۽ ڌنگن تي سر ڏيڻ واري قوم آهي ۽ هُو حفاظت ڪرڻ ڄاڻن ٿا ان ڪري اسين نه سنڌ ورهائڻ ڏينداسين نه سنڌو جو پاڻي چورائڻ ڏينداسين جيسين هڪ به سنڌيءَ جي سسيءَ ۾ ساهه آهي تيسين سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪنداسين

سنڌ جو انتظامي ورهاڱو نامنظور
تحفظ سنڌ وطن ريلي
سڪرنڊ جسقم ناري تحريڪ پاران "تحفظ سنڌ وطن ريلي" ڪڍي پئي وڃي

سنڌ اسيمبلي جا فيصلا رڳو ڪاغذن تائين محدود آهن: رياض چانڊيو

حڪمرانن کي جوابده بڻائڻ لاءِ هاڻي سنڌ جي روڊن رستن تي اسيمبلي لڳائينداسين

سنڌ جي بنيادي مسئلن، تعليم، صحت ۽ عوامي حقن بابت سنجيده قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

سوڀوديرو قومپرست اڳواڻ رياض چانڊيو سينئر صحافي فقير محمد عباسي سان ڳالهائيندي

سوڀوديرو (ن ع) سنڌ اسيمبلي جا فيصلا رڳو ڪاغذن تائين محدود آهن، هاڻي سنڌ جي روڊن تي اسيمبلي لڳائينداسين. سنڌ جي قومپرست اڳواڻ رياض چانڊيو سينئر صحافي فقير محمد عباسي سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي ۾ عوام ۽ سنڌ جي مسئلن بابت جيڪي به فيصلا ڪيا وڃن ٿا، انهن تي عملي طور تي عملدرآمد نٿو ٿئي، جنهن سبب اسيمبلي جا فيصلا رڳو ڪاغذن تائين محدود رهجي وڃن ٿا. هن چيو ته جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي جي فيصلن تي عمل نه ٿيندو ته پوءِ سنڌ جي عوام جا مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ حڪمرانن کي جوابده بڻائڻ لاءِ هاڻي سنڌ جي روڊن رستن تي اسيمبلي لڳائينداسين. رياض چانڊيو وڌيڪ چيو ته سنڌ جي بنيادي مسئلن وسيلن امن امان تعليم صحت ۽ عوامي حقن بابت سنجيده قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته عوام جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۽ پرامن جمهوري جدوجهد جاري رکي ويندي

ٽنڊو آدم ۾ پ پ ايم اين اي پاران بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه جي سهڪار سان ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيمپ دوران جن نوجوانن رت عطيو ڪيو انهن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي علاءُ الدين جوڻيجو پاران جوڻيجو هائوس ٽنڊو آدم تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه جي سهڪار سان ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو جتي پيپلز پارٽي جي ڪيترن ئي ورڪرن سميت MNA علاءُ الدين جوڻيجو جي دوستن ساٿين ۽ هائوس جي اسٽاف پاران رت عطيو ڪيو ويو ان موقعي تي MNA علاءُ الدين جوڻيجو ڳالهائيندي چيو ته ٿيليسيميا سينٽر جي فيلڊ مينيجر محسن ابڙو ملاقات ڪري ٻڌايو ته سينٽر تي 28 سئو ٻار رجسٽرڊ آهن جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن مان ايندا آهن جن کي رت، دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي جنهن تي احساس ٿيو ته اسان کي به هن ڪار خير ۾ حصو ڳنڍڻ گهرجي جنهن تي مون پاڻ به رت عطيو ڪيو آهي ڪيمپ دوران جن نوجوانن رت عطيو ڪيو انهن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا ان موقعي تي فيلڊ مينيجر محسن ابڙو ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گزار آهيون سائين MNA علاءُ الدين جوڻيجو جا جن اسان سان نه صرف سهڪار ڪيو بلڪ جلد ٿيليسيميا سينٽر اچڻ جي دعوت به قبول ڪئي آهي ڪيمپ دوران معشوق چانڊيو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جو گڏيل اجلاس

سڪرنڊ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ ٿيليسيميا جا 72 ٻارڙا آهن: غلام نبي چنه

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ ٿيليسيميا جا 72 ٻارڙا آهن جن جي لاءِ رت جو پوراءُ ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن ان کي ڪيئن حل ڪجي ان لاءِ ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جو گڏيل اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سوسائٽي پاران جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه ۽ انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي شرڪت ڪئي جڏهن ته سڪرنڊ پريس ڪلب پاران جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح، راڄڪمار اوڊ، منصور لغاري ۽ بشير لاشاري شريڪ ٿيا اجلاس ۾ غلام نبي چنه ٻڌايو ته سڪرنڊ پريس ڪلب هميشه اسان جي مدد ڪئي آهي ڪيمپن لڳائڻ ۾ به سدائين سهڪار ڪيو آهي هيئر سڪرنڊ جي ٻارن جو انگ وڌي 72 ٿي ويو آهي جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌ رت جي ضرورت آهي جنهن تي سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح اجلاس کي يقين ڏياريو ته ان شاءَ الله ماضيءَ جيان هيئنر به ٿيليسيميا جي ٻارن جون زندگيون بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين هن اهو پڻ چيو ته تمام جلد سڪرنڊ پريس ڪلب وفد جي صورت ۾ علائقي جي چونڊيل نمائندن سياسي سماجي ڌرين ۽ ساڄهه وندن سان ملاقات ڪري کين بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائڻ جو چوندا اميد آهي ته بهتر موٽ ملندي اجلاس ۾ ٿيليسيميا فيلڊ مينيجر محسن ابڙو پڻ شريڪ هو

ٺري ۾ تعلقي ميرواهه جي صدر سيد آفتاب شاهه جيلاني جي مان ۾ آجياڻو

ٺري ميرواهه (ن ع) ٽائون ڪاميٽي سيٺارجا جي ڳوٺ نياز محمد شنباڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي ميرواهه جي صدر سيد آفتاب شاهه جيلاني جي مان ۾ عبدالڪريم شنباڻي جي رهائش گاهه تي هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي عبدالڪريم شنباڻي پ پ تعلقي ميرواهه جي صدر سيد آفتاب شاهه جيلاني کي اجرڪ اوڍائي آجيان ڪئي جڏهن ته ٻين مهمانن کي پڻ سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ان موقعي تي تقريب ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سيد آفتاب شاهه جيلاني کي پ پ تعلقي ميرواهه جي پارٽي صدر طور چونڊجڻ تي مبارڪون ڏنيون تقريب ۾ 10 آڪٽوبر تي ٺري ميرواهه پيپلزپارٽي آفيس جو افتتاح ٿيندو جنهن ۾ پ پ ڪارڪنن ۽ عوام کي اپيل ڪئي وئي ته افتتاحي تقريب ۾ وڌ ۾ وڌ شرڪت ڪئي وڃي

سجاول جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا، ٽي شاگرديائيون زخمي

اسيمبلي ڪرائڻ بعد آئون آفيس ۾ واپس آيس ته آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته ڪلاس روم ۾ پهتس: سينئر هيڊ ماستر

ڪلاس روم ۾ ڏهين ڪلاس جون شاگرديائيون سهڻي، سليما ۽ ندا، ڇت جا ڇاپڙا ڪرڻ سبب زخمي ٿي پيون هيون

گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي زبون حال ڪلاس رومن جي فوري مرمت ڪرائي، اسڪول کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

سجاول گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي ڇت مان ڪريل ڇاپڙن ۽ جو ڏيک

سجاول(ڊ ر) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول سجاول جي ڏهين ڪلاس جي ڪمري جي ڇت جا ڇاپڙ اوچتو ڪرڻ سبب ٽي شاگرديائيون زخمي ٿي پيون جن کي اسڪول انتظاميا پاران طبي امداد ڪرائڻ بعد گهر روانو ڪيو ويو واقعي جو اطلاع ملڻ تي ٽي اي او نياز احمد شاهه اسڪول پهچي واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا اسڪول جي سينئر هيڊ ماستر نصير احمد ميمڻ صحافين کي ٻڌايو ته اسيمبلي ڪرائڻ بعد هو آفيس واپس آيو ته آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو ڪلاس روم ۾ پهتو جتي ڏهين ڪلاس جون شاگرديائيون سهڻي، سليما ۽ ندا، ڇت جا ڇاپڙا ڪرڻ سبب زخمي ٿي پيون هيون هنن کي اسڪول ۾ موجود ڊاڪٽر کان طبي معائنو ۽ ضروري امداد ڪرائڻ بعد گهر روانو ڪيو ويو اسڪول انتظاميا ۽ شهرين سنڌ حڪومت جي تعليم واري وزير، ضلعي انتظاميا ۽ ڊي سي سجاول کان مطالبو ڪيو آهي ته گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي زبون حال ڪلاس رومن جي فوري مرمت ڪرائي، اسڪول کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن مستقبل ۾ اهڙا حادثا پيش اچڻ کان روڪي سگهجن ۽ شاگرديائين جي زندگين کي محفوظ بڻايو وڃي

نوابشاهه ضلعي ۾ چورين، ڦرن، ڌاڙن سميت منشيات تي ڪنٽرول لاءِ پوليس جو ايڪشن

ضلعي جي 16 ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون

سڪرنڊ ۾ پوليس پاران ڪارروائي دوران چار مبينہ منشيات فروشن گرفتار، منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

ضلعي جي 16 ٿاڻن جي حدن مان 26 کان وڌيڪ منشيات فروش گرفتار ڪيا آهن، سهولتڪارن جي پڻ ڳولا جاري آهي: پوليس

سڪرنڊ پوليس جي ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهن

سڪرنڊ (ن ع) چورين، ڦرن، ڌاڙن سميت منشيات تي ڪنٽرول لاءِ پوري ضلع شهيد بينظير آباد کي ان ناسور کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊاڪٽر ضمير نور چنا جي هدايتن تي ضلعي جي مختلف 16 ٿاڻن جي حدن ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون جنهن ۾ سڪرنڊ پڻ شامل آهي ان سلسلي ۾ سڪرنڊ ۾ پوليس پاران ڪارروائي دوران چار مبينہ منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن ۾ نويد احمد انصاري، صيفل عرف ٿوهي رند، عادل حسين جمالي ۽ سجاول عرف موٽو رند شامل آهن گرفتار جوابدارن مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان منشيات پڻ هٿ ڪئي وئي آهي جڏهن ته ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري آهن پوليس پاران ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي ڊاڪٽر ضمير نور چند پاران پوليس کي شاباسي ڏني وئي ۽ کين ڪارروايون تيز ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ضلعي جي 16 ٿاڻن جي حدن مان 26 کان وڌيڪ منشيات فروش گرفتار ڪيا آهن جن مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته انهن جي سهولتڪارن جي پڻ ڳولا جاري آهي جن خلاف پڻ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

نيٽ ويئرز جي قومي روانگي واپار ۾ آگسٽ 2026ع دوران 5.6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) نيٽ ويئرز جي قومي روانگي واپار ۾ آگسٽ 2026ع دوران 5.6 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) مطابق ان عرصي دوران روانگي واپار جي ماليت 471 ملين ڊالرن تائين وڌي وئي جڏهن ته آگسٽ 2025ع دوران نيٽ ويئرز جي روانگي واپار مان 447 ملين ڊالرز جو مٽا سٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو اهڙي طرح آگسٽ 2025ع جي ڀيٽ ۾ آگسٽ 2026ع دوران نيٽ ويئرز جي ملڪي روانگي واپار ۾ 25 ملين ڊالرز يعني 5.6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو

پام آئل جي آمدني واپار ۾ آگسٽ 2026ع دوران 19 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي)پام آئل جي ملڪي آمدني واپار ۾ آگسٽ 2026ع دوران 19 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي ٿي آهي وفاقي شمارياتي اداري جي انگن اکرن مطابق ان عرصي دوران آمدني واپار جي ماليت 2.72 ملين ڊالرن تائين گهٽجي وئي جڏهن ته آگسٽ 2025ع دوران پام آئل جي آمدني واپار جي ماليت 3.37 ملين ڊالرز رهي هئي اهڙي طرح آگسٽ 2025ع جي ڀيٽ ۾ آگسٽ 2026ع دوران پام آئل جي قومي آمدني واپار ۾ 65 ملين ڊالرز يعني 19.28 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

پاڪستان جي ٽيڪسٽائل صنعت جي عالمي مارڪيٽ ۾ پوزيشن وڌيڪ مستحڪم

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي ٽيڪسٽائل صنعت عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجي پوزيشن وڌيڪ مستحڪم ڪندي روانگي واپار ۾ لڳاتار اضافو رڪارڊ ڪيو آهي ايس آءِ ايف سي موجب مالي سال 2026ع دوران ٽيڪسٽائل جو روانگي واپار 40 ملين ڊالرن جي اضافي سان 17.93 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو مالي سال جي شروعاتي ٻن مهينن ۾ ٽيڪسٽائل ملبوسات جو روانگي واپار 5.55 سيڪڙو جي اضافي سان 3.38 ارب ڊالرز ٿي ويو آهي ايس آءِ ايف سي موجب پاڪستان جي ٽيڪسٽائل صنعت ملڪي معيشت ۽ روانگي واپار ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ شعبي ۾ روانگي واپار جي سرگرمين ۾ لڳاتار بهتري ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي روانگي واپار ۾ اڳڀرائي پاڪستان جي صنعتي ۽ روانگي شعبي ۾ جاري سرگرمين جي عڪاسي آهي ٽيڪسٽائل شعبي ۾ وڌندڙ صنعتي سرگرميون روانگي واپار کي هٿي ڏيڻ سان گڏو گڏ ملڪي غير ملڪي سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ به مددگار ثابت ٿي رهي آهي اختيارين موجب ٽيڪسٽائل صنعت جي روانگي واپار ۾ اضافو ويليو ايڊيشن ۽ عالمي مارڪيٽن تائين پهچ ۾ بهتري سان پاڪستان جي ايڪسپورٽ بنياد وڌيڪ مستحڪم ٿيڻ جو امڪان آهي

قومي بچت اسڪيمن جي منافعي جي شرح ۾ تبديلي

اسلام آباد (اي پي پي) ڊائريڪٽوريٽ آف نيشنل سيونگز قومي بچت جي مختلف اسڪيمن تي منافعي جي شرح ۾ تبديلي ڪي ڇڏي آهي نئين شرح پهرين آڪٽوبر 2026ع کان لاڳو ٿي وئي آهي ڊائريڪٽوريٽ آف نيشنل سيونگز مطابق شارٽ ٽرم سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح 9 بيسس پوائنٽس جي اضافي سان 11.22 سيڪڙو سان وڌائي 11.31 سيڪڙو، ڊيفنس سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح ۾ 19 پوائنٽس جو اضافو ڪيو ويو جنهن بعد شرح 11.61 کان وڌي 11.80 سيڪڙو ٿي وئي آهي سارو اسلامڪ سيونگز اڪائونٽس تي منافعي جي شرح 8 بيسس پوائنٽس جي اضافي سان 11.25 کان وڌي 11.33 سيڪڙو، بهبود سيونگز سرٽيفڪيٽس تي منافعي جي شرح 12 بيسس پوائنٽس جي واڌ سان 12.60 سيڪڙو کان 12.72 سيڪڙو جڏهن ته پينشنر بينيفٽس اڪائونٽس تي به منافعي جي شرح 12.60 سيڪڙو مان وڌائي 12.72 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي آهي سارو اسلامڪ ٽرم اڪائونٽس تي منافعي جي شرح 11.25 سيڪڙو کان وڌائي 11.33 سيڪڙو ڪئي وئي آهي قومي بچت جي جاڙايل اسڪيمن تي نظرثاني ٿيل منافعي جي شرح پهرين آڪٽوبر 2026ع کان لاڳو ٿي وئي آهي

سيبس يونيورسٽي ۾ رٽائر ٿيندڙ محمد يوسف سومرو جي مان ۾ الوداعي تقريب

وي سي پاران محمد يوسف سومرو جي مستقبل جي زندگيءَ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

يونيورسٽي ملازمن کي رٽائرمينٽ بدران سالگرهه ملهائڻ گهرجي: پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو

ڄامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس)يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو پاران اسسٽنٽ رجسٽرار محمد يوسف سومرو جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سندس مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي صدارت وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ڪئي تقريب ۾ قائم مقام رجسٽرار محمد سليمان ڀٽو ڊائريڪٽر فنانس عمران نون مختلف شعبن ۽ سيڪشنن جا چيئرمين ۽ سربراهه فيڪلٽي ميمبر آفيسر ۽ عملي جا ميمبر شريڪ ٿيا ۽ رٽائر ٿيندڙ آفيسر جي خدمتن کي ساراهيو تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو سيبس يونيورسٽي ۾ محمد يوسف سومرو پاران سرانجام ڏنل خدمتن خاص طور تي هارٽيڪلچر جي انچارج طور سندس ڪردار ۽ يونيورسٽي ڪيمپس جي خوبصورتي، ساوڪ ۽ مجموعي ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيل سندس ڪوششن کي ساراهيو.پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته هن موقعي کي رڳو رٽائرمينٽ طور ڏسڻ بدران محمد يوسف سومرو جي زندگيءَ ۾ هڪ نئين شروعات طور ملهايو وڃي هن چيو ته يونيورسٽي ملازمن کي سندس رٽائرمينٽ بدران سالگرهه ملهائڻ گهرجي ۽ هر صورتحال کي ان جي مثبت پهلوءَ سان ڏسڻ جي ضرورت تي زور ڏنوهن محمد يوسف سومرو جي مستقبل جي زندگيءَ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ کيس هدايت ڪئي ته هو پنهنجي سروس دوران حاصل ڪيل تجربن ۽ مشاهدن کي قلمبند ڪري، جيئن اهي تجربا ٻين لاءِ به فائديمند ثابت ٿي سگهن ان موقعي تي ڳالهائيندي محمد يوسف سومرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو يونيورسٽي انتظاميا، فيڪلٽي ميمبرن آفيسرن ۽ عملي جا ٿورا مڃيا جن سندس مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪري کيس عزت ۽ احترام سان نوازيو هن يونيورسٽي ۾ پنهنجي سروس دوران ساٿين پاران حاصل ٿيندڙ سهڪار تي پڻ شڪرگذاري جو اظهار ڪيو تقريب دوران مختلف ملازمن پاران محمد يوسف سومرو کي محبت، احترام ۽ خدمتن جي اعتراف طور گلدستا، سنڌي اجرڪون ۽ تحفا پيش ڪيا ويا. وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو محمد يوسف سومرو کي سنڌي اجرڪ اوڍايو ۽ سندس خدمتن جي اعتراف طور يادگار شيلڊ پڻ پيش ڪئي

ڄامشورو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو محمد يوسف سومرو کي يادگار شيلڊ پيش ڪندي

محمد ياسين ICMA پاڪستان جي صدر جي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو

سينيئر فنانس پروفيشنل محمد ياسين کي مختلف شعبن ۾ وسيع پيشه ورانہ تجربو حاصل

ICMA پاڪستان ۾ نائب صدر، اعزازي خزانچي ۽ ريسرچ اينڊ پبليڪيشنز ڪميٽي جي چيئرمين طور نمايان ذميواريون نڀائي چڪو

ڪراچي محمد ياسين

ڪراچي(رپورٽ: صالح بلوچ) محمد ياسين، ايف سي ايم اي، انسٽيٽيوٽ آف ڪاسٽ اينڊ مينيجمينٽ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان (ICMA پاڪستان) جي صدر جي حيثيت سان پنهنجي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو آهي محمد ياسين هڪ سينيئر فنانس پروفيشنل آهن ۽ دي سيپريئر گروپ ۾ گروپ چيف فنانشل آفيسر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جن ۾ ٽيڪسٽائل، آئل اينڊ گئس، ميڊيا، ايويئيشن، سپلاءِ چين ۽ تعليم سميت مختلف شعبن ۾ وسيع پيشه ورانہ تجربو حاصل آهي هو ان کان اڳ ICMA پاڪستان جي نائب صدر ۽ اعزازي خزانچي طور پڻ خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن، جڏهن ته هو اداري جي ريسرچ اينڊ پبليڪيشنز ڪميٽي جا چيئرمين پڻ رهي چڪا آهن اداري سان سندن ڏگهي وابستگي ۾ لاهور برانچ ڪائونسل جي قيادت ۽ نيشنل ڪائونسل جي ميمبرشپ پڻ شامل آهي محمد ياسين جي پيشه ورانہ قابليت ۾ ICMA پاڪستان، چارٽرڊ انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ فنانس اينڊ اڪائونٽنسي (CIPFA)، برطانيا، ۽ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ فنانس اڪائونٽنٽس (PIPFA)جي فيلوشپ شامل آهي هو PIPFAجي بورڊ آف گورنرز جا صدر پڻ رهي چڪا آهن، جڏهن ته Toastmasters International، آمريڪا پاران کين Distinguished Toastmaster (DTM) جو اعزاز پڻ حاصل آهي علائقائي سطح تي پڻ محمد ياسين جون پيشه ورانہ خدمتون جاري رهيون آهن ۽ هو سائوٿ ايشين فيڊريشن آف اڪائونٽنٽس جي شفافيت، احتساب ۽ گورننس ۾ بهتري بابت ڪميٽي جا ميمبر پڻ رهي چڪا آهن محمد ياسين پاران صدر جو عهدو سنڀالڻ سان ICMA پاڪستان پاران پيشه ورانہ تعليم جي فروغ، ميمبرن جي پيشه ورانہ صلاحيتن ۾ واڌ ۽ صنعت توڙي ڪاروباري شعبي سان رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ وارين ڪوششن کي هٿي ملڻ جي اميد آهي

ميرپورساڪري بي ايڇ يو ۾ صحت جون سهولتون سخت متاثر

ڊاڪٽر غيرحاضر هجڻ جا الزام، ڊسپينسر پٽيوال پاران اسپتال هلائڻ جي شڪايت

مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن: ڳوٺاڻا

ميرپورساڪري (ن ع) بي ايڇ يو ميرپورساڪري ۾ صحت جون سهولتون سخت متاثر ڊاڪٽر غير حاضر هجڻ جا الزام، ڊسپينسر پٽيوال پاران اسپتال هلائڻ جي شڪايت؛ غريب مريض علاج لاءِ دربدر ميرپورساڪري ۽ ڀرپاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي غريب، پورهيت ۽ ٻي ٻهچ ماڻهن لاءِ واحد سهارو سمجهي ويندڙ بنيادي صحت مرڪز (BHU) ميرپورساڪري ۾ مبينا طور ڊاڪٽر جي غيرحاضري سبب صحت جون سهولتون سخت متاثر ٿيڻ لڳيون آهن. جڏهن ته علائقي واسين جو الزام آهي ته ڊاڪٽر جي غيرموجودگي ۾ ڊسپينسر ۽ پٽيوال اسپتال جا معاملا هلائي رهيا آهن علائقي واسين موجب سرڪاري صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽر جي غيرحاضري ۽ انتظامي بي ڌياني سبب روزاني بنياد تي علاج لاءِ ايندڙ غريب مريض سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪيترائي مريض ۽ سندن وارث مناسب طبي معائني ۽ علاج جي سهولت نه ملڻ سبب مايوس ٿي واپس وڃڻ تي مجبور ٿين ٿا. ان سلسلي ۾ ڪريڪٽر ٽرالين ۾ مزدوري ڪندڙ پورهيت، عبدالصمد بروهي اسپتال انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته آئون پيٽ جي سور سبب بي ايڇ يو اسپتال چيڪ اپ ڪرائڻ لاءِ ويو هئس اسپتال ۾ ڊيوٽي ڊاڪٽر موجود نه هو اتي موجود پٽيوال مون کان پڇيس مون ان کي ٻڌايو ته پيٽ ۾ سور آهي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو آهي پٽيوالي ته پيناڊول گوريون ۽ عدد ڪيلسيم جون پڙيون ڏئي چيو ته هي دوا وڃي کا باقي ڊاڪٽر ناهي آيو پورهيت ضلعي انتظاميا حيدرآباد ۽ پي پي ايڇ آءِ جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بي ايڇ يو ميرپورساڪري جو فوري ۽ شفاف معائنو ڪرائي ڊاڪٽر جي حاضري، عملي جي ڪارڪردگي ۽ مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 03 آڪٽوبر 2026ع

ميڊيڪل جي وڌايل سيٽن ۾ سنڌ کي نظرانداز ڪرڻ ناانصافي آهي

ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ پوري ڪرڻ، طبي تعليم جا موقعا وڌائڻ ۽ ميرٽ تي ايندڙ شاگردن کي اڳتي وڌڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪرڻ ڪنهن بہ حڪومت جي اهم ذميوارين ۾ شامل آهي. طبي تعليم رڳو ڪنهن هڪ شاگرد جي ذاتي مستقبل جو معاملو نہ پر سڄي سماج جي صحت ۽ ملڪ جي ترقيءَ سان لاڳاپيل آهي. ان ڪري جڏهن پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل پاران سرڪاري ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليجن ۾ 1400 اضافي سيٽون وڌائڻ جي منظوري ڏني وئي آهي تہ اهو فيصلو طبي تعليم جي ميدان ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي، پر ان سان گڏ هڪ اهڙو سوال بہ اڀري ٿو جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي تہ انهن وڌايل سيٽن ۾ سنڌ جي شاگردن کي شامل ڇو نہ ڪيو ويو آهي؟ پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل جي جاري ڪيل ڄاڻ موجب اضافي سيٽن مان پنجاب لاءِ 475، خيبر پختونخوا لاءِ 150، بلوچستان لاءِ 50 جڏهن تہ وفاقي گاديءَ واري علائقي، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي ڪوٽا لاءِ 725 سيٽون وڌايون ويون آهن. اهڙيءَ ريت مجموعي طور 1400 اضافي ايم بي بي ايس سيٽن جي منظوري ڏني وئي آهي پر هن ورڇ ۾ سنڌ صوبي لاءِ ڪا بہ اضافي سيٽ شامل نہ هجڻ سنڌ جي شاگردن ۽ سندن والدين لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيو آهي.

سنڌ پاڪستان جو هڪ اهم صوبو آهي، جنهن جي آبادي وڏي آهي ۽ جتي هزارين شاگرد هر سال ميڊيڪل جي داخلا ٽيسٽ ۾ حصو وٺن ٿا. انهن شاگردن جو خواب هوندو آهي تہ هو ڊاڪٽر بڻجي پنهنجي خاندان، سماج ۽ ملڪ جي خدمت ڪن پر محدود سيٽن، سخت مقابلي، مهانگي خانگي تعليم ۽ معاشي وسيلن جي کوٽ سبب ڪيترائي قابل شاگرد پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ کان محروم رهجي وڃن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن سرڪاري ميڊيڪل ڪاليجن ۾ سيٽون وڌائڻ جو موقعو پيدا ٿئي ۽ ان ۾ سنڌ کي حصو نہ ملي تہ شاگردن جي مايوسي فطري آهي. طبي تعليم جي موقعن ۾ صوبائي برابري ضروري آهي. جيڪڏهن اضافي سيٽن جو مقصد ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جو انگ وڌائڻ ۽ ميرٽ تي ايندڙ شاگردن کي وڌيڪ موقعا ڏيڻ آهي تہ پوءِ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمورن صوبن جي ضرورتن جو جائزو وٺڻ لازمي آهي. ڪنهن بہ صوبي کي رڳو ان بنياد تي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي تہ اتي اضافي سيٽن جي منظوري لاءِ گهربل انتظامي يا فني ڪارروائي مڪمل نہ ٿي سگهي آهي. جيڪڏهن سنڌ جي سرڪاري ميڊيڪل ڪاليجن ۾ سهولتن، استادن، اسپتالن يا ٻين گهربل معيارن بابت ڪا کوٽ آهي تہ ان جي نشاندهي ڪري، پورو ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. اهو بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ اضافي سيٽون وڌائڻ جو مقصد رڳو داخلا وٺندڙ شاگردن جو انگ وڌائڻ نہ پر معياري طبي تعليم کي يقيني بڻائڻ پڻ آهي. پي ايم ڊي سي پاران مقرر ڪيل معيارن تي پورو لهڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ طبي تعليم ۾ معيار تي ڪا بہ سوديبازي مستقبل ۾ مريضن جي علاج ۽ صحت جي خدمتن کي متاثر ڪري سگهي ٿي. تنهن هوندي بہ معيار برقرار رکندي سنڌ جي سرڪاري ميڊيڪل ڪاليجن جي گنجائش وڌائڻ لاءِ منصوبابندي ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي.

سنڌ حڪومت کي هن معاملي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. صحت ۽ يونيورسٽين بابت لاڳاپيل کاتن کي گهرجي تہ اهي پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل سان رابطو ڪري معلوم ڪن تہ اضافي سيٽن جي ورڇ لاءِ ڪهڙا معيار اختيار ڪيا ويا آهن ۽ سنڌ کي شامل نہ ڪرڻ جا ڪهڙا سبب آهن. جيڪڏهن سنڌ جي ڪنهن بہ سرڪاري ميڊيڪل ڪاليج ۾ وڌيڪ شاگردن کي پڙهائڻ جي گنجائش موجود آهي تہ ان بابت مڪمل انگ اکر ۽ تجويزون وفاقي اداري آڏو پيش ڪيون وڃن. جيڪڏهن گنجائش وڌائڻ لاءِ وڌيڪ تدريسي عملي، ليبارٽرين، ڪلاس رومن يا اسپتالن جي ضرورت آهي تہ ان لاءِ بجيٽ ۽ ترقياتي منصوبا جوڙيا وڃن. سنڌ جا چونڊيل نمائندا، خاص طور تي اسيمبليءَ جا ميمبر، صحت ۽ تعليم بابت قائم ڪميٽيون ۽ سنڌ جا پارليامينٽ ميمبر پڻ هن معاملي کي لاڳاپيل وفاقي ادارن آڏو اٿارين. سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ اها شاگردن جي خدشن کي رڳو بيانن تائين محدود نہ رکي، پر اضافي سيٽن جي حصول لاءِ باقاعده ڪوشش ڪري. ساڳئي وقت شاگردن کي بہ ميرٽ ۽ داخلا جي ضابطن بابت صحيح ڄاڻ فراهم ڪئي وڃي، جيئن ڪنهن بہ غلط فهميءَ کان بچي سگهجي.

ڇا اسان ٻارن کي مسئلا حل ڪرڻ سيکاري رهيا آهيون؟

غلام نبي مگسي

زندگيءَ جون سڀ حالتون ٻار جي هٿ ۾ نہ هونديون آهن پر پنهنجي ڪوشش، فيصلي ۽ ايندڙ قدم جي ذميواري کڻڻ جي عادت ننڍپڻ کان سيکاري سگهجي ٿي.

صبح جو وقت آهي. اسڪول وڃڻ ۾ دير ٿي رهي آهي هڪ ٻار پنهنجي اسڪول جي بيگ جي زِپ کولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پر زِپ نٿي کلي. آخرڪار بيگ ماءُ يا پيءُ ڏانهن وڌائي ٿو: "هي ٺيڪ ڪري ڏيو."

والدين لاءِ زِپ کولڻ چند سيڪنڊن جو ڪم آهي پر هڪ ٻيو رستو بہ آهي: "هڪ ڀيرو پاڻ ڏس تہ زِپ ڪٿي ڦاٿي آهي. نہ ٿي تہ مان مدد ڪندس."

ٻنهي صورتن ۾ زِپ کلي ويندي پر ٻار شايد ٻنهي حالتن مان ساڳيو سبق نہ سکندو. هڪ حالت ۾ سندس ذهن ۾ اهو خيال پختو ٿي سگهي ٿو تہ مسئلو آيو تہ ڪو ٻيو حل ڪندو. ٻي حالت ۾ هڪ وڌيڪ اهم سوال پيدا ٿي سگهي ٿو: "هن مسئلي ۾ مان پاڻ ڇا ڪري سگهان ٿو؟" اهو سوال رڳو بيگ جي زِپ بابت ناهي اهو زندگيءَ بابت آهي "منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟"

نفسيات ۾ هڪ تصور کي Locus of Control چيو وڃي ٿو. سادن لفظن ۾ ان جو مطلب اهو آهي تہ ماڻهو زندگيءَ جي نتيجن کي ڪيتري حد تائين پنهنجي ڪوشش ۽ عمل سان ڳنڍي ٿو ۽ ڪيتري حد تائين قسمت، اتفاق يا ٻاهرين حالتن سان. جڏهن ٻار سمجهي ٿو تہ سندس ڪوشش، فيصلا ۽ عمل نتيجن تي اثر وجهي سگهن ٿا تہ ان سوچ کي Internal Locus of Control سان ڳنڍيو وڃي ٿو جڏهن نتيجن کي گهڻو ڪري قسمت، اتفاق يا ٻاهرين قوتن جي هٿ ۾ ڏٺو وڃي تہ ان کي External Locus of Control چيو وڃي ٿو.

مثال طور، ٻن ٻارن کي امتحان ۾ گهٽ نمبر ملن ٿا. هڪ چوي ٿو "استاد صحيح نمبر نہ ڏنا. منهنجي قسمت خراب هئي." ٻيو چوي ٿو "پيپر ڏکيو هو پر مون بہ ڪجهہ باب صحيح تيار نہ ڪيا هئا. ايندڙ ڀيري وڌيڪ تياري ڪندس." اصل ڳالهہ اها ناهي تہ ٻار هر ناڪاميءَ جو الزام پاڻ تي کڻي. اصل سوال آهي، "جيڪو ٿي ويو، تنهن کان پوءِ مان ڇا ڪري سگهان ٿو؟"

ٻارن کي Agency ڏيو

هڪ ٻيو اهم تصور Agency آهي. عام سنڌيءَ ۾ ان کي شايد هن جملي سان سمجهي سگهجي ٿو: "مان ڪجهہ ڪري سگهان ٿو." Agencyجو مطلب ٻار کي هر ڳالهہ جي آزادي ڏيڻ ناهي. مطلب اهو آهي تہ ٻار سکندو وڃي تہ سندس چونڊ اهم آهي، ڪوشش فرق وجهي سگهي ٿي، غلطي درست ڪري سگهجي ٿي ۽ پهريون طريقو ناڪام ٿئي تہ ٻيو طريقو آزمائي سگهجي ٿو. پر سوال اهو آهي تہ ڇا اسين ٻارن کي اها مشق ڪرڻ ڏيون ٿا؟ ٻار ڪتاب وساري تہ اسين اسڪول پهچايون ٿا. هوم ورڪ ڏکيو هجي تہ جواب ٻڌائڻ تي دل چوي ٿي. ڪنهن ڪم ۾ دير ڪري تہ چوندا آهيون، "هٽي وڃ، مان ٿو ڪري ڇڏيان." نيت محبت واري آهي. پر هر مسئلو حل ڪري ڏيڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ٻار کان مسئلو حل ڪرڻ جو موقعو بہ کسجي وڃي ٿو. والدين جو ڪم ٻار جي رستي تان هر پٿر هٽائڻ ناهي. ڪڏهن وڌيڪ اهم ڪم کيس اهو سيکارڻ آهي تہ پٿر سامهون اچي تہ رستو ڪيئن ڳولجي.

جواب ڏيڻ بدران سوال پڇو

ٻار مسئلي سان اچي تہ فوراً حل ٻڌائڻ بدران پڇو. "تنهنجي خيال ۾ هاڻي ڇا ڪري سگهجي ٿو؟" امتحان کان پوءِ رڳو "ڪيترا نمبر آيا؟" نہ پڇو. هي بہ پڇو. "ڇا سٺو ٿيو؟ ڇا نہ ٿيو؟ ايندڙ ڀيري ڇا مختلف ڪندين؟" غلطي ٿيڻ تي صرف "تو ائين ڇو ڪيو؟" چوڻ بدران پڇو. "هاڻي هن کي درست ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري سگهين ٿو؟" ۽ ٻارن کي عمر مطابق ننڍا فيصلا پاڻ ڪرڻ ڏيو. اهي ننڍڙا سوال ٻار کي سوچڻ، فيصلو ڪرڻ ۽ نتيجن مان سکڻ جي مشق ڏين ٿا.

ٻار اسان کي ڏسن بہ ٿا

ٻار رڳو والدين جون نصيحتون نٿا ٻڌن، هو والدين جو رويو بہ ڏسن ٿا. جيڪڏهن هر ڏکيائيءَ تي اسين چئون، "منهنجي قسمت ئي خراب آهي، مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟" تہ ٻار اها ٻولي بہ سکي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن غلطيءَ کان پوءِ چئون، "هتي مون کان غلطي ٿي، هاڻي ڏسان ٿو تہ ڇا بهتر ڪري سگهجي ٿو" تہ ٻار ذميواريءَ جو عملي مطلب ڏسي ٿو.

هر شيءِ ٻار جي غلطي ناهي

هتي هڪ اهم احتياط ضروري آهي. Internal Locus of Controlجو مطلب اهو ناهي تہ ٻار سان ٿيندڙ هر خراب ڳالهہ جو ذميوار ٻار پاڻ آهي. زندگيءَ جون ڪيتريون حالتون اسان جي وس کان ٻاهر هونديون آهن. هر محنت ڪاميابيءَ جي ضمانت ناهي ۽ هر ناڪامي ذاتي غلطي جو نتيجو ناهي. ان ڪري بهتر سبق هي آهي، "سڀ ڪجهہ تنهنجي هٿ ۾ ناهي، پر جيڪو تنهنجي هٿ ۾ آهي، تنهن لاءِ تون ذميواري کڻي سگهين ٿو." هڪ پاسي اهو سوچڻ غلط آهي تہ "هر شيءِ منهنجي غلطي آهي" ۽ ٻئي پاسي اهو بہ تہ "منهنجي هٿ ۾ ڪجهہ بہ ناهي." پختگي شايد انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي.

هڪ سوال جيڪو زندگيءَ سان گڏ هلي سگهي ٿو. اسان ٻارن لاءِ سٺا اسڪول، ڪتاب ۽ بهتر موقعا مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا پر سندن سڄي زندگي ساڻن گڏ نٿا هلي سگهون. هڪ ڏينهن کين ناڪامي، رد ٿيڻ، ڏکيو فيصلو يا اهڙو مسئلو ضرور سامهون ايندو، جنهن وقت ماءُ يا پيءُ پرسان نہ هوندا. ان وقت جيڪڏهن ٻار پاڻ کان پڇي سگهي، "هاڻي منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟" ۽ کيس اندر مان جواب ملي، "سڀ ڪجهہ منهنجي هٿ ۾ ناهي، پر مان مڪمل بي وس بہ ناهيان. جيڪو منهنجي وس ۾ آهي، ان بابت مان هڪ قدم کڻي سگهان ٿو." تہ شايد والدين ٻار کي زندگيءَ جو هڪ تمام قيمتي سبق ڏئي چڪا هوندا.

زندگيءَ جا ڪجهہ قرض دولت سان ادا نٿا ٿين!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي منهنجي گفتگو انهيءَ سوچ جي لاءِ آهي، جيڪي ڇوڪرين کي پڙهائڻ عيب ٿا سمجهن. اِها هڪ سوچ آهي، جنهن ۾ آفيسر کان وٺي جاگيردار، جاگيردار کان وٺي زميندار، زميندار کان وٺي معاشري جا عام ماڻهو اچي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري اڄ آئون گفتگو جو آغاز 20 نومبر 1858ع تي سويڊن جي علائقي ورملانڊ جي مارباڪا نالي هڪ زميندار گهر ۾ جنم وٺڻ واري سلما لاگروف کان ڪري رهيو آهيان. سلما لاگروف جي شروعاتي تعليم گهر ۾ ئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ننڍڙي هوندي هن کي هڪ بيماريءَ جي ڪري چنگهن ۾ تڪليف ٿي پئي، جنهن ڪري هوءَ هلڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندي هئي. انهيءَ ڪري هوءَ اسڪول وڃڻ جي قابل نہ هئي. اِهو ئي سبب آهي جو سندس شروعاتي تعليم گهر ۾ آيل خانگي استادن ذريعي ٿي. انهيءَ دوران هن فارسي ۽ يورپي لوڪ ڪهاڻيون، مذهبي ڪتاب ۽ تاريخي قصا وڏي شوق سان پڙهيا. جڏهن هوءَ وڏي ٿي ۽ سندس صحت ۾ بهتري آئي تہ هن اسٽاڪ هوم رائل هائير وومينز ٽيچر سيميٽري جي مشهور اداري ۾ داخلا ورتي ۽ 1882ع کان 1885ع تائين اتي استاد بڻجڻ جي اعليٰ تربيت حاصل ڪئي ۽ هڪ پيشيور استاد بڻجي فارغ التحصيل ٿي. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد، هن سويڊن جي شهر لئنڊسڪرونا جي هڪ اسڪول ۾ 1885ع کان 1895ع تائين پڙهايو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ پنهنجو ادبي سفر بہ جاري رکيو. يعني لکڻ سان گڏوگڏ هوءَ اسٽاڪ هوم جي اسڪول ۾ پڙهائيندي پڻ رهي. هن لڳ ڀڳ ڏهہ سال استاد جي حيثيت سان پڙهايو بعد ۾ هن تدريس کي الوداع چئي پاڻ کي مڪمل طور ادب ۽ لکڻ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. سندس نالي سان لڳ ڀڳ چاليهہ ڪتاب منسوب آهن. جن مان ڪيترن ئي ڪتابن تي فلمون پڻ ٺهي چڪيون آهن. سلما لاگروف ادب جي دنيا ۾ هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ 1909ع ۾ ادب جو نوبل انعام حاصل ڪرڻ واري دنيا جي پهرين عورت هئي. انهيءَ سان گڏوگڏ هن 1914ع ۾ سوئيڊش اڪيڊمي جي پهرين عورت ميمبر بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. انهيءَ کان علاوه سلما لاگروف جي زندگيءَ جو سڀ کان گهڻو متاثر ڪندڙ پهلو سندس اُها تقرير آهي جيڪا هن نوبل انعام ملڻ جي موقعي تي ڪئي.

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، اُها دل ڇهندڙ تقرير آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي ڪاميابيءَ کي رڳو پنهنجي ذات سان نہ پر پنهنجي والدين، استادن، ٻولي، معاشري ۽ انهن سڀني ماڻهن سان ڳنڍيو آهي، جن سندس زندگي ۽ فڪر کي سنواريو. اوهان نوجوانن جي لاءِ هن تقرير کي هتي مختصر ڪري لکان ٿو. هن تقرير شروع ڪئي تہ، 'بابا آئون قرضي آهيان' سلما ٻڌائي ٿي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ آئون اسٽاڪ هوم ويندڙ ريل ۾ ويٺي هيس، شام جو وقت هو، ريل جي دٻي ۾ هلڪي روشني هئي ۽ ٻاهر گهري اونداهي ڇانيل هئي، خاموشيءَ کي رڳو ريل جي ڦيٿن جو مسلسل آواز ٽوڙي رهيو هو. انهي اڪيلائيءَ ۾ منهنجو ذهن ماضيءَ ڏانهن هليو ويو، مون کي اُهي ڏينهن ياد اچڻ لڳا، جڏهن امتحان ڏيڻ يا ڪتاب جو مسودو پيش ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪندي هيس. سڄو سرءُ مون گهر ۾ تقريباً مڪمل اڪيلائيءَ ۾ گذاريو هو. ايتري ڏگهي تنهائيءَ ڪانپوءِ هاڻي ايتري وڏي ميڙ آڏو اچي ڳالهائڻ بہ مون کي ڏکيو محسوس ٿي رهيو هو. نوبل انعام ملڻ جي خوشي يقيناً منهنجي پنهنجي هئي پر مون سوچيو تہ اڄ منهنجا پڙهندڙ ۽ مداح بہ خوش هوندا. منهنجي ڀاءُ، ڀيڻ ۽ پيرسن ماءُ جي لاءِ تہ اها خوشي شايد مون کان بہ وڌيڪ هوندي، ڇو تہ هُو هن ڏينهن کي ڏسڻ جي لاءِ زنده هئا، پر ان سڄي خوشيءَ جي وچ ۾ هڪ ڏک بہ دل ۾ هو منهنجو بابا هن دنيا ۾ موجود نہ هو آئون سوچڻ لڳيس تہ کيس ڪير وڃي ٻڌائيندو تہ سندس ڌيءَ کي دنيا جو سڀ کان وڏو ادبي اعزاز مليو آهي؟ پوءِ آئون خيالن ۾ بابا کي ڏسڻ لڳيس تہ هُو اڱڻ ۾ لڏندڙ ڪرسيءَ تي ويٺل آهن، صبح جو سج جي روشني باغ جي وڻن مان ڇڻي سندن چهري تي پئي پئي، باغ ۾ پکي چهڪي رهيا آهن. هُو مون کي ڏسن ٿا، ڪتاب هڪ پاسي رکن ٿا ۽ محبت سان اٿي چون ٿا، 'صبح بخير، منهنجي پياري سلما، اڄ اوچتو توکي گهر ايندي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، سڀ خيريت تہ آهي؟' آئون کين چوان ٿي: بابا آئون اوهان کان صلاح وٺڻ آئي آهيان تہ مون تي هڪ تمام وڏو قرض آهي، جنهن مون کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي پر ياد رکجو، هيءَ دولت جو قرض ناهي، هيءَ تہ انهيءَ کان بہ وڏو قرض آهي. بابا پڇي ٿو: ڌيءَ، ڪجهہ تفصيل سان ٻڌاءِ. آئون جواب ڏيان ٿي: بابا، اوهان کي ياد آهي؟ سياري جي سرد راتين ۾ اوهان اسان کي پيانو تي گيت ڳائڻ سيکاريندا هئا. اوهان اسان کي ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ جي لاءِ ڏيندا هئا، جن ۾ محبت جا قصا، بهادر ماڻهن جون ڪهاڻيون، وطن جي لاءِ قربانيون، ڏک، مجبورين ۽ وقار جا داستان هوندا هئا. ڇا آئون اوهان جو اِهو قرض ڪڏهن لاهي سگهنديس؟ بابا ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويهي ٿو. سندس اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ اچي وڃي ٿي ۽ چوي ٿو: مون کي خوشي آهي تہ توکي اڃا تائين انهيءَ قرض جو احساس آهي. مون وري چيو: بابا، آئون رڳو اوهان جي قرضي ناهيان، آئون انهن غريب ۽ خانہ بدوش فنڪارن جي بہ قرضي آهيان، جيڪي اسان جي ڳوٺن ۾ ايندا هئا، گيت ڳائيندا، شاعري ٻڌائيندا، قصا ۽ ٽوڪ چرچا ڪندا ۽ ماڻهن جي دلين ۾ خوشي ڇڏي اڳتي هليا ويندا هئا. انهن مون کي سيکاريو تہ شاعري رڳو محلن ۽ شهرن ۾ جنم نٿي وٺي بلڪہ جهنگن، بيابانن، صحرائن ۽ جبلن ۾ بہ شاعري جنم وٺندي آهي. آئون انهن فقيرن، راهبن ۽ دانائن جي بہ قرضي آهيان، جن اسان کي علم، اخلاق ۽ زندگيءَ جي معنيٰ سيکاري. بابا ڇا اوهان کي اندازو آهي تہ آئون ڪيتري وڏي قرض هيٺ آهيان؟ آئون انهن بيشمار ماڻهن جي بہ مقروض آهيان، جن صدين جي سفر ۾ اسان جي مٺڙي ٻوليءَ کي نکاريو، سنواريو ۽ انهيءَ کي پنهنجن خيالن احساسن ۽ خوابن جي اظهار جو خوبصورت ذريعو بڻايو. آئون انهن استادن جي بہ مقروض آهيان، جن مون کي پڙهڻ، لکڻ ۽ سوچڻ سيکاريو ۽ منهنجي اندر علم جي روشني ٻاري. بابا مسڪرائيندي چوڻ لڳو: ڌيءَ، اِهو قرض لاهڻ آسان نہ هوندو. آخرڪار مون کين جواب ڏنو: بابا هاڻي منهنجي ملڪ جي ڏاهن مون کي نوبل انعام، عزت ۽ دولت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اڄ سڄي دنيا مان مون کي چونڊي اِهو اعزاز ڏنو پيو وڃي، ڇا آئون هن عزت جو قرض بہ ڪڏهن لاهي سگهنديس؟ بابا مون ڏانهن محبت سان ڏسي ٿو، سندن اکين ۾ ڳوڙها اچي وڃن ٿا، هُو اکين جا لڙڪ اگهي، اٿي مون کي ڀاڪر پائي ٿو ۽ چوي ٿو: جري ڌيءَ تون اهڙن سوالن تي پنهنجو ذهن ڇو ٿي ٿڪائين. جن جو جواب نہ دنيا وارن وٽ آهي ۽ نہ شايد جنت وارن وٽ. آئون رڳو ايترو ڄاڻان ٿو تہ مون کي بيحد خوشي آهي تہ توکي نوبل انعام ملي رهيو آهي. آئون ڄڻ وري ننڍڙي سلما بڻجي وئي هجان، خوشيءَ سان پنهنجي بابا جي قدمن ۾ وڃي ويهي رهان ٿي.

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، تاريخ شايد سلما لاگروف جي هن تقرير ڪانپوءِ هال ۾ پيدا ٿيل هر احساس کي لفظن ۾ محفوظ نہ ڪري سگهي هجي پر جڏهن آئون اِها تقرير پڙهان ٿو تہ چشمِ تصور ۾ اڄ بہ هال اندر وڄندڙ تاڙيون ٻڌان ٿو ۽ سامعين جي اکين ۾ وهندڙ ڳوڙها ڏسان ٿو. 'هيءَ تقرير اسان کي هڪ تمام وڏي حقيقت ياد ڏياري ٿي تہ انسان ڪڏهن بہ اڪيلو ڪامياب نٿو ٿئي، اسان جي هر ڪاميابيءَ پٺيان والدين جون دعائون، استادن جي محنت، پنهنجي ٻوليءَ جو ورثو، ڪتابن جي روشني، معاشري جي تربيت ۽ بي شمار اهڙا اڻ ڏٺل هٿ هوندا آهن. جن جو قرض شايد اسين ڪڏهن بہ مڪمل طور لاهي نٿا سگهون. ياد رکو منهنجا نوجوانو، زندگيءَ جا ڪجهہ قرض دولت سان ادا نٿا ٿين، اُهي صرف محبت، عاجزي، شڪرگذاري ۽ ٻين تائين روشني پهچائڻ سان سچاتا ۽ ياد رکيا وڃن ٿا. سلما لاگروف رڳو هڪ ناول نگار نہ هئي پر سندس لکڻيون انسانيت، اخلاقيات ۽ سماجي سڌاري جي لاءِ تعليمات ۽ فڪري پيغام رکن ٿيون. سويڊش اڪيڊمي کيس نوبل انعام ڏيڻ وقت سندس لکڻين ۾ موجود اعليٰ فڪر، شاندار تخيل ۽ روحاني گهرائيءَ جي خاص مڃتا ڪئي هئي. سلما جي لکڻين ۾ سويڊن جون لوڪ ڪهاڻيون، جادوئي حقيقت پسندي ۽ اخلاقي سبق نمايان هوندا آهن. انهيءَ سلما لاگروف جي زندگي ۾ انسان دوستيءَ جي هڪ يادگار مثال اِها بہ آهي تہ هُن پنهنجو نوبل انعام وارو سون جو تمغو جنگ دوران امدادي ڪمن جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو انعام ۾ مليل رقم مان سلما پنهنجو اهو مارباڪا ۾ اباڻو گهر واپس خريد ڪيو جيڪو سندس والد جي قرضن ۽ لاڏاڻي ڪانپوءِ خاندان جي هٿ مان نڪري ويو هو. هوءَ پنهنجي آخري عمر تائين اتي ئي رهي ۽ لکندي رهي.

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، جيڪڏهن اوهان ڇوڪرين کي تعليم ڏيندا تہ هُو هميشہ جنگ جي مخالفت ۽ امن جو پيغام عام ڪنديون. اِهو ئي سبب آهي جو سلما لاگروف امن جي وڏي حامي هئي. پهرين عالمي جنگ جي تباهي ڏسڻ ڪانپوءِ هن پنهنجو مشهور ناول Bannlyst (The Outcast) لکيو. جيڪو جنگ جي خلاف هڪ زوردار آواز هو. هن پنهنجي لکڻين ذريعي دنيا کي سيکاريو تہ جنگ رڳو تباهي آڻيندي آهي ۽ انساني مسئلن جو حل رڳو امن، ڀائيچاري ۽ ڳالهين ۾ آهي. ٻي علمي جنگ دوران هن فنلينڊ جي پناهگيرن جي مدد پڻ ڪئي آخرڪار امن جا پيغام ڏيڻ واري جنگ کان پنهنجي لکڻين جي ذريعي نفرت جو درس ڏيندڙ سلما لاگروف 16 مارچ 1940ع تي 81 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي اباڻي شهر مارباڪا ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ اسان کان رخصت ٿي وئي. آخر ۾ اوهان مون کي اِهو چوڻ جي اجازت يقينن ڏيندا تہ اسان امن جا متلاشي جنگ کان نفرت جا نعره هڻندڙ هميشہ سلما لاگروف جا مقروض رهنداسين. ڇو تہ زندگيءَ جا ڪجهہ قرض دولت سان ادا نٿا ٿين. کيس اڄ بہ سويڊن جي سڀ کان وڌيڪ پڙهي ويندڙ ۽ معزز اديبن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي!

مُون سُون 2026ع: سنڌ ۾ برسات جي کوٽ، ٿر جا فصل متاثر

محمد اسلم سميجو

سنڌ جي ٻهراڙي، خاص طور تي ٿرپارڪر، اڇڙو ٿر ۽ عمرڪوٽ لاءِ مون سون رڳو برسات جو موسم نہ پر زندگي، مالوند معيشت ۽ فصلن جي مستقبل سان ڳنڍيل هڪ اهم نظام آهي. 2026ع جي مون سون جي پڇاڙيءَ تي موجود انگ اکر ٻڌائن ٿا تہ سنڌ ۾ مجموعي برسات معمول کان نمايان گهٽ رهي. ان جا اثر خشڪ علائقن ۾ فصلن جي واڌ ويجهہ ۽ چراگاهن تي وڌيڪ محسوس ٿي رهيا آهن.

پاڪستان موسميات کاتي جي پهرين جولاءِ کان 30 سيپٽمبر 2026ع واري انگن اکرن موجب، پاڪستان ۾ مون سون دوران مجموعي برسات 120.5 ملي ميٽر رڪارڊ ٿي، جڏهن تہ 1991-2020ع جو معمول 149.2 ملي ميٽر هو يعني ملڪ ۾ مجموعي طور 19.3 سيڪڙو کوٽ رهي. پر سنڌ جي صورتحال ان قومي اوسط کان گهڻو مختلف ۽ وڌيڪ خشڪ رهي. سنڌ ۾ معمول جي 144.3 ملي ميٽر جي مقابلي ۾ صرف 71.1 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ٿي، جيڪا 50.8 سيڪڙو گهٽ آهي.

سنڌ، اڌ کان وڌيڪ برسات گهٽ: سنڌ لاءِ 50.8 سيڪڙو برسات جي کوٽ صرف هڪ موسمي انگ نہ آهي. ان جو مطلب اِهو آهي تہ مون سون جي ٽن مهينن دوران زمين کي معمول جي مقابلي ۾ لڳ ڀڳ اڌ پاڻي بہ نہ ملي سگهيو خاص طور تي اهي علائقا، جتي زراعت برسات تي دارومدار رکي ٿي، اتي برسات جي مقدار سان گڏ برسات جي وقت، وقفي ۽ ورڇ بہ انتهائي اهم بڻجي وڃي ٿي. 2026ع دوران سنڌ جي ڪجهہ علائقن ۾ برسات جا اسپيل ضرور آيا پر خشڪ علائقن لاءِ سوال اِهو رهيو تہ برسات ڪيتري وسيع ايراضيءَ تي، ڪهڙي وقفي سان ۽ فصلن جي ضرورت واري مرحلي تي ٿي سيپٽمبر جي وچ ڌاري موسميات کاتي پڻ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ سميت سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ برسات ۽ گجگوڙ جا امڪان ظاهر ڪيا هئا. 17 سيپٽمبر واري صورتحال ۾ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ لاءِ بہ برسات جا امڪان ڄاڻايا ويا، جڏهن تہ 18 سيپٽمبر ڪانپوءِ ملڪ جي اڪثر حصن ۾ موسم گهڻو ڪري خشڪ رهڻ جو امڪان ٻڌايو ويو.

ٿرپارڪر: برسات جي کوٽ جو فصلن تي اثر: ٿرپارڪر ۾ صورتحال کي رڳو ضلعي جي مجموعي برسات سان سمجهڻ ڪافي ناهي. هتي ننڍي فاصلي تي بہ برسات جي مقدار ۾ وڏو فرق پيدا ٿي سگهي ٿو. هڪ هنڌ سٺو مينهن وسڻ سان زمين تي ساوڪ ظاهر ٿي سگهي ٿي، جڏهن تہ ڪجهہ ڪلوميٽر پري برسات گهٽ پوڻ سبب زمين خشڪ رهي سگهي ٿي.

اسڪائيويڊر جي پيش ڪيل ٿرپارڪر فصلن جي تجزياتي ڊيٽا موجب:

59.44 سيڪڙو علائقو: فصلن جي واڌ نظر نہ اچڻ واري/نازڪ صورتحال
18.33 سيڪڙو علائقو: گهٽ کان وچولي فصلن جي واڌ
22.22 سيڪڙو علائقو: مناسب يا سٺي فصلن جي واڌ

اِهي انگ اکر سرڪاري ضلعي-سطح جي فصلن جي پيداوار جا انگ نہ، پر اسڪائيويڊر جي مشاهداتي/تجزياتي ڊيٽا آهن. تنهنڪري انهن کي زميني سروي ذريعي وڌيڪ تصديق ڪرڻ ضروري آهي. پر جيڪڏهن هن قسم جي زميني مشاهدي کي موسمي برسات جي سرڪاري انگن سان گڏ ڏٺو وڃي تہ ٿر جي ڪيترن علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ فصلن جي واڌ جي وچ ۾ تعلق واضح طور تي جاچڻ جي ضرورت سامهون اچي ٿي.

اڇڙو ٿر ۽ عمرڪوٽ بہ ساڳئي سوال کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٿرپارڪر سان لڳندڙ اڇڙو ٿر ۽ عمرڪوٽ جا برسات تي دارومدار رکندڙ علائقا بہ مون سون جي برسات جي مقدار ۽ تسلسل کان متاثر ٿين ٿا. هتي صرف هڪ يا ٻن برساتي اسپيلن سان فصلن جي مڪمل واڌ يقيني نٿي بڻجي. فصل لاءِ مناسب وقت تي مناسب مقدار ۾ نمي برقرار رهڻ ضروري آهي. خاص ڪري جيڪڏهن شروعاتي برسات ڪانپوءِ ڊگهو خشڪ وقفو اچي وڃي تہ پوکيل فصلن لاءِ صورتحال وڌيڪ حساس ٿي سگهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ مقامي هارين جا مشاهدا، فصلن جي حالت، چراگاهن جي ساوڪ، کوهن جي پاڻيءَ جي سطح ۽ برساتي رڪارڊ گڏ ڪري علائقي جي حقيقي صورتحال جو جائزو وٺڻ وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو.

برسات جو مقدار ئي نہ، ورڇ بہ اهم آهي: 2026ع جي مون سون مان هڪ اهم سبق اِهو بہ آهي تہ صوبائي اوسط کي هر ضلعي جي صورتحال جو مڪمل عڪس نٿو سمجهي سگهجي. سنڌ جي 71.1 ملي ميٽر مجموعي برسات ۾ ڪٿي نسبتاً وڌيڪ، تہ ڪٿي انتهائي گهٽ برسات ٿي سگهي ٿي. ساڳيءَ طرح ٿرپارڪر جي هڪ تعلقي ۾ فصل بهتر، جڏهن تہ ٻئي ۾ ناڪاميءَ جي ويجهو صورتحال ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ٿرپارڪر، اڇڙي ٿر ۽ عمرڪوٽ لاءِ مستقبل ۾ صرف 'ڪل برسات' جو انگ جاري ڪرڻ بدران تعلقي ۽ يوسي سطح تي برسات، فصلن جي واڌ، چراگاهن ۽ پاڻيءَ جي دستيابي جو گڏيل ڊيٽا تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

حڪومت لاءِ هڪ اهم سوال: جيڪڏهن برساتي انگ اکر سنڌ ۾ 50.8 سيڪڙو کوٽ ڏيکارين ٿا ۽ مقامي مشاهدا ڪيترن علائقن ۾ فصلن جي ڪمزور واڌ ڏانهن اشارو ڪن ٿا، تہ پوءِ هاڻي ضروري آهي تہ لاڳاپيل ادارا ٿرپارڪر، اڇڙي ٿر ۽ عمرڪوٽ جي برسات تي دارومدار رکندڙ علائقن جو غيرجانبدار زميني سروي ڪرائين.

اهڙي سروي ۾ هي شيون شامل ٿي سگهن ٿيون: برسات، فصل جي پوک، فصل جي واڌ، چراگاهن جي ساوڪ، مالوند خاندانن جي صورتحال، پاڻيءَ جي دستيابي ۽ مقامي نقصان. اِهو ڊيٽا مستقبل جي موسمي منصوبابندي، ٻج ۽ زرعي سهائتا، مالوندن جي مدد ۽ ممڪن خشڪ ساليءَ جي اڳواٽ انتظام لاءِ بنياد بڻجي سگهي ٿو.

آخر ۾ 2026ع جو مون سون سنڌ لاءِ هڪ اهم موسمي پيغام ڇڏي ويو آهي. برسات جي مجموعي کوٽ سان گڏ اُن جي غير هموار ورڇ بہ خشڪ علائقن لاءِ وڏو چئلينج آهي. جڏهن سنڌ جي معمول جي 144.3 ملي ميٽر جي مقابلي ۾ صرف 71.1 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ٿئي ۽ صوبائي کوٽ 50.8 سيڪڙو تائين پهچي وڃي، تڏهن ٿرپارڪر، اڇڙي ٿر ۽ عمرڪوٽ جهڙن برسات تي دارومدار رکندڙ علائقن ۾ زميني صورتحال کي سنجيدگيءَ سان دستاويز ڪرڻ ضروري بڻجي وڃي ٿو. هيءَ سال صرف گهٽ برسات جو انگ نہ، پر ايندڙ موسمي ۽ زرعي منصوبابندي لاءِ هڪ اهم خبرداريءَ وارو ڊيٽا پوائنٽ آهي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

لاڙڪاڻي شهر ۾ سئي گئس جا مين ڪنٽرول بٽڻ چوري ٿيڻ لڳا...!

ملڪ ۾ اجهان قانون لاڳو ڪندڙ ادارا موجود آهن، جيڪي سنڌ جي مختلف علائقن جي بهتر نموني حفاظت ڪرڻ چاهين ٿا پر افسوس تہ لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪجهہ وقت کان سئي گئس جا مکيہ يا مئن ڪنٽرول بٽڻ چوري ٿيڻ جا واقعا تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن سوال آهي تہ اهي پرزا يا ميٽيريل ڪير چوري ڪري وڪرو ڪري رهيا آهن؟ افسوس جهڙي ڳالهہ آهي تہ لاڙڪاڻي جهڙو شهر پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڳڙهہ سڏيو وڃي ٿو، انهيءَ شهر مان سئي گئس جا پرزا، ميٽريا مين بٽڻ چوري ڪيئن ۽ ڪير ڪري رهيا آهن؟ جڏهن تہ ريلوي، واپڊا يا ٻين سرڪاري کاتن جو سامان چوري ڪرڻ تي لکين رپين جو ڏنڊ، جيل وڃڻ جهڙا قانون ۽ سخت سزا جو حڪم پڻ واضح ٿيل آهي، ان جي باوجود مذڪوره کاتن جي سامان چوريءَ ۾ گهٽتائي ناهي اچي سگهي جيڪڏهن ائين ئي سئي گئس جو سامان جهڙوڪ: ميٽر، مين ڪنٽرول بٽڻ ۽ ٻيو سامان چوري ڪرڻ تي سخت سزا آهي ۽ خاص ڪري لاڙڪاڻي شهر جي ڪباڙين (پراڻو لوهہ خريد ڪندڙن) کي پوليس ۽ ضلعي انتظاميہ ان شيءِ جو پابند بڻائي تہ اهي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪوبہ سرڪاري کاتن سئي گئس، واپڊا، پي ٽي سي ايل، ريلوي ۽ ٻين سرڪاري کاتن جو سامان ڪير بہ لوهہ يا دڪاندار ڪباڙي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان خريد ڪندو تہ انهيءَ دڪاندار يا ڪباڙيءَ خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ٻي ڳالهہ تہ لاڙڪاڻي ۾ پوليس جي نون آفيسرن جي مقرري ٿي چڪي آهي آئون سمجهان ٿو تہ انهن لاءِ اهو وڏو چئلينج آهي تہ اهي پنهنجي شهر جي عوام کي چورين جي وارداتن کان ڪيئن محفوظ بڻائين ٿا ۽ پوليس گشت ۾ واڌ ڪري شهر اندر پنهنجي ٽيم ۾ واڌارو آڻين ۽ ڌوهي وارداتون ڪندڙ ماڻهن ۽ ڌوهارين خلاف عملي طور تي سخت قدم کنيا وڃن. لاڙڪاڻي شهر ۾ منشيات فروشن، موالين، چورن ۽ ٻين سماج دشمن عنصرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ منشيات جي اڏن خلاف عملي سخت قدم کنيا وڃن. جيئن لاڙڪاڻي جو عوام محفوظ ۽ سک جو ساهہ کڻي سگهي.

عبدالفتاح عباسي / لاڙڪاڻو

سنڌ ۾ وڌندڙ غربت ۽ حڪمرانن جي ذميواري

سنڌ، جيڪا قدرتي وسيلن، زرخيز زمينن، سامونڊي پٽي، ڪوئلي، گئس ۽ ٻين معدني ذخيرن سان مالا مال آهي اڄ بہ غربت، بيروزگاري ۽ معاشي بدحاليءَ جي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي هڪ طرف وڏن شهرن ۾ ترقيءَ جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون تہ ٻئي طرف ٻهراڙين ۾ رهندڙ هزارين خاندان ٻن ويلن جي ماني، ٻارن جي تعليم ۽ علاج جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ پريشان آهن مهانگائيءَ سبب عام ماڻهوءَ جي زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي وئي آهي ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن لاءِ گهرجو خرچ هلائڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي سنڌ ۾ غربت جو مسئلو رڳو آمدنيءَ جي کوٽ تائين محدود ناهي پر ان سان گڏ بيروزگاري، تعليم جي اڻهوند، صحت جي سهولتن جي کوٽ، پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي اڻاٺ ۽ روزگار جا محدود موقعا پڻ شامل آهن. ٿر، ڪاڇو، ڪوهستان ۽ سنڌ جي ٻين پٺتي پيل علائقن ۾ ڪيترائي ماڻهو اڄ بہ بنيادي سهولتن کان محروم آهن برساتن جي گهٽتائي فصلن جي تباهي، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ زرعي خرچن ۾ واڌ سبب ننڍا آبادگار ۽ هاري بہ معاشي بحران جو شڪار ٿين ٿا. جڏهن زراعت ڪمزور ٿئي ٿي تہ ان جو اثر رڳو آبادگارن تي نہ پر زرعي مزدورن، ننڍن واپارين ۽ عام پورهيتن جي روزگار تي پڻ پوي ٿو. سنڌ جي معيشت ۾ زراعت جو اهم ڪردار آهي، تنهن ڪري هارين ۽ زرعي مزدورن جي معاشي حالت بهتر ڪرڻ کان سواءِ غربت ۾ گهٽتائي ممڪن ناهي ننڍن آبادگارن کي مناسب اگهہ، زرعي قرض، معياري ٻج، ڀاڻ ۽ پاڻيءَ جون سهولتون فراهم ڪرڻ گهرجن. ساڳئي وقت زرعي مزدورن جي حقن جو تحفظ ۽ سندن اجرت ۾ مناسب واڌ پڻ ضروري آهي سنڌ حڪومت تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي تہ اها غربت کي رڳو امدادي رقم ورهائڻ واري مسئلي طور نہ ڏسي پر ان جي بنيادي سببن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي جوڙي. مستحق خاندانن جي مالي مدد سان گڏ نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن. فني سکيا جا مرڪز قائم ڪيا وڃن ۽ ننڍي پيماني تي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ بنا وياج يا آسان شرطن تي قرض ڏنا وڃن عورتن کي هنر ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪري کين معاشي طور خودمختيار بڻائڻ بہ وقت جي اهم ضرورت آهي تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ سرڪاري سهولتن کي بهتر بڻائڻ سان غريب خاندانن تي پوندڙ مالي بار گهٽائي سگهجي ٿو اسڪولن ۾ معياري تعليم، اسپتالن ۾ مفت علاج ۽ ڏورانهن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ کي اوليت ڏيڻ گهرجي ترقياتي بجيٽ خرچ ڪرڻ وقت بہ انهن علائقن کي ترجيح ڏني وڃي جتي غربت وڌيڪ ۽ سهولتون گهٽ آهن ان سان گڏ سرڪاري امدادي منصوبن ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ ضروري آهي جيئن امداد حقيقي مستحق ماڻهن تائين پهچي ۽ سياسي سفارش يا رشوت سبب ڪو بہ غريب پنهنجي حق کان محروم نہ رهي غربت گهٽائڻ لاءِ خرچ ٿيندڙ رقم ۽ منصوبن جي نتيجن جو باقاعده جائزو وٺڻ گهرجي

سرمد خاصخيلي، ميرپورخاص

اڄوڪو ڏينهن ..... 03 آڪٽوبر

هينري پاٽينجر (Henry Pottinger)



هينري پاٽينجر هندستان ۾ انگريزن جي حڪمرانيءَ واري دور ۾ فوج جو هڪ اعليٰ آفيسر هو هو 03 آڪٽوبر 1897ع تي آئرلينڊ ۾ پيدا ٿيو. انهيءَ دور ۾ آئرلينڊ برطانوي راڄ جو حصو هو. هن 12 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ آئرلينڊ ڇڏي هندستان جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪئي. سال کن هن انهيءَ ڪمپنيءَ جي سامونڊي ٻيڙن تي ڪم ڪيو ۽ پوءِ کيس فوج ۾ ڪيڊٽ طور ڀرتي ڪيو ويو. ٽن سالن اندر ترقي ڪري ليفٽيننٽ مقرر ٿيو. انهيءَ دوران هن بمبئيءَ ۾ مقامي هندستاني ٻوليون سکڻ شروع ڪيون. هن انگريزن جي مرهٽن خلاف جنگ ۾ پڻ حصو ورتو. 1810ع ۾ هن ۽ سندس ساٿيءَ چارلس ڪرسٽيءَ مسلمان واپارين جو روپ ڌاري سنڌ کان بلوچستان جي شهر نوشڪيءَ تائين ۽ اتان وري ايران جي شهر اصفهان جو سفر ڪيو. ڪرسٽي اتر ۾ افغانستان جي شهر هرات طرف هليو ويو ۽ هينري وري ايران جي ڪرمان ضلعي طرف سفر ڪيو. انهن علائقن مان سفر ڪندا هو ٻئي اصفهان ۾ وڃي مليا. اصل ۾ هو انهيءَ علائقي جو انگريزي فوج جي سهولت لاءِ نقشو تيار ڪري رهيا هئا. 1820ع ۾ هو سنڌ جو ريزيڊنٽ ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو. 1841ع کان 1843ع تائين هن هانگ ڪانگ جي پهرئين گورنر طور ذميواريون سنڀاليون. هو 1848ع کان 1854ع تائين مدراس جو گورنر پڻ رهيو. هن Travels in Balochistan and Sindh نالي ڪتاب لکيو جنهن جو سنڌي ترجمو "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر" عنوان سان محمد حنيف صديقيءَ ۽ سومار علي سومري ڪيو اهو سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن 18 مارچ 1956ع ۾ مالٽا ۾ وفات ڪئي.

مهرالدين چنڙ

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ استاد مهرالدين چنڙ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 3 آڪٽوبر 1918ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ سومر چنڙ ۾ ڄائو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري 1938ع ۾ نائب ماستر مقرر ٿيو هن مختلف اسڪولن ۾ پڙهايو ۽ پرائمري اسڪول جي هيڊماستر طور 1976ع ۾ رٽائر ٿيو. هو سنڌي، عربي ۽ اردو ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو ۽ گڏوگڏ انگي حساب ۽ گرامر تي وڏي مهارت حاصل هئس، هو پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن سنڌ جو سيڪريٽري پڻ رهيو. هن جي ڪوشش سان سندس اباڻي ڳوٺ جي پرائمري ۽ مڊل اسڪولن جون عمارتون ٺهيون ۽ پوسٽ آفيس پڻ قائم ٿي. هن 22 فيبروري 1981ع تي وفات ڪئي.

چندر ساوناڻي

چندر ساوناڻي هندستاني فلمن جو مشهور پروڊيوسر ۽ اسٽيج ڊرامن جو نالي وارو اداڪار ۽ هدايتڪار هو. هو 3 آڪٽوبر 1940ع تي موجوده شڪارپور ضلعي جي چڪ شهر ۾ ڄائو ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان جي شهر احمدآباد ۾ وڃي آباد ٿيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هو. هن اسڪول واري زماني کان وٺي بيشمار اسٽيج ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن پنهنجي هم خيال دوستن سان گڏجي "سنڌو ڪلاڪار منڊل" جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ منڊل پاران ڪيترائي اسٽيج ڊراما ۽ سنگيت شو منعقد ڪري مڃتا ماڻي اسٽيج سان گڏ هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي بہ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪئي. هن مختلف رسالن ۽ اخبارن لاءِ ڪالم پڻ لکيا. سنڌي ڊرامن جي لاءِ لاثاني خدمتون ڏيڻ جي مڃتا طور کيس 2001ع ۾ سنت ڪنور رام لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو. هو 2019ع ۾ سنڌي هندستاني فلم "نازڪ رشتو" ناهي. سندس دستاويزي فلم "رئيل سنڌي وارئر" کي بہ گهڻو ساراهيو ويو چندر ساوناڻيءَ پهرين مئي 2024ع تي پنهنجو سنساري سفر پورو ڪيو.

عنايت بلوچ



اڄ نالي واري اديب ۽ براڊڪاسٽر عنايت بلوچ جي سالگره جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 3 آڪٽوبر 1941ع تي خيرپورميرس ضلعي جي ڳوٺ حاجي يار محمد ڪوسي ۾ ٿيو. هن ايم اي (اسلامڪ هسٽري) تائين تعليم حاصل ڪئي. پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪسٽمس کاتي ۾ اڳزمننگ آفيسر طور ڪيائين. 1970ع ۾ اهو کاتو ڇڏي ريڊيو پاڪستان سان لاڳاپجي ويو. هن مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي پروگرام مئنيجر اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر اسٽيشن ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽر پروگرامس، ڪنٽرولر ۽ اهڙن ٻين اهم عهدن تي خدمتون سرانجام ڏنيون. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مختلف خانگي ريڊيو چئنلن تي جنرل مئنيجر طور ڪم ڪيائين پاڻ پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽيءَ جي ڪنسلٽنٽ طور بہ خدمتون سرانجام ڏنيون. هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر طور بہ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن براڊڪاسٽر هجڻ سان گڏ هو هڪ سرموڙ شاعر ۽ ساهتڪار پڻ آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "تند ڪتارو ڪنڌ" (شاعري)، "پرين جي پرديس" (سفرنامو)، "پرديسي ڪهڙا پرين" (سفرنامو)، "سهسين ٿيا سارنگ" (سفرنامو)، "سپ ۾ پنهون پاڻ" (ميرسڪندر ڪوسي جو ڪلام)، "ڪي پڙاڏا ڪي سڏ" (جي الاٽا جي شاعري) ۽ "پيارن جا پيغام" (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا خط) شامل آهن.

مختيار انڙ

وحيد ٿهلراماڻي



هندستان جي هن نامور قانوندان جو جنم 3 آڪٽوبر 1958ع تي ممبئيءَ جي هڪ سنڌي هندو خاندان ۾ ٿيو. هن بي اي ۽ ايل ايل ايم جون سندون حاصل ڪيون ۽ هڪ وڪيل طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. 1987ع ۽ 1993ع جي وچ وارن سالن ۾ هن ڪي سي لا ڪاليج ممبئيءَ ۾ اعزازي پروفيسر طور قانون جي تعليم ڏني. 2001ع ۾ هوءَ ممبئي هاءِ ڪورٽ جي جج مقرر ٿي ۽ 2015ع ۽ 2017ع ۾ انهيءَ ڪورٽ جي قائم مقام چيف جسٽس طور ڪم ڪيائين. 2018ع ۾ مدراس هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طور ذميداريون سنڀاليائين. 2019ع ۾ کيس مدراس هاءِ ڪورٽ مان بدلي ڪيو ويو هن انهيءَ بدليءَ خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي پر سپريم ڪورٽ اها اپيل رد ڪري ڇڏي. وحيد ٿهلراماڻيءَ احتجاج ڪندي پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي.

جرڊ ليوپڪي (Gerd Lupke)

جرڊ ليوپڪي لسانيات جو ماهر، محقق، مترجم ۽ ليکڪ هو هن کي سنڌي شاعريءَ ۽ خاص طور تي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان محبت هئي. هو 19 مئي 1920ع ۾ جرمنيءَ ۾ ڄائو هو هڪ جرمن اسڪول ۾ جرمن ٻولي پڙهائيندو هو. هن هڪ ريڊيو اناؤنسر طور پڻ ڪم ڪيو. گڏوگڏ هو هڪ بهترين ليکڪ ۽ صحافي هو. سندس ڪيترائي تحقيقي مقالا ۽ ڪتاب جرمن ٻوليءَ ۾ ڇپيا. سنڌي شاعريءَ تي بہ ڪيترائي مقالا لکيائين. هن شاهہ جي شاعريءَ تي جرمن ٻوليءَ ۾ Das Buch Shah Abdul Latif نالي ڪتاب لکيو جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو طارق محمود The Book of Shah Abdul Latif نالي سان ڪيو. حضرت سچل سرمست جي شاعريءَ تي بہ ڪتاب لکيائين. هن روحل فقير، شاهہ عنايت رضوي، شاهہ عنايت صوفي ۽ ٻين سنڌي شاعرن ۽ بزرگن جو بہ پنهنجن مقالن ۾ تذڪرو ڪيو آهي. جرڊ ليوپڪي 3 آڪٽوبر 2002ع تي وفات ڪئي.

عبدالستار رانجهاڻي



عبدالستار رانجهاڻيءَ جو جنم 17 ڊسمبر 1952ع تي جامشوري ضلعي جي ڳوٺ خدآباد ۾ ٿيو هن پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان حيدرآباد جي جامعه عربيہ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو اڳتي هلي بي اي جي سند بہ حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ ميوزيم ۾ نوڪريءَ سان ڪئي، ان بعد لينڊ رڪارڊ آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ مقرر ٿيو. 1978ع ۾ اطلاعات کاتي ۾ سينئر ٽرانسليٽر طور ڪم ڪيائين. اڳتي هلي ساڳئي کاتي ۾ انفارميشن آفيسر جو عهدو ماڻيائين. هو هڪ سٺو مصور ۽ چترڪار هو. مصوريءَ ۾ ظفر ڪاظمي سندس استاد رهيو. هن ڪيترائي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا. هن 3 آڪٽوبر 2007ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ گارڊين جج سعيدآباد
(روبرو جناب عبدالستار)
گارڊين سوٽ نمبر05 سال 2026

مسمات بشيران ڌي خادم حسين رهندڙ ڳوٺ شمشير راهو پي او شمشير راهو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري .. ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) مسمات انيتا (2) دلدار حسين (3) منثار (4) مسمات وزيران سپ پٽ ڦيٿرون خادم حسين (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس (1) ذيشان عمر 17 سال (2) شيراز عمر 17 سال (3) نياز حسين عمر 15 سال (4) زينب عمر 12 سال (5) حليمان عمر 10 سال..مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ گارڊين جج سعيدآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 447 سال 2026

مسمات زينت ڌي ممتاز علي انصاري رهندڙ جمالي چوڪ غريب آباد نوابشاهه .. پلينٽف..بخلاف.. محمد علي ولد نظام الدين رهندڙ محلہ ميمڻ ٽائون قاسم آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن نمبر 53 سال2026 فيملي سوٽ 284 سال 2025

مسمات حنا زال ڪاشف علي حال رهندڙ وي آئي پي روڊ پنگوار ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف..بخلاف.. ڪاشف علي ولد علي محمد ڪالو رهندڙ ڳوٺ پريل ڪالو تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3)تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 222 سال 2023

حاجي سليمان ولد حاجي محمد دائود ۽ ٻيا .. پلينٽف.بخلاف. (1) سيڪريٽري روينيو ڪراچي (2) ڊي سي شهيد بينظير آباد (3) اي سي نوابشاهه (4) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (5) سب رجسٽرار نوابشاهه (6) SHO اي سيڪشن نوابشاهه (7) محمد يوسف ولد غلام نبي (8) اختر جمالي ولد محمد يوسف (9) لکميرجمالي ولد وڪيل جمالي رهندڙ گهر نمبر 4 مهراڻ ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪليريشن پزيشن اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي بي درخواست زير قلم VII رول 1 سي پي سي زيرقلم 39 رول 1 ۽2 سي پي سي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سينئر سول جج III شهيد بينظيرآباد
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 11 سال 2026
ايف سي سوٽ نمبر 183 سال 2022

محمد عاطف خان ولد انعام الله خان ۽ ٻيا .. پلينٽف.بخلاف. (1) سيڪريٽري روينيو ڪراچي (2) ڊي سي نوابشاهه (3) مختيارڪار نوابشاهه (4) سٽي سروي آفيسر نوابشاهه (5) سب رجسٽرار نوابشاهه (6) SHO اي سيڪشن نوابشاهه (7) رفاقت علي ولد لياقت (8) عاشق حسين ولد بهاول خان زرداري ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج III شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ نمبر 188 سال 2026

مسمات راڻي ڌي راجهان خان سيال زال ارشاد احمد عالماڻي رهندڙ ڳوٺ گل محمد سيال تعلقو مورو .. پلينٽف..بخلاف.. ارشاد احمد ولد سائيندڏ ذات عالماڻي رهندڙ مورو ضلعو نوشهروفيروز ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏو ڏجي ٿو ته عرضدار مسمات بيبان ولد فيض محمد زال محمد جمن رهندڙ ڳوٺ حاجي علي بخش پرهيار تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ولد محمد جمن ولد علي بخش تاريخ 11-07-1992 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 202/1.2 ۽ 203/2.204 ايراضي حصي موجب ديهه ٻڄڪي رعيتي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي جو وارث ڦوٽو ٿيڻ ڪاپيو هيٺ جا ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڄڻيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسم عام بيان ۽ ڏني آهي (1) رسول بخش (پٽ) (2) لال بخش (پٽ) (3) الله ڏنو (پٽ) (4) مسمات بيبان (بيوه) مسمات بيبان مورخ 15-10-1997 تي فوت ٿي وئي جنهن جي وارث مٿي ڄاڻايل سڳيا آهن. جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪائڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏو ڏجي ٿو ته عرضدار محمد انور ولد محمد شفيع خانزاده رهندڙ ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد شفيع ولد محمد ياسين تاريخ 16-05-1996 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 48/A، 52/A2,50,100 ديهه موسي جاکير ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي جو وارث ڦوٽو ٿيڻ ڪاپيو هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڄڻيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسم عام بيان ۽ ڏني آهي (1) انوري بيگم (بيوه) (2) محمد انور (پٽ) (3) منور خان خانزاده (پٽ) (4) محمد صابر خانزاده (پٽ) (5) محمد يوسف (پٽ) (6) ظفر خان (پٽ) (7) محمد حيات (پٽ) (8) نسيم اختر (ڌي) (9) منيزه بانو (ڌي) (10) شبانه (ڌي) (11) تسنيم بانو (ڌي) (12) شبنم (ڌي) (13) خديجه (ڌي) انوري بيگم مورخ 24-03-2024 تي فوت ٿي وئي. جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل سڳيا آهن. محمد حيات مورخ 02-03-2018 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) محمد عمر (پٽ) (2) ايمن حيات (ڌي) (3) ندا حيات (ڌي) (4) شڪيلا پروين (بيوه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل سڳيا آهن. جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪائڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

عام اعلان ڏو ڏجي ٿو ته رهائشي جڳهه واقع وارڊ نمبر ببر بازار نزد فرحان پبلڪ اسڪول سٽي سروي نمبر 821،827 ٿهيل آهي. جيڪا محمد ممتاز شيخ ولد محمد ملل پاران محمد جنيد ولد جان محمد لند کي وڪرو ڪري ڏني آهي جنهن جي ايگريمينٽ مطابق رقم ڏني وئي آهي ڪنهن به ڪر اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر رابطو ڪري ٻئي صورت ۾ ڪنهن به قرجو قانوني حق نه هوندو هن بيان ڪارڊ ۾ رکيو وڃي

محمد جنيد ولد جان محمد لند ويٺل محلا مزدورآباد تعلقو ۽ ضلع دادو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏو ڏجي ته عرضدار اميد علي ولد محمد فاروق اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سندن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 1.2/99، 4،to1/95، 281، 1.2/252 ۽ بياءِ ديهه ماڻي ٽپو حسين خان ٺهوڙو تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سندن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن.فوتي لال خان ولد غازي خان فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:ذوالفقار (پٽ)، ممتاز علي (پٽ)، نياز علي (پٽ)، شوڪت علي (پٽ)، عرفان (پٽ)، زينت (ڌي)، تسليم (ڌي)، سپنا (ڌي)، بختاور (بيواهه).فوتي لال خان ولد محراب خان فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:سوني (ڌي)، شهناز (ڌي).فوتي اميد علي ولد محمد سليمان جيڪو مورخہ 01.01.1965 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث:غازي خان (پٽ)، خيري (ڌي)، بانو (ڌي).فوتي غازي خان ولد اميد علي جيڪو مورخہ 30.12.1997 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:محمد سليمان (پٽ)، محمد فاروق (پٽ)، لال خان (پٽ)، پير بخش (پٽ)، رمضان (پٽ)، آمون زال علي شير (ڌي).فوتي فاروق ولد غازي خان جيڪو مورخہ 12.12.2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:اميد علي (پٽ)، مختيار علي (پٽ)، محبوب علي (پٽ)، امجد علي (پٽ)، نويد گل (پٽ)، غازي خان (پٽ)، دلبر (پٽ)، مهرالنساء (ڌي)، عنايت (ڌي)، پراڻي (ڌي)، روبينا (ڌي)، پناڻي (بيواهه).جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪائڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري، معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته عرضدار نالي مسمات عابده بيواهه غلام مصطفيٰ برهماڻي رهندڙ جمالي ڳوٺ نزد نارا جيل سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد درخواست ڏني آهي ته ان جو مڙس غلام مصطفيٰ برهماڻي ولد محمد جمن رهندڙ جمالي ڳوٺ نزد نارا جيل سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد جيڪو سنڌ پوليس ۾ ڪانسٽيبل هو جيڪو تاريخ 03-09-2026 تي وفات ڪري ويو آهي ان پويان هيٺ ڄاڻايل جائز وارث ڇڏيا آهن (1) مسمات عابده (بيواهه) (2) عبدالستار (پٽ) (3) عبدالجبار (پٽ) (4) اشد علي (پٽ) (5) سڪندر علي (پٽ) (6) علي رضا (پٽ) (7) عائشه (ڌي) فوتي اسلام مذهب سان تعلق رکندو هو اگر انهن وارثن کان علاوه ڪو ٻيو فوتي جو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا وارثي سرٽيفڪيٽ ته ڪو اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع پرائو بلال بيلس يونٽ نمبر 07 لطيف آباد حيدرآباد وٽ روبرو يا وڪيل معرفت اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو لطيف آباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد غفران ولد محمد افضل آرائين ويٺل مڪان اي دستگير محلہ حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد افضل آرائين ولد امير الدين جيڪو تاريخ 18-05-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ٻنهورڪي ۽ سلطان پور ٽپو سلطانپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) عمران (پٽ) (2) محمد غفران (پٽ) (3) محمد ارسلان (پٽ) (4) صوبيه (ڌي) (5) سعديه خالد (ڌي) (6) ناديه رضوان (ڌي) (7) عطيه نعمان (ڌي) (8) عاصمه (ڌي) (9) زينب عثمان (ڌي) (10) رفيعه افضل (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) ريحان ولد ضياالحق (2) اختيار احمد ولد دين محمد جن ڳوٺ تصريور ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي ڌني بخش ولد واحد بخش باريجو ويٺل حاجي ايوب باريجو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڏاڏو نالي محمد ابراهيم ولد قيصر باريجو جيڪو تاريخ 10-05-1997 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ٻنهورڪي ٽپو سلطان پور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) مرحوم واحدبخش (پٽ) (2) الهه بخش (پٽ) (3) امير بخش (پٽ) (4) مولا بخش (پٽ) (5) مرحوم ستاڻي (ڌي) (6) حسنا (ڌي) (7) حسينا (ڌي) (8) امينہ (ڌي) (9) حرمت (ڌي) (10) رحمت (ڌي) (11) ميمونہ (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) تاج محمد ولد خان محمد باريجو (2) عبدالمالڪ ولد رضا محمد جن ڳوٺ لعل خان باريجو مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي سڪندر علي ولد انور شناختي ڪارڊ 4110585850535 هڪ عدد فليٽ نمبر A-8 بلڊنگ Aاسماعيليه ڪو آپريٽو هائوسنگ اسڪيم امين آباد ديهه گجو هيرا آباد حيدرآباد جو سودو نالي سهيل مومن ولد نذر علي شناختي ڪارڊ نمبر 4130315457473 سان ڪري رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض هيٺ ڏنل نمبر تي جمع ڪرائيندا ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ سودو فائنل ڪيو ويندو

سڪندر علي ولد انور موبائل نمبر
03323535669

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 4th حيدرآباد
رينٽ ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 01 سال 2011

امام علي سومرو اٽارني طارق علي سومرو رهندڙ گهر نمبر 75/II 10th ڪمرشل اسٽريٽ فيز IV ڊفينس هائوسنگ سوسائٽي ڪراچي .. پلينٽف..بخلاف.. نسيم احمد جمالي رهندڙ گهر نمبر C/56 سٽين ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف زير قلم 22 رول 3 سي پي سي آربيٽيو سيڪشن 151 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد
گارڊين درخواست نمبر 221 سال 2026

مسمات قرت العين عمير ڌي محمد صديق قل رهندڙ نزد ملڪ پيٽرول پمپ نيو علي آباد ڪالوني هالا ناڪو حيدرآباد .. ايپليڪينٽ ..بخلاف.. نسيم عمير مصطفيٰ مسلم باغ رهندڙ اسٽريٽ نمبر 02 دعوت اسلامي مسجد فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03112526818...اپوننٽ

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين زير قلم 25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد

[redacted]

گڏهه گاڏي تي سوار ٻه ڄڻا ڳوٺ خان رند جا رهواسي قلب علي رند ۽ حسن علي رند زخمي ٿي پيا زخمين کي پوليس اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته ڪار جي ٽڪر ۾ به گڏهه موقعي تي مري ويا

[redacted]

صوحب نوجوان کي چار ڪان پنج گولين لڳل آهن. جڏهن ته سندس موٽرسائيڪل ڳوٺ محمد مڪسي پرسان روڊتان جي فصل مان هٿ آئي آهي پوليس واقعي جي جاچ ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي مقتول جو موٽهه جيئن ئي گهر آندو ويو ته گهر اندر ڪهرام مچي ويو وارثن جو چوڻ آهي ته اسان جي ڪنهن سان به ڪا دشمني ناهي اسان جي نوجوان کي بي گناهه قتل ڪري اسان سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي هتن گهر ڪئي ٿي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

[redacted]

وڌندڙ طبي ۽ تعليمي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هن منصوبي جو باضابطه اعلان ڪيو هو هن ٻڌايو ته سورو ۾ ڪيمپس لاءِ اٽڪل اٺ ايڪڙ زمين اڳ ۾ ئي حاصل ڪئي وئي آهي لنجار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ضلعي نوشهروفيروز خاص طور تي سورو ۽ ان جي پرپاسي وارن شهرن کي بهتر طبي بنيادي ڍانچي جي سخت ضرورت آهي هن چيو ته هي منصوبو پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ صدر زرداري جي ترقياتي ويزن مطابق آهي ۽ ان سان هزارين مقامي رهواسين کي وڏي رليف ۽ سهولت ملندي منصوبي تي تيزيءَ سان عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ وزير ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ارسلان سليم کي هدايت ڪئي ته هو سمورن انتظامي عملن کي تيز ڪن ۽ منصوبي جي بروقت اڳڀرائي تي ڌيان ڏين هن پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر علي اڪبر سيال کي پڻ هدايت ڪئي ته هو هن منصوبي لاءِ مڪمل مدد، تعليمي رهنمائي ۽ ادارتي سهڪار فراهم ڪن صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار جي والده جي ٻهرين ورسي جي موقعي تي لنجار هائوس نوابشاهه ۾ قرآن خواني ڪان پوءِ دعا گهري وئي، جڏهن ته پيپلز پارٽي جي عهديدارن، ڪارڪنن آفيسرن ۽ شهر جي معززين شرڪت ڪئي

[redacted]

جي ساهاڻ پينشن ۾ اجان ڏائين جاري نه ڪئي وئي آهي. ساهاڻ پينشن جي عدم ادائگي ۽ پينشن جي بقاياجات نه ڏيڻ خلاف رٽائرڊ ملازمن اڳواڻي ملازم اڳواڻ حسين بخش ويسر جي اڳواڻي ۾ وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ آڏو ڌرڻو هڻڻ بعد مرڻ گهوڙي تائين بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي آهي، رٽائرڊ ملازم يونيورسٽي انتظاميه خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي. آفيس ٽائيم تائين احتجاجي ڌرڻي باوجود پينشن جاري نه ٿيڻ بعد حسين بخش ويسر عمر خاصخيلي، سونو عالماڻي اصغر تنيو ۽ ٻين وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ آڏو مرڻ گهوڙي تائين بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته آفيسر ايسوسيئيشن جو اڳواڻ قادر چانديو پڻ رٽائرڊ ملازمن سان گڏ مرڻ گهوڙي تائين بک هڙتال تي ويهي رهيو آهي ملازم اڳواڻن الزام لڳايو ته پينشن جي اڪائونٽ ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جا ثبوت سامهون اچڻ باوجود ذميوارن خلاف ڪارروائي بدران ڪين بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بلاجواز روڪي وئي آهي وقت سر پينشن نه ملڻ سبب رٽائرڊ ملازم آفيسر ۽ استاد سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن اڳواڻن جو چوڻ هو ته هڪ طرف يونيورسٽي مالي بحران جو شڪار آهي ته ٻئي طرف ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن جا الزام سامهون اچي رهيا آهن ملازم اڳواڻن الزام لڳايو ته مسئلا حل ڪرڻ بدران رجسٽرار رٽائرڊ ملازمن سان اڏنگو رويو اختيار ڪيو ۽ عورت پينشنرن کي آفيس مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي ملازم اڳواڻ حسين بخش ويسر الزام هنيو ته يونيورسٽي جي رجسٽرار ڪرپشن جون حدون پار ڪري ڇڏيون آهن هو يونيورسٽي جو ڊي فيڪٽو وائيس چانسلر بڻجي ويو آهي

[redacted]

ڪيرو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ، سوشل ورڪر ضمير حسين انڙ ، سينيئر صحافي غلام قادر چانديو ، حاڪم علي جمالي ۽ ممتاز علي ڪيريو پڻ شريڪ هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته گل محمد ڪيريو جنهن گل پيٽر جي نالي سان پوري سنڌ ۾ شهرت ماڻي آهي سندس جا ڪيترائي پاسا آهن جيڪي سڀ جا سڀ سگهارا آهن گل پيٽر جو صحافتي ميدان ۾ ، پي ٽي آئي جي سياست ۽ سماج جي بهتري لاءِ سندس نمايان ڪردار آهي اهوئي سبب آهي جو اڄ ڪيس پيٽا پيش ڪري رهيا آهيون ان موقعي تي مهمانن پاران گل محمد ڪيريو کي اجرڪ ، لنگيون ۽ هارن جا تحفا پيش ڪيا ويا ان کان اڳ پروگرام جي ميزبان راحيل شيخ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪرڻ بعد قاضي جاويد سنائي ۽ غلام قادر چانديو جي پڻ لنگيون پارايون آخر ۾ محفل جي گهوٽ گل محمد ڪيريو ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گزار آهيان راحيل شيخ جو جنهن سرهائي سانجهه ملهائي محبتي ميڙيا آهي ۽ محبتون اوهان آيل سڀني دوستن جون جيڪي منهنجي خوشيءَ ۾ شامل ٿيا آهن آخر ۾ گل پيٽر جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ ڪٽ ڪيو ويو جنهن بعد شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي

[redacted]

فاروق آرائين اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي تعلقو اسپتال ٽنڊوآدم جي ايم ايس ڊاڪٽر ديدار حسن خاصخيلي سرادار خاتون اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر مشتاق لاڪو سميت صحت کاتي جي آفيسرن ۽ ٻيا پڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ سارا جاويد اسپتال جي مختلف وارڊن ليبارٽري ۽ ٻين شعبن جو دورو ڪري مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن جو جائزو ورتو جڏهن ته ايم ايس ڊاڪٽر مشتاق لاڪو اسپتال جي هڪ سال ڪارڪردگي بابت رپورٽ پيش ڪئي تقريب کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر سارا جاويد چيو ته سرادار خاتون اسپتال پاران هڪ سال دوران عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ نمايان ڪم ڪيو ويو آهي جيڪو ساراهه جوڳو آهي هن چيو ته صحت جي شعبي ۾ ماهر ڊاڪٽرن، تربيت يافته عملي طبي سامان ليبارٽري ۽ بهتر انتظامي نظام جي موجودگي انتهائي ضروري آهي هن چيو ته ضلعي سانگهڙ جي مختلف اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن جڏهن ته ريبيز ڪيسن ۽ ويڪسينيشن ۽ عوامي آگاهي لاءِ پڻ خاص سرگرميون جاري آهن ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ڪتي جي چڪ يا چنبي لڳڻ جي صورت ۾ شهري فوري طور طبي مرڪز سان رابطو ڪن ۽ ڊاڪٽرن جي هدايتن موجب ويڪسينيشن ڪرائين ريبيز کان بچاءُ بابت عوامي آگاهي پيدا ڪرڻ ۾ ميڊيا جو ڪردار پڻ انتهائي اهم آهي ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر محمد فاروق آرائين چيو ته سرادار خاتون اسپتال ۾ عورتن ۽ ٻارن جي صحت سميت مختلف طبي سهولتون هڪ ئي ڇت هيٺ فراهم ڪيون پيون وڃن هن اسپتال جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ سهولتن جي فراهمي ۾ تعاون ڪندڙ سمورن ساٿين ۽ ادارن جو ساراهيو اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي چيو ته ريبيز کان بچاءُ لاءِ اسڪولن ۽ ڪميونٽي سطح تي پڻ آگاهي مهم جاري آهي جنهن دوران ٻارن ۽ شهرين کي رولو ڪتن کان احتياط ۽ ڪتي جي چڪ جي صورت ۾ فوري علاج بابت آگاهي ڏني پئي وڃي ان کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر سارا جاويد جي اسپتال جي احاطي ۾ ٻوٽو پوکيو جڏهن ته بعد ۾ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم جو دورو ڪري جاري ترقياتي ڪمن ۽ مريضن کي فراهم ڪيل صحت جي سهولتن جو جائزو ورتو

[redacted]

ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪري ڇڏيو لاش ڇانڊ شاهه ڪالوني واري گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان گهرو ڪشيدگي سبب ڪجهه وقت کان پريشان هو جنهن پاڻ کي پستول سان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون نوجوان جي وارثن پاران واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو ويو آهي وڌيڪ حقيقتون سامهون اچڻ بعد ڪارروائي ڪئي ويندي

[redacted]

سخي قبول محمد فاروقي جي يارهين ورسي عقيدت ۽ احترام دراڙ شريف سان ملهائي وئي جنهن ۾ موجوده سجاده نشين پير خواجه عبدالحق فاروقي درگاهه جي خاص خليفن ۽ مريدن سان گڏجي قافلي جي صورت ۾ درگاهه حضرت سچل سرمست رح تي پهچي حاضري ڀري. ان بعد ڊاڪٽر سخي قبول محمد فاروقي جي مزار کي عرق گلاب سان غسل ڏيارو ويو غسل واري تقريب دوران درگاهه سان صوفي راڳين سچل سان جا ڪلام ڳائيندا رهيا، جنهن بعد نئون پڙ غلاف ۽ چادر چاڙهي اجتماعي دعا گهري وئي، جنهن بعد حوالي جي اڱڻ ۾ صوفي راڳ جي محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ خواجه نجم الحق فاروقي صوفي فنڪارن سان گڏ محفل ۾ شرڪت ڪئي.

[redacted]

اعجاز شاهه بخاري ، ايم پي اي جام شبير علي جوڻيجو نواب زبير احمد ڏاليس ايڊيشنل ڪمشنر منظور احمد لغاري، رمضان مري، علي مراد نظاماڻي،لڪي محمد رند ،اڳوڻو ڊي ايڇ او ڊاڪٽر يارو مل ، محمد خان ڊيشڪ، ڊاڪٽر ذوالفقار لغاري ،محمد يوسف شاهاڻي ، بابو لغاري ،دريا خان لغاري، اميربخش لغاري، شبرات پنهاڻ، گل نظاماڻي،عثمان رستماڻي، علي نواز ڪشميري ،حاجي علي بخش ڏرکڻ،محبوب خان سريوال سميت سوين پ پ ڪارڪن اڳواڻ ۽ مختلف مڪتب فڪر جا ماڻهو شامل آهن انهي موقعي تي پ پ ايم پي ايز محمد نواز چانڊيو جام شبير علي ۽ سيد اعجاز شاهه بخاري عبرت نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته اڳوڻي ايم پي اي مرحوم بشير احمد سريوال جي ضلع بدين ،حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان جي عوام لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رهنديون سندن رحلت تي انتهائي ڏک پهتو آهي اميد ته سندن اولاد مرحوم بشير احمد خان سريوال جي نقش قدم تي هلندي سندن مشن ضرور پورو ڪندو

[redacted]

بيان ۾ يحيٰ محمد، بي ايم جي جي قيادت، خاص طور تي زبير موتي والا، انجم نثار، جاويد بلواڻي، ميان ابرار ۽ طارق يوسف کي پڻ مبارڪباد ڏيندي چيو ته بي ايم جي جي اميدوارن جي ڪاميابي واپاري ۽ صنعتي برادري پاران گروپ جي قيادت تي اعتماد جو اظهار آهي.هن اميد ظاهر ڪئي ته نوان چونڊيل نمائندا واپاري برادري جي اعتماد تي پورو لهندي ڪراچي جي واپارين ۽ صنعتڪارن کي درپيش مسئلن جي حل سندن جائز مفادن جي تحفظ ۽ ڪاروباري سرگرمين جي فروغ لاءِ اهرائتو ڪردار ادا ڪندا.يحيٰ محمد، سعد علي يونس کي ڪي سي سي آءِ جي چونڊن ۾ ڪاميابي تي خاص طور مبارڪباد ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

[redacted]

خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ٻين فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ايس ايس پي خيرپور چيو ته ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي

[redacted]

ڪيفيت جو مظاهرو ڪندي واقعي کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي جڏهن معلاڙچورن جا پيرا کنيا جيڪي اڳتي هلي غائب ٿي ويا باقي گهر اندر ٿي پيرا لڳا معلاڙچوري ٿيل سامان جا تفصيل ڏنا آهن جنهن ۾ موبائيل سيٽ،گهر جا لٽا ڪپڙا هڪ ٻڪتري،ٻه عدد سونا والا آهن رابطي ڪرڻ تي ذوالفقارعلي سيال ٻڌايو ته چوري ٿي وئي آهي چورن جا پيرا کڻي وڃي رهيا آهيون پوليس کي به اطلاع ڏنو هيو پر ان ڪنهن به قسم جي موٽ نه ڏني هتي ڀهرين ڀهر ۾ اڳوا ٿاڻي جي حد اندر وڌندڙ بدامنيءَ جي ڪري گوناگا بيچينيءَ واري گهڙين ۾ گذاري رهيا آهن.امن امان جي رٽ کي بحال ڪرڻ لاءِ صوبيدار به بدلي ڪيا وڃن ٿا پوءِ به امن امان بحال ٿيڻ جو نالو نشان ئي نه برقرار رهي

[redacted]

هاشمي پير اظهر شاهه هاشمي ۽ مصطفيٰ شاهه هاشمي سميت ٻين وارثن مرحوم جي مزار تي حاضري ڀري، فاتحه خواني ڪئي ۽ خاص دعا گهري پير سيد نور شاهه هاشمي ٻه ڀيرا سنڌ اسيمبلي جا ميمبر رهيا ڪيس مٽياري سميت پوري سنڌ ۾ عوامي خدمت سادگي ۽ خوش اخلاقي سبب وڏي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو هو سياسي حيثيت رکڻ باوجود سادگي سان زندگي گذاريندا هئا ۽ غريب، مسڪين ۽ ضرورت مند ماڻهن جي مدد کي هميشه اهميت ڏيندا هئا. ان موقعي تي پ پ ضلعي مٽياري جي صدر ۽ اڳوڻي ايم پي اي پير امير علي شاهه هاشمي چيو ته سندس والد پير نور شاهه هاشمي پنهنجي سڄي زندگي پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي هن چيو ته پير نور شاهه هاشمي هڪ بااصول سياسي اڳواڻ هئا، جن سدائين غريب ۽ ضرورت مند ماڻهن جي خدمت ڪئي

[redacted]

ڪرل0حيدار جاگيراڻي مير سوبدار سعيد، منظور خاموش شريف عباسي، ساگر صفي الله شي بابو مستوئي سميت اديبن فنڪارن شاگردن ۽ آرٽ سان لاڳاپيل شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

[redacted]

شگفته ميتلو صحافين کي ٻڌايو ته سندس مڙس جي ان کان اڳ ۾ هڪ عورت سان شادي ٿيل هئي، جيڪا گهريلو معاملن سبب طلاق وٺي چڪي هئي،هو طلاق ڏنل ان عورت کي غير شرعي، غير اخلاقي، غير قانوني گهر ۾ ويهاري ڇڏيو آهي جيڪو اسلام جي اصولن خلاف آهي . هن الزام لڳايو ته ڪيرين 9 مهينا اڳ ڪيس سان معصوم ڌيءَ سميت گهر مان ڪڍي ڇڏيو وين جنهن بعد هن پنهنجي ۽ معصوم ڌيءَ جي خرچ لاءِ عدالت سڳوري ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ۾ عدالت جي حڪم باوجود ڪيس خرچ فراهم نه ڪيو پيو وڃي

[redacted]

فيڊر لوڊشيڊنگ کان آزاد ڪيو ويو آهي لوڊشيڊنگ فري ڪيل فيڊر تي 29 ٽرانسفارمر آهن 11 ڪي وي سنجر چانگ فيڊر تي ٽوٽل 1138 ڪنيڪشن آهن جن ۾ ڊوميسٽڪ ڪمرشل صنعتي ۽ ٻيا ڪنيڪشن شامل آهن لوڊشيڊنگ فري ڪيل فيڊر جي ايڇ ٽي ڊيگ 12 ڪلوميٽر جڏهن ته ايل ٽي 20 ڪلوميٽر آهي هنن چيو ته ايڪسين ايڊيا ٽنڊوالهيار عاقب شاهه تمام زبردست ڪم ڪري رهيو آهي، خراب ٽرانسفارمر جي فوري تبديلي بروقت ڪئي پئي وڃي جنهن سان فيڊرن کي لوڊشيڊنگ کان فري ڪيو پيو وڃي

[redacted]

بعد اسان ڪورٽ سڳوري ۾ درخواست ڏني جنهن جو فيصلو پڻ اسان جي حق ۾ آيو ۽ عدالت سونکي تحفظ ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي پر انهي حڪم نامي تي ڪو به عمل ناهي ڪيو ويو هن

[redacted]

ڪري ٽيسٽ جي انتظامن جو جائزو ورتو يونيورسٽي انتظاميه موجب مرحليوار پري انٽري ٽيسٽ 2، 3 ۽ 4 آڪٽوبر 2026ع تي صبح 9 وڳي کان مين ڪيمپس ۾ ورتي پئي وڃي ڊائريڪٽر ايڊميشن انجنيئر محمد طفيل ميمڻ موجب هن سال تقريبن 2 هزار اميدوارن جي داخلا ٽيسٽ ۾ ويهڻ لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي اميدوار انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپيوٽر سائنس آرٽيفيشل انٽيليجنس، سائبر سڪيورٽي لا اينڊ ليگل اسٽڊيز بزنس ايڊمنسٽريشن ايجوڪيشن ميڊيا اسٽڊيز ڪيمسٽري جينيٽڪ اينڊ ماليڪيولر بائلاجي مائڪرو بائلاجي انگلش سنڌي، اقتصاديات، شماريات، فائن آرٽس ۽ ٻين شعبن ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ ڏئي رهيا آهن جڏهن ته سانگهڙ ڪيمپس ۾ پري انٽري ٽيسٽ 9 ۽ 10 آڪٽوبر نوشهروفيروز ڪيمپس ۾ 17 ۽ 18 آڪٽوبر 2026 ع تي ورتي ويندي ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد زمان راڄوڙ ۽ سسٽم ايڊمن عماد الله هيسباڻي موجب ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ پري انٽري ٽيسٽ دوران اميدوارن کي امتحاني هال اندر موبائل فون ڪيلڪيوليٽر سميت ڪنهن به قسم جو اليڪٽرانڪ ڊوائيس کڻي وڃڻ جي اجازت نه هوندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه چيو ته شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظير آباد پاران هميشه شفافيت کي اوليت ڏني وئي آهي، جيئن ميرٽ کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ اهل شاگردن ۽ شاگرديائين کي اعليٰ تعليم جي حصول ۾ مناسب موقعا فراهم ڪري سگهجن

[redacted]

ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد ڏني وئي

[redacted]

احمد ميمڻ پنهنجي تحقيق ۾ سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن جي پائيدار ترقي، عوامي مسئلن جي نشاندهي آگاهي ۽ ترقياتي معاملن کي اجاگر ڪرڻ ۾ صحافت جي ڪردار جو جائزو ورتو سيمينار ۾ تحقيق جا مقصد، طريقيڪار ۽ اهم نتيجا پيش ڪيا ويا، جنهن بعد استادن ۽ شرڪت ڪندڙن سوال ۽ تجويزون پيش ڪيون تحقيق جي نگراني ڊاڪٽر غلام مجتبيٰ خشڪ ڪئي جڏهن ته ڊاڪٽر محمد جاويد شيخ ۽ ڊاڪٽر حبيب الله مگسي ڪو-سپروائيزر طور رهنمائي ڪئي رياض اوڍائو پي ايڇ ڊي اسڪالر جي علمي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪئي زبير احمد ميمڻ چيو ته صحافت ٻهراڙي وارن علائقن جا عوامي مسئلا اجاگر ڪرڻ آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ پائيدار ترقي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي هن پنهنجي سپروائيزر استادن ۽ ساٿين ڪو ڊاڪٽر ايمن ڪهيم ميمڻ جي سهڪار تي ٿورا مڃيا سيمينار ۾ استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي ۽ ٻنهي اسڪالرن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو

[redacted]

ڪيو گورنر سنڌ نهال هاشمي معاملي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي قمبر سان فون تي رابطو ڪيو ۽ ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون موبائل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائڻ سان گڏ ڦورن کي جلد گرفتار ڪرڻ ۽ قمبرشهر ۾ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون ڏنيون گورنر سنڌ وفد کي يقين ڏياريو ته هو آءِ جي سنڌ سان پڻ قمبر جي امن امان واري صورتحال بابت ڳالهائيندو ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ قدم کنيا ويندا

[redacted]

پاءِ مقبول عرف حبدار پنڊ جو ڪجي پتو ڪونه آهي ٿاڻن تي وڃون ٿا ته پاءِ سان ملاقات ڪرڻ نه ٿي ڏني وڃي ، ڊي ايس پي دادو علي اڪبر چنڊ اسان جي مخالفن خادم پنڊ ، اعظم پنڊ ، ادريس پنڊ ۽ ٻين جي چوڻ تي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ، 2013 ۾ معين مخالفن وچ داڏوشهر ۾ اسان جي پاءِ منير احمد پنڊ کي بيدردي سان قتل ڪيو هيو جنهن جو ڪيس پڻ داخل ٿيل آهي.

[redacted]

واقعي واري هنڌ ڊي ايس پي وحيد مراد چانديو پهچي ڪري ٻڌايو ته واقعي جي جاچ ڪيون پيا سي سي ٽيويز فوٽيجز جي مدد سان ڌارين کي گرفتار ڪري انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ٻئي پاسي ياد رهي ته ان کان اڳ قلچي شهر ۾ هن وقت تائين ٿيندڙ چوريون يا ڦر جون وارداتن جا ڪي به جوابدار گرفتار ناهن ڪيا ويا ۽ نه وري ڦلجي پوليس چوري يا ڦر ٿيل سامان کو واپس ڪرايو آهي علائقي ۾ وڌندڙ بدامني جون شڪايتون ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي کي به ڪيترا ئي پيرا ڪيو ويون آهن پر هن وقت تائين قلچي پوليس امن امان بحال ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي

[redacted]

جنهن جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو پوليس موجب جوابدار ڪان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي

[redacted]

پيو زخمي ٻار کي فوري طور سول اسپتال شڪارپور منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس شروعاتي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سکر منتقل ڪيو ويو واقعي جو ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم نوٽيس وٺندي پوليس کي جوابدارن خلاف ڪارروائي جون هدايتون

[redacted]

صحافي عظيم سيال جي اغوا واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، صحافي عظيم سيال سان هر موڙ تي گڏ آهيون هن چيو ته سنڌ سنڌي ماڻهن جو تاريخي وطن آهي سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي سنڌ جي ورهاست واري فيصلي خلاف 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ وڏي پرامن ريلي ڪيي ويندي، جنهن ۾ سمورن سنڌ واسين کي ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪريون ٿا. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي وڌيڪ چيو ته سنڌ جو عوام نه ڪڏهن سنڌ جي ورهاست چاهيندو ۽ نه ئي ان کي قبول ڪندو سنڌ قدرتي معدني وسيلن سان مالا مال ڌرتي آهي، سنڌ جي معدني ۽ قدرتي وسيلن تي ڪنهن به قسم جي قبضي کي قبول نه ڪيو ويندو

[redacted]

ان موقعي تي جسقم اڳواڻ خطاب ڪندي چيو ته سنڌي عوام پرامن آهي پر ڌاريا افغاني ان جو فائدو وٺي سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن سان ظلم ڪري رهيا آهن اڳواڻن الزام لڳايو ته گذريل ڏينهن ڪوئيٽهنو جي وچ بازار ۾ ٻن افغان شهرين عزت الله خان ۽ هادي خان پٺاڻ مبينا طور غريب پورهيت پارسل ڪولهي تي لٺين سان حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪيو سندن چوڻ هو ته پوليس جوابدارن کي ڪجهه وقت لاءِ ٿاڻي تي ويهارڻ بعد بااثر ماڻهن جي چوڻ تي آزاد ڪري ڇڏيو جنهن سان علائقي جي غريب ماڻهن ۾ بيچيني پيدا ٿي آهي جسقم اڳواڻن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين بابت قانون موجب قدم کنيو وڃي

[redacted]

شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلع بدين جي سينيئر نائب صدر ايڊووڪيٽ ذيشان انيس جوڻيجو ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري شاهنواز جوڻيجو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار جوڻيجو عرف ڪامريڊ ذلفي جوڻيجو جوائنٽ سيڪريٽري وڏيرو اصغر علي جوڻيجو پريس سيڪريٽري باغ علي جوڻيجو وقار احمد جوڻيجو ساجن جوڻيجو شاهنواز جوڻيجو سرفراز علي جوڻيجو ۽ ٻين معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

[redacted]

، احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته سکر ٽريول ايجنسي جي شرجيل جتوئي 31 ماڻهن کي ربيع اول ۾ عمره پيڪيج ڏنو هيو جنهن ۾ واپسي رٽرن جون ٽڪيٽون ٿيل نه هيون ان ڪري اسان سڀني عمره زائرين کي ايئرپورٽ تان واپس ڪيو ويو.

[redacted]

فورم ۽ توانائي جي جائزي واري رپورٽ جي پڌرائي واري تقريب منعقد ڪئي وئي فورم ۾ پاليسي سازن بينڪن جي نمائندن توانائي جي ماهرن اسيمبلي ميمبرن تعليمي ماهرن صحافين سماجي تنظيمن ماحوليات ڪارڪنن ۽ قابل تجديد توانائي سان لاڳاپيل ماهرن شرڪت ڪئي فورم کي ارور يونيورسٽي سکر جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ، سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ عبدالرزاق مهر ڊي ايف او سوشل فاريسٽري گهوٽڪي سيد عامر حسين شاهه اڳوڻي اي ڊي جي ايگريڪلچر ايڪسٽينشن سکر رسول بخش جوڻيجو ڊاڪٽر الطاف عالم ٽوناري، علي حسن مهر ۽ عبدالوحيد ڪوڪر سميت ٻين مقررين خطاب ڪيو مقررين چيو ته درآمدي گئس (آر ايل اين جي) جي ڪوٽ ۽ قيمتن ۾ واڌ سبب بجلي جي پيداوار متاثر ٿي آهي جنهن ڪري بجلي جي ڪوٽ ۽ لوڊشيڊنگ جا مسئلا وڌيا آهن هنن چيو ته ٽرانسپورٽ جو شعبو پڻ مهانگي درآمدي بارڻ سبب معاشي دٻاءُ جو شڪار آهي شرڪت ڪندڙن مطالبو ڪيو ته اسٽيٽ بئنڪ اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ گهٽ شرح سود تي آسان قرضن جي خصوصي پاليسي متعارف ڪرائي جڏهن ته موجوده موٽرسائيڪلن ۽ رڪشا کي بجلي تي منتقل ڪرڻ شاگردن خاص طور تي شاگرديائين کي اليڪٽرڪ گاڏيون حاصل ڪرڻ ۾ سهولت ڏيڻ ۽ قابل تجديد توانائي سان هلندڙ چارجنگ اسٽيشنن جو نيٽ ورڪ وڌائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن فورم ۾ حڪومت کان آر ايل اين جي تي هلندڙ بجلي گهرن جي مستقبل لاءِ اهرائتي متبادل ۽ منتقلي جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ درآمدي بارڻ تي انحصار ۽ خرچ گهٽائڻ ۽ گردشي قرض ۾ گهٽتائي لاءِ اهرائتا قدم کڻڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو مقررين زور ڀريو ته سرڪاري وسيلن کي درآمدي بارڻ بدران شمسي ۽ هوائي توانائي بيٽري اسٽوريج ۽ جديد گرڊ ڍانچي ۾ سيڙپڪاري لاءِ استعمال ڪيو وڃي، جيئن ملڪ جي ڊگهي مدي واري توانائي سلامتي کي مضبوط بڻائي سگهجي

[redacted]

رضا گاڏهي جو چوڻ هو ته والد طرفان ڪيس مبينا طور موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ ڪيس زمين تي وڃڻ ڪان پڻ روڪيو وڃي ٿو هن چيو ته مون کي يا منهنجي خاندان کي ڪو نقصان پهتو ته ان جو ذميوار منهنجو والد سبحان گاڏهي هوندو، منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي هن ڊي آءِ جي نوابشاهه ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي ڪمال ديرو ۽ ايس ايچ او بکري کان اپيل ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪرائي زمين تان مبينا قبضو ختم ڪرايو وڃي، ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ قانون موجب انصاف ڪيو وڃي

[redacted]

ايم اين اي سردار جام عبدالڪريم جوکيو جوکيا برادري سان گڏوگڏ ڪافي برادرين جا سردار آهن جنهن خلاف علي حسن زهري پاران نازيبا ڳالهائي وئي جيڪا برداشت کان ٻاهر آهي هنن چيو ته اسان پنهنجي سردار متعلق ڪجهه برداشت نه ڪنداسين سنڌ جي هر شهر ۾ احتجاجي مظاهرا ڪنداسين علي حسن زهري خلاف فوري طور ڪرائي وڃي احتجاجي ريلي ۾ چيئرمين حاجي غلام حسين ڪاتيار يار محمد لاشاري علي بخش مري سميت وڏي انگ اڳواڻ شرڪت ڪئي

[redacted]

حل ڪرڻ لاءِ تيار آهي هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته زمين جي ملڪيت ۽ قبضي بابت سمورن ڌرين جا دستاويز ۽ موقف ڏسي معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪئي وڃي جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن حاجي نبي بخش ملاح وڌيڪ چيو ته ڪيس خدشو آهي ته زمين جي تڪرار سبب مستقبل ۾ ڪنهن قسم جي جهيڙي يا اڻ وڻندڙ صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي هن چيو ته هو پنهنجي خدشن بابت اڳواٽ لاڳاپيل اختيارين کي آگاهه ڪري رهيو آهي ته جيئن ڪنهن به امڪاني واقعي کي روڪڻ لاءِ مناسب قدم کنيا وڃن هن سنڌ جي آءِ جي، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي بدين ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين کان مطالبو ڪيو ته سندس بيان ۽ خدشن کي سرڪاري رڪارڊ جو حصو بڻايو وڃي، سمورن ڌرين کي ٻڌي معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن

[redacted]

جي 19 ايڪڙ زمين جو کاتو جلسازي ذريعي تبديل ڪري ڇڏيو آهي هنن الزام لڳايو ته تپيدار بااثرن سان ملي اسان جي ابن ڏاڏن جي زمين جو کاتو پئسن عيوض ٻين ماڻهن جي نالي ڪري ڇڏيو آهي هنن اي سي فيض گنج وٽ معاملو هلندڙ هو پر اي سي ٻه مخالف ڌر سان ملي اسان جي زمين مخالفن جي نالي ڪئي آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته معاملي جي جاچ ڪرائي اسان سان انصاف ڪرايو وڃي

[redacted]

چوهارن سان ڀريل بورين کڻي ريلي ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته مختلف چوراهن تي رقص ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو ريلي شاهه حسين درگاهه تي پهتي، جتي پورهيتن چوهارن سان ڀريل بورين کڻي درگاهه تي حاضري ڀري ۽ دعا گهري ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هن سال مون سون جي برساتن کان بچاءُ سبب خيرپور ضلعي ۾ کجور جو بهترين فصل ٿيو آهي جنهن سبب آبادگارن کي تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي جڏهن ته 30 لک کان وڌيڪ بورين مارڪيٽ ۾ پهتيون آهن هنن چيو ته بهترين فصل سبب آبادگارن ۽ واپارين سان گڏ کجور منڊي جي پورهيتن کي به سٺو روزگار حاصل ٿيو آهي ان خوشيءَ ۾ اڄ کجور منڊي کان 100 ڪلو چوهارن سان ڀريل بورين کڻي شاهه حسين درگاهه تائين ريلي ڪيي آهي

[redacted]

وڌايل دڪن ۽ ڇپرن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو ۽ روڊن مان رڪيل دخل هٽايا ويا، ڪارروائي دوران اسسٽنٽ ڪمشنر پاران 35 دڪان ۽ 7 هوٽل سيل ڪرڻ سان گڏو گڏ روڊن مان غير قانوني پارڪنگ ڪندڙ 2 گاڏين سميت 7 رڪشن کي تحويل ۾ ورتو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر پاران حددخليون ۽ روڊن مان غير قانوني پارڪنگ ڪندڙن کي سختي سان هدايتون ڪيون ويون

[redacted] عبرت

بينظيرآباد عمر بشير باجوا جي خاص هدايتن ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڏومڪي جي سهڪار سان ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آءِ جي انتظام هيٺ سمورن تعلقہ اسپتالن رورل هيلٿ سينٽرن (RHCs) ۽ بيسڪ هيلٿ يونٽن (BHUs) تي ڪتي جي چڪ کان بچاءَ لاءِ اينٽي ريبيز ويڪسين وافر مقدار ۾ موجود آهي ته جيئن ڪتي جي چڪ جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن کي بروقت طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن وڌيڪ ٻڌايو ته آگسٽ ۽ سيپٽمبر دوران پي پي ايڇ آءِ جي سمورن صحت مرڪزن تي 3 هزار 135 ماڻهن کي ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين ڏني وئي .

[redacted] عبرت

ريو پوليس موجب ابتدائي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته مقتول جي گهٽيءَ ۾ گولي لڳي هئي جيڪا آر پار ٿي وئي گاڏي مان هٿ 9 ايم ايم پسٽول 17 گوليون ۽ 7 لک رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته ڪرائيم سين يونٽ واقعي واري هنڌ موجود آهي جيڪو ثبوت گڏ ڪري رهيو آهي ۽ واقعي جي مختلف پهلوئن جي جاچ ڪري رهيو آهي فائرنگ جي واقعي جا تفصيل ۽ ان جي اصل نوعيت جو تعين وڌيڪ جاچ ذريعي ڪيو ويندو

[redacted] عبرت

متاثر ٿيل هنڌن جي بحالي لاءِ سوڪٽ رسپانس ٽيم کي متحرڪ ڪيو ويو آهي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو ته روڊن جي خراب حالت سبب شهرين کي روزاني اچ وڃ دوران ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو خاص طور تي روڊن تي موجود کڏن ۽ ٽٽل حصن سبب سفر جو وقت وڌي ٿو ۽ ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿئي ٿي ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي اهڙن مسئلن کي معمول جي ڪارروائي تائين محدود رکڻ بدران فوري بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

[redacted]

مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ شهرين کي آمدورفت جون بهتر سهولتون ميسر ٿينديون هن چيو ته ڪراچي جي سمورن علائقن ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري آهي شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن روزمره جا مسئلا حل ڪرڻ بلديه عظمى ڪراچي جي ترجيحن ۾ شامل آهي لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ترقياتي منصوبن تي ڪم مقرر ڪيل معيار موجب اڳتي وڌايو وڃي، جيئن شهري انهن منصوبن جي فائدن سان لاڀ حاصل ڪري سگهن هن چيو ته بلديه عظمى ڪراچي شهر ۾ تفريحي سهولتن جي واڌ ۽ سرسبز هنڌن ۾ اضافي لاءِ قدم کڻي رهي آهي ان سلسلي ۾ مسجد حسنات پارڪ، ڪورنگي ٽائون يو سي-2، سهراب ڳوٺ جي علائقي ۾ هڪ ٻئي پارڪ جي تعمير مڪمل ٿيڻ جي ويجهو پهچي وئي آهي، جنهن کي جلد عوام لاءِ کوليو ويندو ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته شهرين کي صحتمند ۽ خوشگوار ماحول فراهم ڪرڻ بلديه عظمى ڪراچي جي ترجيحن ۾ شامل آهي پارڪ جا پارڪ نه رڳو ٻارن کي ڪيڏڻ ۽ خاندانن کي تفريح جا موقعا فراهم ڪن ٿا، پر شهري علائقن ۾ سرسبز ماحول جي واڌ ويجهه ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن چيو ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پارڪن جي بحالي ۽ نون تفريحي هنڌن جي تياري تي ڌيان ڏنو پيو وڃي.

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو

No: DHOD/_22063 Dated: 09_09_2026

نيلامي لاءِ دعوت نامو (NIA)

پراڻو، ناقابلِ استعمال ۽ فالتو سامان نيڪال ڪرڻ لاءِ

تعلقي اسپتال ڪي اين شاهه ۾ موجود پراڻي، اضافي ۽/يا ناقابل استعمال سامان جي عوامي نيلامي ذريعي وڪري لاءِ، لاڳو سرڪاري قاعدن SPPRA/EPADS جي طريقيڪار، مالي ۽ سامان جي وڪري بابت قاعدن ۽ مجاز اختيارين پاران وقت بوقت جاري ڪيل هدايتن مطابق، وسيع پيماني تي مشهوري ۽ EPADS/اليڪٽرانڪ نيلامي نظام ذريعي، دلچسپي رکندڙ فردن، فرمن، ڊيلرن، نيڪيدارن ۽ ٻين اهل آڇ ڏيندڙن کان مهر بند لفافن ۾ يا اليڪٽرانڪ آڇون طلب ڪجن ٿيون.

سامان "جيئن آهي، جتي آهي" جي بنياد تي وڪري لاءِ پيش ڪيو ويندو. دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته هو پنهنجون آڇون جمع ڪرائڻ کان اڳ سامان جي مقدار، معيار، حالت، نوعيت، ماپ، استعمال لائق هجڻ ۽ لاڳو پڳ وزن يا ماليت جو پاڻ معائنو ڪري، ان بابت مڪمل اطمينان حاصل ڪن. آڇ منظور ٿيڻ کان پوءِ سامان جي حالت، ڪوٽ، معيار، ماپ يا استعمال لائق هجڻ بابت ڪنهن به قسم جي دعويٰ قبول نه ڪئي ويندي.

سامان جي تفصيل

سيريل نمبر	سامان جي تفصيل	تعداد
1	اسٽيل جا دروازا	09 عدد
2	ڪاٺ جا دروازا	98 عدد
3	ڪاٺ جون دريون	157 عدد
4	اسٽيل جون دريون	181 عدد
5	اسٽيل جون چاريون	127 عدد
6	ايلومينيم جون دريون	57 عدد
7	ايلومينيم ڪروڪيٽس/ فريمز	49 عدد
8	ايلومينيم جا دروازا	19 عدد
9	لوهه جو سريو / اسٽيل ريبر	موقعي تي موجود / اصل مقدار مطابق

شرط ۽ ضابطا:

- نيلامي جو عمل EPADS/ اليڪٽرانڪ نيلامي ذريعي، وسيع مشهوري، شفافيت ۽ کليل شرڪت سان، لاڳو قاعدن، ضابطن، سامان جي وڪري بابت طريقيڪار ۽ مجاز اختيارين جي هدايتن مطابق ڪيو ويندو.
- نيلامي جا مڪمل تفصيل، آڇ ڏيڻ جو طريقيڪار، شيڊول، اهليت جون گهرجون ۽ ٻيا لاڳاپيل دستاويز EPADS جي پليٽ فارم ۽/يا مشهوري جي مقرر ڪيل ٻين ذريعن ذريعي دستياب ڪرايا ويندا.
- سامان سختي سان "جيئن آهي، جتي آهي" جي بنياد تي وڪرو ڪيو ويندو ۽ ان جي حالت، معيار، استعمال لاءِ موزون هجڻ، استعمال لائق هجڻ، مقدار يا باقي ماليت بابت ڪنهن به قسم جي ضمانت، گارنٽي يا خاطري نه ڏني ويندي.
- سڀني امڪاني آڇ ڏيندڙن لاءِ لازم هوندو ته نيلامي ۾ شرڪت کان اڳ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال، دادو ۾ موجود سامان جو فزيڪل معائنو ڪن. صرف آڇ جمع ڪرائڻ کي سامان جي حالت جي قبوليت تصور ڪيو ويندو.
- سڀني مقرر ڪيل شرطن ۽ ضابطن جي پوراڻي ۽ مجاز اختيارين جي منظوري سان، سڀ کان وڌيڪ صحيح ۽ موزون آڇ پيش ڪندڙ آڇ ڏيندڙ کي لاڳاپيل لاٽ/سامان جي وڪري لاءِ ڪامياب قرار ڏيڻ تي غور ڪيو ويندو.
- مجاز اختيارين/وڪري واري ڪميٽي کي لاڳو قاعدن مطابق ڪنهن به يا سمورين آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ، نيلامي جي عمل کي منسوخ يا ان ۾ تبديلي ڪرڻ، يا ڪنهن به شيءِ/لاٽ کي نيلامي مان واپس وٺڻ جو حق حاصل هوندو، ۽ جيئن قانون اجازت ڏئي، ان بابت ڪو به سبب ٻڌائڻ لازمي نه هوندو.
- ڪامياب آڇ ڏيندڙ کي مقرر ڪيل مدت اندر، آڇ/نيلامي جي دستاويزن ۾ ڄاڻايل طريقيڪار موجب، وڪري جي مڪمل رقم جمع ڪرائڻي پوندي. مقرر وقت اندر رقم جمع نه ڪرائڻ جي صورت ۾ آڇ منسوخ ۽، جتي لاڳو ٿئي، بئاهه/ضمانتي رقم ضبط ٿي سگهي ٿي.
- مقرر ڪيل وقت اندر رقم جمع نه ڪرائڻ جي صورت ۾ آڇ منسوخ ٿي سگهي ٿي ۽، جتي لاڳو ٿئي، آڇ جي ضمانتي رقم ضبط ڪئي ويندي.
- لاڳو سرڪاري ٽيڪس، ڊيوٽيون، محصول، سامان لاهڻ، منتقلي، ڪوٽائي جي ڌار ڪرڻ، مزدوري ۽ ٻيا سمورا ضمني خرچ، جيستائين نيلامي جي دستاويزن ۾ ٻي صورت ۾ ڄاڻايل نه هجي، ڪامياب آڇ ڏيندڙ پاڻ برداشت ڪندو.
- ڪامياب آڇ ڏيندڙ، مجاز آفيسر کان مناسب اجازت/منظوري حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي ذميواري ۽ خرچ تي نيلام ٿيل سامان کي ڌار ڪرڻ، لاهڻ، منتقل ڪرڻ ۽ اسپتال جي احاطي مان ٻاهر ڪڍڻ جو ذميوار هوندو.
- جيستائين وڪري جي مڪمل رقم ۽ لاڳو سمورا واجبات جمع نه ڪرايا وڃن ۽ مجاز آفيسر پاران لکت ۾ سامان ڇڏڻ جي اجازت جاري نه ڪئي وڃي، تيستائين اسپتال جي احاطي مان ڪو به سامان ٻاهر ڪڍڻ جي اجازت نه هوندي.
- آڇ ڏيندڙ نيلام ٿيل سامان کي ڌار ڪرڻ يا ٻاهر ڪڍڻ دوران اسپتال جي عمارت، لڳل سامان، بنيادي ڍانچي، اوزارن يا ٻين ملڪيت کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچائيندو. ڪامياب آڇ ڏيندڙ پاران ڪيل ڪنهن به نقصان يا خساري جي رقم قانون مطابق ان کان وصول ڪئي ويندي.
- لوهه جي سريي / اسٽيل ريبر جي مقدار موقعي تي موجود اصل مقدار ۽/يا وڪري وقت مجاز ڪميٽي/آفيسر پاران ڪيل ماپ يا وزن جي بنياد تي مقرر ڪئي ويندي.
- نيلام ٿيل سامان مجاز اختيارين پاران مقرر ڪيل مدت اندر هٽائڻو پوندو مقرر ڪيل مدت اندر سامان نه هٽائڻ جي صورت ۾ لاڳو شرطن ۽ ضابطن مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي.
- آڇ ڏيندڙ، جتي لاڳو ٿئي، سمورن لاڳو ٽيڪسن، رجسٽريشن ۽ ٻين قانوني گهرجن جي پوراڻي کي يقيني بڻائڻ جو مڪمل ذميوار هوندو.
- نيلامي ۾ شرڪت ڪرڻ کي نيلامي جي نوٽيس ۽ آڇ جي دستاويزن ۾ شامل سمورن شرطن ۽ ضابطن جي غير مشروط قبوليت تصور ڪيو ويندو.
- نيلامي/سامان جي وڪري واري عمل سان لاڳاپيل پيدا ٿيندڙ ڪنهن به تڪرار کي مجاز اختيارين/وڪري واري ڪميٽي پاران لاڳو سرڪاري قاعدن ۽ هدايتن مطابق حل ڪيو ويندو
- نيلامي جو عمل مقرر ڪيل EPADS/ اليڪٽرانڪ وڪري واري طريقيڪار ذريعي ڪيو ويندو، ۽ جتي لاڳو طريقيڪار تحت اليڪٽرانڪ آڇون لازمي هجن، اتي دستي يا آف لائن آڇون قبول نه ڪيون وينديون.

سڀني آڇ ڏيندڙن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته هو نيلامي سان لاڳاپيل ڪنهن به درستگي نامي، وضاحت، ترميم، شيڊول ۾ تبديلي يا ٻي اطلاع بابت EPADS پليٽ فارم کي باقاعدگي سان چيڪ ڪندا رهن.

شيڊول	
اشتهار جي تاريخ:	15_10_2026
وڪري واري سرگرمي جي ID	ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو
فزيڪل معائني جي تاريخ/وقت :	15_10_2026
آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت:	15_10_2026 تي 12 وڳي
آڇون کولڻ/اليڪٽرانڪ نيلامي جي تاريخ ۽ وقت:	15_10_2026 تي 12:30 وڳي
سوٽي رقم / سيڪيورٽي:	EPADS جي نيلامي جي دستاويزن ۾ مقرر ڪيل رقم مطابق
معائني جي جڳهه:	تعلقہ اسپتال KN شاهه
نيلامي جو هنڌ/طريقو:	EPADS/ اليڪٽرانڪ نيلامي

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو

چيئرمين ڪميٽي

INF/KRY.No.4366/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ٽنڊوآدم جمڙائو ڪئنال پرسان 20 ورهين جي نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ

اطلاع تي بيراڻي پوليس پهچي فرار مري پٽ گل حسن مري جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

شروعاتي رپورٽ موجب نوجوان کي 4 کان 5 گوليون لڳل، موٽرسائيڪل به ووڙنڻ جي فصل مان هٿ آئي

وارثن جو ڪنهن سان دشمني نه هجڻ جو دعوي، جوابدار گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊوآدم (ن ع) بيراڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ راجا خان مري جي رهواسي ريهن ورهين جي نوجوان فرار مري پٽ گل حسن مري جو جمڙائو ڪئنال پرسان گولين لڳل لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي بيراڻي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي بيراڻي اسپتال آندي جنهن بعد مقتول جو مڙهه پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ تعلقا اسپتال ٽنڊو آدم آندو جتي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو شروعاتي رپورٽ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

رانيپور: سخي قبول محمد جي درگاهه تي دعا گهري پئي وڃي

دراز شريف: سخي قبول محمد فاروقي جي ٻارهين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

مزار کي عرق گلاب سان غسل، نئون پڙ، غلاف ۽ چادر چاڙهي اجتماعي دعا گهري وئي

صوفي راڳين سچل سرمست جا ڪلام ۽ ڪافيون ڳائي اڳوڻي سجاده نشين کي ڀيٽا پيش ڪئي

رانيپور(ن ع) دراز شريف درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي اڳوڻي سجاده نشين سخي قبول محمد فاروقي جي ٻارهين ورسي عقيدت واحترام سان ملهائي وئي، مزار کي عرق گلاب سان غسل ڏئي نئون پڙ ۽ چادر چاڙهي وئي، سچل جي ڪلامن سان صوفي راڳين ڪيس کي ڀيٽا پيش ڪئي، رپورٽ موجب: درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي اڳوڻي سجاده نشين ڊاڪٽر

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ گهرو اڻبڻت تان 24 ورهين جي نوجوان مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد خانڻ شاهه ڪالوني جي رهواسي 24 ورهين جي نوجوان نجف علي ولد عزيز الله قاضي گهر ڀاتين سان ناراض ٿي پاڻ مٿان پسٽل سان فائر ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو سندس وارثن طرفان ڪيس سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي جنهن بعد لاش

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ڊي سي ساره جاويد اسپتال جو دورو ڪري رهي آهي

خيرپور ۾ ٻن گروپن وچ ۾ جهيڙو پوليس سان هٿين ٺوڪ ۽ پيچ ڏاهه ۾ ملوث جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران ٿاڻي شهيد مرتضيٰ ميراڻي جي حد ۾ ٻن گروپن وچ ۾ جهيڙي جو سختي سان نوٽيس پيچ ڏاهه ۽ پوليس سان هٿين ٺوڪ ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪيس داخل ايس ايس پي خيرپور جي حڪمن تي ڊي ايس پي سٽي جي سربراهي ۾ ايس ايڇ او ٿاڻو شهيد مرتضيٰ ميراڻي ۽ سندس ٽيم بروقت ڪارروائي ڪئي پوليس ٽيم ڪارروائي ڪندي جهيڙي دوران اسٽاف ڪوارٽر ۾ پيچ ڏاهه ڪرڻ ۽ پوليس سان هٿين ٺوڪ ۾ ملوث جوابدار محمد قاسم ولد محمد هاشم ٻرڙي کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪي سي سي آءِ چونڊن ۾ ڪامياب اميدوارن کي يحيٰ محمد جون مبارڪون

سمورن ڪامياب اميدوارن کي واپاري برادري جي مسئلن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي اميد

بي ايم جي اميدوارن جي ڪاميابي واپاري ۽ صنعتي برادري جي اعتماد جو اظهار آهي: يحيٰ محمد

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ڪراچي ڪسٽمز ايجنٽس ايسوسيئيشن (ڪي سي اي اي) جي صدر يحيٰ محمد، ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (ڪي سي سي آءِ) جي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ عامر منشا، سعد علي يونس ۽ بزنس مين گروپ (بي ايم جي) جي سمورن ڪامياب اميدوارن کي دلي مبارڪباد پيش ڪئي آهي پنهنجي جاري ڪيل مبارڪباد واري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

هوائي اڏن شاهراهن ۽ سرڪاري عمارتن جي بورڊن تي سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ ٻولي اٿارٽي جا خط

ميل پٿرن پلن ڦلاڻي اوورن گهٽين باغيچن ۽ روڊن جا نالا انگريزي ۽ اردو سان گڏ سنڌي ۾ لکڻ جي درخواست

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سول ايوئيشن اٿارٽي ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي کي خط روانا

حيدرآباد : سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هوائي اڏن موٽر وي، قومي شاهراهن جي ميل پٿرن سميت سنڌ جي سرڪاري عمارتن، شاهراهن لڳل بورڊن، پلن/ ڦلاڻي اوورن، گهٽين باغيچن ۽ روڊن وغيره جا نالا انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ لکڻ لاءِ خط لکيا ويا آهن اهڙا خط سول ايوئيشن اٿارٽي جي انتظاميا سميت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ ڪراچيءَ جي ميئر کي خط روانا ڪيا ويا آهن

ٽنڊوالهيار: حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري پاران سنجر چانگ فيڊر لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ جو اعلان

ڏيڍ سال ۾ 75 فيڊر لوڊشيڊنگ فري ڪيا آهن، عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن: فيض الله ڏاهري

سنجر چانگ فيڊر تي 1138 ڪنيڪشن ۽ 29 ٽرانسفارمر، ٽنڊوالهيار جلد لوڊشيڊنگ فري ٿيڻ جي اميد

حيسڪو ملازمن کي رشوت نه ڏيڻ، بجلي چوري کان پاسو ۽ بل بروقت جمع ڪرائڻ جي عوام کي اپيل

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) روشنين جو سفر جاري آهي 75 هون فيڊر لوڊشيڊنگ کان فري ڪري رهيا آهيون عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ حيسڪو ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي اهڙن خيالن جو اظهار حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري چمبڙ شهر جي سنجرچانگ فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو اڳواڻن چيو ته ڏيڍ سال جي عرصي ۾ اسان 75 هون فيڊر لوڊشيڊنگ فري ڪيو آهي جڏهن ته اڄ ٽنڊوالهيار ۾ چمبڙ سٽي جو ٽنڊو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ملير: پ پ ايم اين اي کي ڪردار ڪشي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ عورت جو مڙس جي ظلم خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ محبوب ميتلو جي رهواسڻ مسمات شگفته ميتلو پنهنجي ڀاءُ عبدالوحيد ميتلو سان گڏ خيرپور ۾ صحافين آڏو ٻڌائيندي چيو ته منهنجو مڙس حق مهر ۾ ڏنل زمين زبردستي وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر مون زمين وڪرو ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته منهنجي مڙس مون مٿان تشدد ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيو. مسمات

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

قمبر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف آل مگسي ويلفيئر اتحاد جي گورنر سنڌ سان ملاقات

آل مگسي ويلفيئر اتحاد جي وفد گورنر هائوس ۾ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪئي

فدا مگسي کان 125 موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ٿيڻ بابت آگاهه ڪيو

قمبر جي امن امان واري صورتحال بابت ڳالهائيندو ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ قدم کنيا ويندا: گورنر

قمبر (ن س) قمبر علي خان شهر ۾ مسلسل ٿيندڙ ڦرن ۽ شهرين کان موٽر سائيڪلون موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪرڻ خلاف آل مگسي ويلفيئر اتحاد جي وفد گورنر هائوس ۾ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪئي وفد ۾ چيئرمين رئيس قربان علي مگسي، وائيس چيئرمين خادم حسين مگسي، سرپرست ماما رمضان مگسي، ياسين مگسي، مشرف مگسي ۽ رضا جمالي شامل هئا. وفد گورنر سنڌ کي قمبر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ تازو ارشاد مگسي کان سي ڊي موٽر سائيڪل جڏهن ته فدا مگسي کان 125 موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ٿيڻ بابت آگاهه

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: ملڪيت تڪرار تان 10 ورهين جي ٻار تي مبينا پيٽرول هاري باهه

عبدالله ٽائون ۾ سرفراز مهر ولد اياز مهر کي مبينا باهه ڏيڻ سبب زخمي ٿي پيو

زخمي نينگر کي اسپتال منتقل ڪيو، وڌيڪ علاج لاءِ سکر منتقل، ايس ايس پي جو نوٽيس

شڪارپور(ڊ ر) ملڪيت جي تڪرار تان 10 ورهين جي ٻار کي مبينا طور پيٽرول هاري باهه ڏئي ساڙڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن ۾ سرفراز ولد اياز مهر سڙي زخمي ٿي پيو پوليس موجب شڪارپور جي لکي در ٿاڻي جي حد عبدالله ٽائون ۾ ملڪيت جي تڪرار تان 10 ورهين جي ٻار سرفراز مهر تي مبينا طور پيٽرول هاري باهه ڏني وئي، جنهن سبب هو سڙي زخمي ٿي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: جسقم چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جي صحافي عظيم سيال سان ملاقات

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پاران عظيم سيال جي بازيابي تي مبارڪباد ۽ خيريت معلوم ڪئي

سنڌ جي ورهاست قبول ناهي، 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ پرامن ريلي ڪنداسين: نياز ڪالاڻي

خانپورمهر (ن ع) جسقم چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي شهيد بشير خان قريشي جي خانپورمهر لڳ ڳوٺ علي احمد سيال پهچي سينئر صحافي عظيم سيال سان ملاقات ڪئي ۽ سندس بازيابي تي کيس مبارڪباد ڏني جڏهن ته سندس خيريت پڻ معلوم ڪئي، ان موقعي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته جسقم شهيد بشير خان قريشي طرفان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس ڪارروائي، قتل ڪيس ۾ ملوث اشتهاري جوابدار گرفتار

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پوليس جي بهترين ڪارروائي، قتل ڪيس ۾ ملوث اشتهاري جوابدار وقار علي جوڻيجو گرفتار، ايس ايڇ او ٿاڻو عبدالرحمان اتڙ ۽ سندس ٽيم پاران بهترين ڪارروائي ڪئي وئي، ٿاڻي عبدالرحمان اتڙ پوليس چيڪنگ دوران اتڙ دمر ديرسان ڪارروائي ڪندي قتل ڪيس ۾ ملوث اشتهاري جوابدار وقارعلي جوڻيجو کي گرفتار ڪري ورتو وياد رهي ته گرفتار جوابدار 05 جنوري 2025 ع تي پراڻي دشمني جي بنياد تي مقتول نديم جوڻيجو کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ شخص اسٽال تان شو پيس خريد ڪري رهيو آهي

مورو ۾ 31 عمره زائرين سان مبينا فراڊ ٿيڻ تي ٽريول ايجنٽ خلاف احتجاج

پير مجاهد علي شاهه سميت زائرين جون واپسي ٽڪيٽون نه هجڻ سبب ايئرپورٽ تان واپسي

ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ايف آءِ اي ۾ درخواستون جمع، ايجنٽ شرجيل جتوئي ۽ ساٿين خلاف ڪارروائي جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو درگاهه مجاهد آباد جي گادي نشين پير مجاهد علي شاهه ۽ سندس 31 عمره جي زائرين سان سکر ٽريول ايجنسي جو مبينه فراڊ خلاف سندس عقيدت مندن جو مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ايجنٽ خلاف ڪارروائي جي گهر ڪندي غلام مصطفي پٽي، شهمير خان سيلن آصف پٽي، نديم عنايت پٽي تاج محمد منگ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پان سيد آباد لڳ تيز رفتار ڊمر وين جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت

انڊس هاءِ وي تي چني موڙ وٽ تيز رفتار ڊمر وين موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڳوٺ روهڙي جو رهواسي حاجي بصرالدين برهماڻي موقعي تي فوت

فوتي جو لاش سرڪاري اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، وين ڊرائيور فرار

پان سيدآباد (ن ع) انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار ڊمر وين جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر نوجوان فوت، ڊرائيور فرار. تفصيل موجب پان سيدآباد پرسان انڊس هاءِ وي تي چني موڙ وٽ تيز رفتار ڊمر وين موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار پان ويجهو ڳوٺ روهڙي جو رهواسي حاجي بصر الدين برهماڻي موقعي تي فوت ٿي ويو. حادثي ڪانپوءِ فوتي جو لاش سرڪاري اسپتال پان سيد آباد منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. هوڏانهن حادثي بعد ڊمر وين جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو.

جيڪب آباد: حد دخلين جاٿايل دڪان سيل ڪيا پيا وڃن

نارٿ ڪراچي ۾ ڪار جي اندر فائرنگ ۾ هڪ شخص زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ڪراچي جي سر سيد پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ڪار جي اندر فائرنگ ۾ هڪ شخص زخمي ٿي پيو جنهن جي سڃاڻپ صبيح صديقي ولد جاويد جي نالي سان ٿي جنهن کي زخمي حالت ۾ نارٿ ڪراچي جي سيڪٽر 11-ڊي ۾ واقع ميڊي ڪال اسپتال پهچايو ويو جتي زخمين جي تاب نه سهندي فوت ٿي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بلديه ٽائون ۾ ڊگري ڪاليج کان 19 ڊي روڊ ٽائين شاهراهه جي تعمير جو ڪم شروع

هن اهم شاهراهه جي تعمير سان مقامي آبادي کي درپيش مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي

ترجيحي سهولتن جي واڌ ۽ سرسبز هنڌن ۾ اضافي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي بلديه عظميٰ ڪراچي بلديه ٽائون ۾ ڊگري ڪاليج کان 19 ڊي روڊ ٽائين اهم شاهراهه جي تعمير جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي هن منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان علائقي جي رهواسين کي آمدورفت ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جي خاتمي ۽ روزمرهه جي شهري مسئلن جي حل ۾ مدد ملندي ميئر ڪراچي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ روڊن جي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي بلديه ٽائون جي هن اهم شاهراهه جي تعمير سان مقامي آبادي کي درپيش

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

فيلڊ ٽيمون شهرين کي درپيش مسئلن جو جائزو وٺي رهيون آهن: ڪرم الله وقاصي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته شهرين کي درپيش بلدياتي مسئلن جو بروقت ازالو ۽ کين بهتر سفري توڙي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي بنيادي ترجيحن ۾ شامل آهي ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي شهر جي مختلف روڊن جي بهتري، کڏن جي مرمت ۽ کوٽائي سبب

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڪسٽم ايجنٽس جي ڪٺجاڻي بعد ورتل تصوير

مقصودو رند: ڪار ۽ گڏهه گاڏي ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا زخمي، 2 گڏهه مري ويا

نوابشاهه-شهدادپور روڊ تي پنجتن پاڪ پيٽرول پمپ وٽ ڪار ۽ گڏهه گاڏي ۾ ٽڪر ٿيو

گڏهه گاڏي تي سوار قلب علي رند ۽ حسن علي رند زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ۾ نوابشاهه شهدادپور روڊ تي پنجتن پاڪ پيٽرول پمپ اڳيان ڪار ۽ گڏهه گاڏي وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ۾ ٻه ڄڻا زخمي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻه گڏهه مري ويا خبر موجب مقصودو رند ۾ نوابشاهه شهدادپور روڊ تي پنجتن پاڪ پيٽرول پمپ سامهون ڪار ۽ گڏهه گاڏي وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪرٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڊي سي سانگهڙ سارا جاويد جو مراداڻ خاتون ۽ تعلقہ اسپتال جو دورو

مراداڻ خاتون اسپتال ۾ صحت سهولتون فراهم ڪرڻ جو سال مڪمل ٿيڻ واري تقريب ۾ شرڪت

ڊي سي مختلف وارڊن، ليبارٽري ۽ شعبن جو دورو ڪري طبي سهولتن جو جائزو ورتو

ٽنڊوآدم (ن ع) ڊي سي سانگهڙ پاران ٽنڊوآدم جي مراداڻ خاتون ۽ تعلقي اسپتال جو دورو. تقريب ۾ شرڪت رپوٽ موجب ڊي سي سانگهڙ ساره جاويد پاران مراداڻ خاتون اسپتال ٽنڊوآدم عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جو هڪ سال مڪمل ڪرڻ جي موقعي تي اسپتال انتظاميا پاران ڪوٺايل تقريب ۾ شرڪت ڪئي ، ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر محمد

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: اڳوڻي پ پ ايم پي اي بشير احمد سريوال جي لاڏاڻي تي تعزيتي سلسلو جاري

محمد نواز چانڊيو، سيد اعجاز شاهه بخاري، چام شبير علي جوڻيجو، نواب زبير احمد ٽالپر تعزيت ڪئي

بشير احمد سريوال جي بدين، حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان جي عوام لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رهنديون: اڳواڻ

گلاب لغاري(ن ع) اڳوڻي پيپلز پارٽي ايم پي اي ۽ بزرگ سياستدان بشير احمد لغاري (سريوال) جي لاڏاڻي بعد ڳوٺ ماڻڪ لغاري ۾ سندن وارثن اڳوڻي ڪمشنر شمس الدين لغاري ،زاهد خان لغاري ، تنوير احمد لغاري (سريوال) عديل احمد سريوال ۽ خالد احمد لغاري سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته تعزيت ڪندڙن ۾ پ پ ايم پي اي محمد نواز چانڊيو ،ايم پي اي سيد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: مرحوم بشير سريوال جي وارثن سان تعزيت ڪئي پئي وڃي

راضيديرو پرسان چونڊيل مڪاني نمائندي جي گهر مان چوري

ذوالفقار سيال جي گهر مان موبائل، ڪپڙا، بيٽري ۽ سون جا والا چوري

واقعي جو اطلاع پوليس کي ڏيڻ باوجود ڪارروائي نه ٿي، متاثر پاران چورن جا پيرا کڻڻ جي ڪوشش

راضيديرو(ن ع) راضيديرو لڳ ڳوٺ ميان جان محمد عباسيءَ جي رهواسي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪن ۽ اڳوڻي ٽائون ڪاميٽيءَ جي وارڊ بنگلو لاشاريءَ جي چونڊيل ميمبرذوالفقارسيال جي گهر نامعلوم چور داخل ٿي گهر جو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع اڳوڻي ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ويو پر اڳوڻي جي پوليس واقعي کي اڻڄاڻائي واري

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ اڳوڻي ايم پي اي سيد نور شاهه هاشمي جي ورسي ملهائي وئي

وارثن ۽ پ پ اڳواڻن مزار تي حاضري ڀري فاتحه خواني ڪري دعا ڪئي

والد سڄي زندگي پيپلزپارٽي ۽ عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪئي: پير امير علي شاهه هاشمي

مٽياري (ڊ ر) مٽياري شهر جي هاشمي خاندان سان تعلق رکندڙ روحاني، سياسي ۽ سماجي شخصيت، اڳوڻي ايم پي اي پير سيد نور شاهه هاشمي جي ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ان موقعي تي درگاهه سخي هاشم شاهه جي سجاده نشين پير سيد الهيار شاهه هاشمي پ پ ضلعي مٽياري جي صدر ۽ اڳوڻي ايم پي اي پير امير علي شاهه هاشمي، پير سوڏل شاهه

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا زخمي

عمراڻي لاڙي پرسان ٻن تيز رفتار موٽرسائيڪلن وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب قربان ڊومڪي، سندس گهرواري ۽ ٻه معصوم ٻار زخمي، اسپتال منتقل

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد عمراڻي لاڙي پرسان قومي شاهراهه تي ٻن تيز رفتار موٽر سائيڪلن وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڊيرا مراد جمالي جو رهواسي قربان ڊومڪي سندس گهرواري فريده سميت ٻن معصوم ٻارڙن سميت زخمي ٿي پيا جن کي موقعي تي موجود ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ ڪندي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

قمبر: آل مگسي ويلفيئر اتحاد جي وفد پاران گورنر سنڌ سان ملاقات دوران ورتل فوٽو

دادو: درزي مقبول عرف حبدار پنهور جي مبينا گمشدگي خلاف وارثن جو احتجاج

پوليس اهلڪارن شاهجهان پارڪ وٽان مقبول پنهور کي گرفتار ڪرڻ بعد گم ڪري ڇڏيو: مظاهرين

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد مقبول پنهور کي بازياب ڪرائي تحفظ فراهم ڪن

دادو(ڊ ر) دادو پرسان ڳوٺ مينهون خان پنهور جي رهواسين دلدار پنهور ، مٺل خان پنهور دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 5 ڏينهن اڳ شاهجهان پارڪ وٽ ڀاءُ مقبول عرف حبدار پنهور جيڪو درزي آهي جنهن کي دادو ڊي ايس پي علي اڪبر چنڙ جي پوليس اهلڪارن بناجواز شاهجهان پارڪ وٽ سري عام گرفتار ڪرڻ بعد گم ڪري ڇڏيو آهي ، 5 ڏينهن کان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور: جسقم پاران غيرقانوني افغانين جي نيڪالي ۽ نون صوبن خلاف احتجاج

آصف نظاماڻي، شڪيل نظاماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهيد فاضل راهو چوڪ تائين ريلي

افغان شهرين هٿان پورهيت پارمل ڪولهي تي تشدد واقعي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي: مظاهرين

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ جسقم پاران سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ افغانين کي نيڪالي ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آصف نظاماڻي شڪيل نظاماڻي، عديل نظاماڻي، حيدر راهمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي نظاماڻي پمپ کان شهيد فاضل راهو چوڪ تائين ڪڍي وئي، جتي شرڪت ڪندڙن نعريبازي ڪندي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا.

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي آر ڊي او ۽ گرو گرين نيٽ ورڪ جو اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ رعايتي قرضن جو مطالبو

اسٽيٽ بئنڪ کان گهٽ شرح سود تي آسان قرضن جي خصوصي پاليسي متعارف ڪرائڻ جي اپيل

آر ايل اين جي بدران شمسي ۽ هوائي توانائي، بيٽري اسٽوريج ۽ جديد گرڊ ۾ سيڙپڪاري تي زور

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي وليج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن (آر ڊي او)، انڊس ڪنسورشيم ۽ گرو گرين نيٽ ورڪ پاران اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کان اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ خصوصي رعايتي قرضن جي پاليسي متعارف ڪرائڻ ۽ آر ايل اين جي تي هلندڙ بجلي گهرن تي انحصار گهٽائي صاف ۽ مقامي توانائي کي هٿي وٺرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. خبر موجب اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج سکر ۾ ”درآمد ٿيل ايندھن کان آزادي: توانائي جو تحفظ ۽ صاف سفري سهولتون“ جي عنوان سان عوامي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قدم گاهه مولا علي اڏو پاڻي بيٺل آهي

پٿورو: اڪبر پٽي قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کان هٿيار هٿ اچڻ بعد وڌيڪ ڪيس داخل

الهڏنو پٽي کان پسٽل ۽ دلمراد پٽي کان ريپٽر هٿ، هٿيارن جي رڪوري بعد الڳ ڪيس داخل

گرفتار جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪري وڌيڪ جسماني ريمانڊ حاصل ڪيو ويو

پٿورو(ن ع) پٿورو لڳ ڀڄاءِ بند قبول شاهه ڳوٺ ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ مال جي پيل تان جهيڙي دوران چاچي ۽ سئوٽن هٿان قتل ٿيل اڪبر پٽي جي قتل ڪيس ملوث ٻن جوابدارن الهڏنو پٽي کان پسٽل ۽ دلمراد پٽي کان ريپٽر جي رڪوري بعد ٻي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري ڇڏيا گرفتار جوابدارن کي اڄ ڪورٽ ۾ پيش ڪري وڌيڪ ريمانڊ ورتو ويو گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي.

جيڪب آباد ۾ حدخلين خلاف ضلعي انتظاميه جي ڪارروائي، 37 دڪان ۽ 7 هوٽل سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سامر پاران ٻئي ڏينهن به حدخلين خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

ڪارروائي دوران روڊن مٿان وڌايل دڪن ۽ ڇپرن کي ڍاهي پٽ ڪري ۽ روڊن مٿان رکيل دخل هٽايا ويا

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ عوامي شڪايتن تي ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سامر پاران ٻئي ڏينهن به حدخلين ۽ روڊن مٿان غير قانوني طور پارڪنگ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي ڪارروائي ۾ ميونسپل ڪاميٽي جيڪب آباد ۽ اينٽي انڪروچمينٽ جي عملدارن حصو ورتو جنهن دوران روڊن مٿان

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ جلد ئي PUMHS جو نئون ڪيمپس ۽ جديد اسپتال قائم ڪيو ويندو: ضيا لنجار

مورو ۽ ان جي ڀرپاسي وارن شهرن کي بهتر طبي بنيادي ڍانچي جي سخت ضرورت آهي

8 ايڪڙ زمين حاصل ڪئي وئي آهي، منصوبي سان هزارين مقامي رهواسين کي طبي ۽ تعليمي سهولتون ملنديون

نوابشاهه ۾ پنهنجي والده جي پهرين ورسي جي دعا ڪانپوءِ ”لنجار هائوس“ تي ميڊيا سان ڳالهيون

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٽي)سنڌ جي گهرو قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته مورو ۾ جلد ئي پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (PUMHS) جو نئون ڪيمپس ۽ جديد ترين سهولتن وارو اسپتال قائم ڪيو ويندو جمع ڏينهن نوابشاهه ۾ پنهنجي والده جي پهرين ورسي جي دعا ڪانپوءِ ”لنجار هائوس“ تي عبرت اخبار سان ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري علائقي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ويجهو گلمنڊا پرسان ٻارڙي ڪلري واهه ۾ ڪري ٻڏي فوت

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ويجهو گلمنڊا پرسان ٻارڙي ڪلري واهه ۾ ڪري ٻڏي وئي سندس ڳولا جاري گلمنڊا لڳ ڳوٺ زنڪي خاصخيلي جي رهواسڻ 6 ورهين جي آفرين ڌيءُ محمد حسن خاصخيلي ڪلري واهه ۾ ڪري ٻڏي وئي ڳوٺاڻن جي اطلاع تي اسسٽنٽ مختيارڪار ٺٽو پهچي جائزو ورتو 1122 ريسڪيو جي ٽيم ۽ ڪينجهر ڪاڻ ٽوبا گهرايا ويا معصوم ٻارڙي ٻين عورتن سان گڏ ڪلري واهه تي ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ويل هئي جيڪا ٻڏي وئي، وارث مقامي ڳوٺاڻن پاران ريسڪيو ٽيمن سان گڏ ڪلري واهه ۾ ٻڏي ويل ٻارڙي جي ڳولا دوران لاش هٿ اچي ويو

ٽنڊو جام: پينشنر احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ۾ مالي بحران رٽائرڊ ملازمن جي بک هڙتال

پينشن نه ملڻ خلاف مظاهرين وي سي سيڪريٽريٽ آڏو بک هڙتال ڪئي

چيڪ تي صحيحون ٿي چڪيون آهن، جلد ادائيگي ٿيندي: يونيورسٽي ترجمان

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ مالي بحران شدت اختيار ڪري ويو رٽائرڊ ملازمن جي پينشن به جاري نه ٿي سگهي رٽائرڊ ملازم وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ آڏو سرڻ گهوڙي دائين بک هڙتال شروع ڪري ڇڏي، يونيورسٽي انتظاميه تي ڪرپشن جا الزام. خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ مالي بحران شدت اختيار ڪرڻ بعد رٽائرڊ ملازمن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اڏيرو لال: شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿيل نينگر جو لاش گهر ۾ پيل آهي

اڏيرولال: مائنر شاخ ۾ 7 ورهين جو معصوم نينگر ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ گامون ميرجت جو رهواسي 7سالن جو معصوم نينگر شڪيل احمد ولد خان محمد ميرجت ٿاڻو مائنر شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو وارثن موجب نينگر راند ڪندي پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويو جنهن جو لاش پاڻي مان ڪڍائي گهر منتقل ڪيو آهي نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو آهي

سڪرنڊ: سينيئر صحافي گل محمد ڪيريو جي مان ۾ سرهڻي سانجهه

اڳوڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ راحيل شيخ پاران گل محمد ڪيريو جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي خدمتن کي ڀيٽا

تقريب ۾ اجرڪن، لنگين ۽ هارن جا تحفا پيش، گل محمد ڪيريو جي جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) پي ٽي آءِ جي اڳوڻي ضلعي صدر راحيل شيخ پاران پي ٽي آءِ ليبر ونگ جي صوبائي نائب صدر ۽ سينيئر صحافي گل محمد ڪيريو سان سندس سياسي سماجي ۽ صحافتي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ شاندار سرهڻي سانجهه ملهائي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جڏهن ته فقير امام بخش

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۾ 2027ع جي داخلا لاءِ پري انٽري ٽيسٽ شروع

2هزار اميدوار مختلف انڊر گريجوئيٽ، پوسٽ گريجوئيٽ ۽ پي ايڇ ڊي پروگرامن لاءِ ٽيسٽ ڏئي رهيا آهن

مين ڪيمپس تي 2، 3 ۽ 4 آڪٽوبر، سانگهڙ ڪيمپس ۾ 9 ۽ 10 آڪٽوبر تي ٽيسٽ ورتي ويندي

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظير آباد ۾ سال 2027 ع جي نئين تعليمي سيشن لاءِ مختلف انڊر گريجوئيٽ، پوسٽ گريجوئيٽ ۽ پي ايڇ ڊي پروگرامز ۾ داخلا لاءِ آن لائين ڪمپيوٽر بيسڊ پري انٽري ٽيسٽ شروع ٿي وئي آهي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه يونيورسٽي ۾ قائم مختلف امتحاني سينٽرن جو دورو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ شهيد نسيم ڪرل ڊراما فيسٽيول جو شاندار آغاز

وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ ربن ڪاٽي فيسٽيول جو افتتاح ڪيو

پهرين ڏينهن ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل جو لکيل ڊرامو ”گنڊيل واردات“ پيش، فنڪارن جي اداڪاري کي ڀرپور موٽ

ادب، فن ۽ ثقافتي سرگرمين سان شاگردن کي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا ملن ٿا: وي سي

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ثقافت ڪاتي0 اسٽوڊنٽ سوسائٽي شهيد نسيم ڪرل يادگار ڪميٽي ۽ ڊراما آرٽسٽ فورم خيرپور جي سهڪار سان شهيد نسيم ڪرل يادگار ڊراما فيسٽيول جو شاندار آغاز ڪيو ويو اديب رضوي هال ۾ منعقد ٿيل فيسٽيول جو افتتاح يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ ربن ڪاٽي ڪيو افتتاحي تقريب ۾ ناميارو شاعر مختيار ملڪ ڊاڪٽر ابراهيم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: ٽنڊوآدم واسي جو بااثرن ۽ پوليس خلاف احتجاج، تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوآدم جو رهواسي پوليس ۽ بااثرن جي ڏاڍاين خلاف انصاف لاءِ ٽنڊوالهيار پهتو ٽنڊوالهيار ۾ احتجاج ڪندي ٽنڊوآدم واسي عمران راجپوت ميڊيا آڏو ٻڌائيندي چيو ته آئون واحد بخش سهتو جي زرعي زمين سنڀاليندو آهيان اسان جي زمين تي ٻه بااثر بشير ساند ۽ ملڪ حنيف پوليس وٺي آيا ۽ اسان جي ٿلهي جو فصل ڪٽي ويا جنهن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: روسي قونصل جنرل تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوڄام: سنڌ جي پائيدار ٻهراڙي ترقي ۾ صحافت جي ڪردار تي ايم فل ريسرچ سيمينار

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي اسڪالر زبير احمد ميمڻ پاران تحقيق پيش، صحافت جي ڪردار جو جائزو

ٻهراڙي وارن علائقن جا عوامي مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ تي تحقيق ۾ زور

ڊاڪٽر غلام مجتبيٰ خشڪ جي نگراني ۾ سيمينار، استادن ۽ شاگردن پاران تحقيق تي سوال ۽ تجويزون

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل سوشل سائنسز جي ڊپارٽمينٽ آف رورل سوشيالاجي ۾ ايم فل ريسرچ سيمينار منعقد ٿيو جنهن ۾ اسڪالر زبير احمد ميمڻ ”An Assessment of the Role of Journalism in Promoting Sustainable Rural Development of Sindh“ جي عنوان سان تحقيق پيش ڪئي، جڏهن ته سندس ڪلاس فيلو امتياز علي ڪوسو پڻ پنهنجي تحقيقي ڪم بابت پيشڪش ڪئي. زبير

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو ۾ نوجوان جو زمين جي تڪرار تان والد خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو ۾ زمين جي تڪرار تان نوجوان جو والد خلاف پريس ڪلب پهچي احتجاج، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ڪمال ديرو : بکري ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد بچل گاڏهي جي رهواسي علي رضا گاڏهي ڪمال ديرو پريس ڪلب پهچي پنهنجي والد سبحان گاڏهي خلاف الزام لڳائيندي چيو آهي ته بکري جي حد ۾ موجود زمين سندس والده جي نالي تي آهي جڏهن ته سندس والد اها زمين پنهنجي ٻي گهر واري جي نالي منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي علي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

قلعجي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، پيٽرول پمپ ملازمن کان ڦر

ٻن هٿياربندن پيٽرول پمپ ملازم نذير راجپوت کي يرغمال بڻائي 2 موبائل ۽ روڪ ڦر ڪري فرار

ڊي ايس پي وحيد مراد چانڊيو واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪيا

علائقي واسين جو ڦر ۽ چورين جي اڳوڻين وارداتن جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي ڳڻتي جو اظهار

قلعجي اسٽيشن (ن ع) قلعجي اسٽيشن شهر ۾ چورين ۽ ڦرن جو آزار ختم نه ٿي سگهيو پوليس ٿاڻي جي سامهون ٽائون ڪاميٽي قلعجي شهر جي وائيس چيئرمين راڻا خوشي محمد راجپوت جي پيٽرول پمپ تان ٻن هٿياربندن پيٽرول پمپ جي ملازم نديم راجپوت کي هٿيار جي زور تي يرغمال ڪري هزارين روپيا روڪ رقم 2 موبائيل سيٽ ڦر ڪري آسائي سان فرار ٿي ويا

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽرانسفارمرن هيٺان لڳل ٺيلها هٽايا پيا وڃن

بدين: جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جو اجلاس، ٻنهي جي تعاون ۾ تنظيم فعال بڻائڻ جو فيصلو

بدين، ماتلي، ٽنڊوباگو، تلهار ۽ گولاڙچي ۾ جلد تنظيمي باڊيون جوڙيون وينديون: عبدالحميد جوڻيجو

برادري ۾ اتحاد، تعليم جي واڌاري ۽ غريب مستحق خاندانن جي مدد کي تنظيم جا بنيادي مقصد قرار

بدين (ڊ ر) جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن ضلع بدين جو اهم تنظيمي اجلاس ضلعي صدر پروفيسر عبدالحميد جوڻيجو جي صدارت هيٺ جوڻيجو هائوس بدين ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي مرڪزي نائب صدر حاجي شفيع محمد جوڻيجو خاص طور

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

عبدالخالق ملاح پاران زمين بابت لڳايل الزام بي بنياد آهن، دستاويز موجود آهن: نبي بخش ملاح

بدين (ڊ ر) ڳوٺ ڪنڊڙي، ديهه ڏات، يوسي شهيد دودو سومرو جي رهواسي حاجي نبي بخش ولد عبدالحڪيم ملاح پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته يوسي ديهه اٽ ۾ سندس سروي زمين جيڪا 6 بلاڪ تي مشتمل آهي، سندس دعويٰ موجب هن خريد ڪئي آهي ۽ ان بابت سندس وٽ لاڳاپيل دستاويز ۽ ڪاغذات موجود آهن حاجي نبي بخش ملاح موجب، ڪالهه عبدالخالق ولد ڪمون ملاح پاران هڪ پريس ڪانفرنس دوران مذڪوره زمين بابت سندس خلاف ڪجهه الزام ۽ دعوائون سامهون آنديون ويون، جن ۾ زمين جي ملڪيت ۽ قبضي بابت اعتراض ڪيا ويا. حاجي نبي بخش ملاح انهن الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته سندس وٽ زمين جي خريداري ۽ ملڪيت بابت دستاويز موجود آهن ۽ هو معاملي کي قانوني طريقي سان

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ساڪرو: چام برادري جو نازيبا ٻولي ڳالهائڻ تي علي حسن زهري خلاف احتجاج

سردار چام عبدالڪريم جوکيو خلاف علي حسن زرداري نازيبا ڳالهائي آهي: مظاهرين

اسان پنهنجي سردار مٿان ڪجهه برداشت نه ڪنداسين، هر شهر ۾ احتجاجي مظاهرا ڪنداسين

ميرپور ساڪرو (ن ع) ميرپور ساڪرو ۾ ايم اين اي سردار چام عبدالڪريم جوکيوخلاف علي حسن زهري پاران نازيبا ٻولي ڳالهائڻ خلاف چام برداري جي پاڙن ۽ سندس حامين پاران سوين جي تعداد ۾ اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين ۾ حاجي احمد سمون رمضان ڪيرو سلطان ملاح وڏيرو ڪمال جوکيو ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

فيض گنج: 19 ايڪڙ زمين جو کاتو مبينا طور تبديل ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ معروف راڄپر جي رهواسين تپيدار مسعود شر تي مخالف ڌر سان ملي رڪارڊ ۾ ڦيرڦار جو الزام

ڳوٺاڻن جو زمين جي کاتي ۾ مبينا ڦيرڦار جي شفاف جاچ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

فيض گنج (ن ع) فيض گنج ۾ زمين جي کاتن ۾ هير ڦير ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج فيض گنج ڳوٺ معروف راڄپر واسي حبيب الله راڄپر بيگ محمد راڄپر محمد بنگل راڄپر پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي الزام لڳايو ته حد جي تپيدار مسعود شر مخالف ڌر سان ملي اسان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ کجور جو بهترين فصل لهڻ جي خوشي ۾ پورهيتن جي 15 ڪلوميٽر ريلي

سوين پورهيت 100 ڪلو کجورن سان ريلي ۾ شريڪ، مختلف هنڌن تي رقص ڪري خوشيءَ جو اظهار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ کجور جو بهترين فصل لهڻ جي خوشيءَ ۾ کجور منڊي جي سوين پورهيتن پاران کجور منڊي کان شاهه حسين قومي شاهراهه تائين 15 ڪلوميٽر ريلي ڪڍي وئي پورهيتن 100 ڪلو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: عورتون ريڙهي تان خريداري ڪري رهيون آهن

ڪوٽڏيجي ۾ چمڙي جي مرض کان بچاءُ لاءِ فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

گمبٽ (ت ر) ڪوٽڏيجي ۾ چمڙي جي مرض کان بچاءُ لاءِ فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي فري ميڊيڪل ڪئمپ تي ڪراچي لاڙڪاڻو گمس گمبٽ جا ماهر ڊاڪٽرن ڊاڪٽر ڪرامت علي ٿيبو سميت ڊاڪٽرن سوين مريضن جو مفت معائنو ڪري علاج ڪيو ميڊيڪل ڪئمپ سرائي امداد علي خان جعفري ميموريل چيريٽي ڪلينڪ تي لڳائي وئي هئي .

صحت مرڪزن تي اينٽي ريبيز ويڪسين وافر مقدار ۾ موجود آهي: پي پي ايڇ آءِ

آگسٽ ۽ سيپٽمبر دوران 3 هزار 135 ماڻهن کي ڪتي چڪ کان بچاءُ جي ويڪسين ڪئي وئي

ڪتي چڪ جي صورت ۾ زخم کي صابڻ ۽ وهندڙ پاڻي سان ڌوئي فوري طبي مرڪز سان رابطو ڪيو وڃي: ڊاڪٽر حسين

سڪرنڊ (س ر) ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايڇ آءِ شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر حسين سمون پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پي پي ايڇ آءِ سنڌ جاويد علي جاڳراڻي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٿاليپر ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ۽ ريجنل ڊائريڪٽر پي پي ايڇ آءِ شهيد

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

مورو پوليس جي ڪارروائي، روپوش جوابدار گرفتار، پسٽل ۽ روڪ رقم هٿ

مورو (ن ع) ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر ڪارروائي ڪندي مختلف سنگين ڪيسن ۾ گهربل پي او جوابدار قبول ولد گلشير بگٽ رهواسي عالم خان بگٽي کي گرفتار ڪري ورتو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.